


www.sindhsalamat.com
هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

## حلاوة الفم بذكر جوامع الكلم

## محبوب نبيءَ ﷺ جا مٺا ٻول

تاليف

امام العصر مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

## پبلشر

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

سنڌ سلامت

سنڌ جا سچٽو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو اٺيهون ڪتاب محبوب نبيءَ ﷺ جا مٺا ٻول اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم حضور ﷺ جي چوند حديثن تي مشتمل آهي. سنڌ جو عظيم محدث مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح هن ڪتاب جو مولف آهي.

اسان جي سنڌ جي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالرسول قادري کي الله تعاليٰ وڏا ڀاڳ ڏيندو. جنهن نه رڳو ” حلاوة الفم“ جو ترجمو ڪيو آهي پر هر حديث مبارڪ جي ترجمي ۽ سمجهاڻي هيٺان سنڌ جي ولي الله حضر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان حديث پاڪ جي معنيٰ ۽ مفهوم جهڙا سنڌي بيت به شامل ڪيا آهن. سچ پچ هي پنهنجي نوعيت ۾ هڪ جدارو ۽ تحقيقي ڪم آهي

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميه سائنس ڪاليج سکر جي اسٽنٽ پروفيسر محترم عبدالجبار شيخ صاحب جا، جنهن هن ناياب ڪتاب جو نسخو ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


- پنهنجي پاران
- مهاڳ
- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح جي زندگي
- متن حلاوة بذڪر جوامع الڪلم
- حمد ۽ صلواة
- مقدمو
- خوف ڪاهورين ڳوڙهو سڪي نه ڳل تان
- ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين
- دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا
- ٻچڙن سن ٻلائيون
- ٻاهر ٻاق نه نڪري
- تن مڃيو محمد ڪارڻي ﷺ
- ڌڪن ڦٽيان سڪ
- هارين هر سنباهيا
- مٿو آهين مڃ
- نگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سونهاءِ
- ڏينديس ٻاهه ٻنيور کي
- محبت پائي من ۾

- جيئن ڳنڍيون منجھ ڳنڍير
- هڻ پالا وڙهه پاڪرين، آٿي ڏال ۾ ڏار
- هو چونئي تون مَ چئو واتان ورائي
- جت شاهد ٿيندءِ سامهان
- ماريو تہ وسهان
- ٿئين هوند حلال
- توتي لڄ لطيف چئي. آهي سندي عام
- منهنجي مداين جي
- مَ ڪر سَت شراب جي
- گهوڙا تن گهوٽن جا
- پلائي سندو پير
- وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي
- پلي جائيون ماڙيون، سنديون صالحن
- جيڪي لالن لکيو لوح ۾
- ساري سک سبق
- ايو اڳرايون ڪرين، ماڳ مٺيو مسان
- منهنجي باغ بهار
- پار پچند ٿي خبرون
- ساڻ امانت اچ
- توري قوت قراريا

- آئون ٻـ اڳيري ٿيان
- اکيون منهن ميهار ڏي
- مٺيو وجهان وچ ۾
- هادي رکج حفظ ۾
- سکن کيا شهيد
- سا مجلس ٿي مٺ
- ويٺي جنين وٽ
- ڏوٿي انهين ڏيهہ جا
- تہ مسلماني ماڻين
- سودي جي صلاح
- کڏ تون دعا دل مان
- سيئي سهاڳڻيون
- سون ورنيون سوڍيون
- ليلا ليلائج
- کوڙيين کيا کيتراءِ انهن خر خوار
- هيءَ منهن ڏيئي ٻن
- ڏکيون جان نہ مڙن
- آئون نالي ڳيڙي نجهران
- کچ کمايم کوڙ
- کنين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ

- ساريو سڏ ڪندوم
- جنين ڏاند نہ ٻچ
- پانهپ جو پيڙين ۾، وکر وڌائون
- انهن جي اوطاق، وڃڻ مون واجب ٿيو
- دليون پرکي داسڙ
- ٽاٽان سندا توهہ
- سي آيتون آهين
- آهہ نہ سلن عام کي
- ڏورڻ منجهان ڏس
- هيرا لعل هٿن سين
- پير پروڙي ڪڻ
- اجهڻ جا افعال
- ڪسر چڏ ڪنوات
- مڏئي تي موهجي
- جف القلم ..... وهي قلم ويو
- قلب ساڻ لسان
- ماڙهو ڏيئي مهٽا، مون کي ڪندا ڪوهہ؟
- ٻول مَ وساريج
- وڃ ولهين ڏينهڙين
- پاٽي پوچ پٽن ۾



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

- ڳھوڙن ۽ گھوٽن
- سڀئي آڻ مَ شريڪ
- منھن ۾ مسلمان
- ٻھران زيب زبان سين
- مون پريان ڳالھڙي
- وڃڻ در دوستن جي، ھر ھر ھوڙائي
- پري جام جنت جو
- ھوند گولي تي گذاريان
- ڳنڍين سارو ڏينھن
- صاحب تنھنجي صاحبي، عجب جھڙي آھ
- سمنڊ سيويو جن
- مرڻ تن مشاھدو
- پلائي آھين پرين پلائي پانھنجي
- چڱا ڪن چڱايون
- موٽائي ھٽنئي نہ منھن تي
- مانجھاندي جو ماڳ
- ساڻ امانت اچ
- ادب ۽ اخلاق جا سڙھ ٻڌج سوري
- ولھيون ڍڪين وَلھا
- يار سڏائي سڀ ڪو



ھن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

- وڃي ڪجهي وس
- ڪاند وڏيائي ڪيڻ
- مِٺاڻ تو پيئي
- اُيو اُچي اچ
- هي جي ليڪا لوڪ جا
- ڏڪَ ۾ پسو ڏوٿيا
- چپ ڪر چپ ۾ چور
- رتي علم نہ راس
- خاموشي خبر ٿي
- من ماري ڪر ميڻ
- ڏمر وڏو ڏڪ
- جي نظر تو نيڪ
- مري جيءَ تہ ماٺيين
- صبر ۽ شڪر ڪيءِ هٿ ڪيو مون هاڻ
- شارڪ شڪ ۾ ني
- جن جي ساهڙُ ساڻ صلاح
- ڏول تنين جي ڏار، هيٺاهيون هلن جي
- پنهون ٿيس پاڻهين
- پر آئون بہ اڳيري ٿيان
- ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي

- ٻن ٻيائي کي وجهي، ڪر پريان جي تات
- تن ۾ تونس پرين جي، پيان نہ ڍاپان
- لاکي لڄ ڪنئي
- ڪليون ٿيون ڪنبن
- شادي ڏيندو صحت جي
- سو سيوئي ڏوهہ
- پا؟ي نيڻ نهار
- فائق هليا فردوس ڏي
- شريعت اسلام جا اصول ۽ نچوڙ چئن حديثن ۾ سمايل

# پنهنجي پاران

سڀ ساراهون جهانن جي جوڙيندڙ مالڪ مٺي مهربان کي سونهن ٿيون. جنهن ”ڪن“ جي حڪم سان ڪل جهان جوڙيا. ڪائنات جو ذرو ذرو هر وقت انب جي ئي واکاڻ ڳائي ٿو. هوئي اول به آهي ته آخر به ظاهر به آهي ته باطن به ڳجهي توڙي پڌري، هر شيءِ جي ڄاڻ وارو رحمان ۽ رحيم به رب، ساري ڪائنات جو حقيقي بادشاهه. سلامتي ڏيندڙ ۽ نگهباني ڪندڙ ان جو ڪوبه ڪم حڪمت کان خالي ناهي. سمنڊ توڙي خشڪي، آسمانن ۽ زمين هر هنڌ ان جي حڪمت جا نشان چٽا ۽ پڌرا آهن.

ڪروڙين درود ۽ سلام ڪائنات جي ڪارڻ ٽي، ٻنهي جهانن جي رحمت محمد مصطفيٰ ، احمد مجتبيٰ ﷺ مٿان پڙهجن. جن تي پاڻ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ رحمت ٿا موڪلين. جيڪي انسانذات جا عظيم محسن آهن. پاڻ ......انسان کي نه رڳو جنت جي واٽ ٻڌائي. بلڪ انهيءَ واٽ تي هلي به ڏيکاريو. پاڻ ڪريم ﷺ هر مخلوق لاءِ رحمت بڻجي آيا.

پيروي ڪندڙن تي پڻ سلام هجي

حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم. محبوب نبي ﷺ جا مٺا ٻول. ڪتاب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جا اهي 120 فرمان آنداويا آهن جيڪي ڏادا مختصر ۽ ٿورا لفظ آهن پر معنيٰ ۽ مطلب تمام گهڻو اٿن. اهي سڀ هدايت، نصيحت، عبرت، حڪمت ۽ ڏاهپ سان ڀرپور آهن.

سنڌ جو عظيم محدث مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح هن ڪتاب جو مولف آهي. حديث جي مختلف ڪتابن مان پاڻ ڪريم ﷺ جي مٿن ، سهڻن لفظن ۽ جامع ڪلمن کي چونڊي الف ب وار ترتيبن ڏيئي هڪ هنڌ

سهيڙيو اٿن. مخدوم هاشم ٺٽوي سنڌ جو اهو رجل جليل آهي جنهن عرب ۽ عجم ۾ حديث جي اساعت ۾ گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون.

اسان جي سنڌ جي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالرسول قادري کي الله تعالي وڏا ڀاڳ ڏيندو، جنهن نه رڳو ”حلاوة الفم“ جو ترجمو ڪيو آهي پر هر حديث مبارڪ جي ترجمي ۽ سمجهاڻي هيٺان سنڌ جي ولي الله حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان حديث پاڪ جي معنيٰ ۽ مفهوم جهڙا سنڌي بيت به شامل ڪيا آهن. سچ پچ هي پنهنجي نوعيت ۾ هڪ جداڳاڻو ۽ تحقيقي ڪم آهي. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ قرآن ۽ حديث جي مفهوم کي سموهيو آهي. اسان هر حديث کي جدا جدا صفحي تي انهي سهڻي انداز ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حديث پاڪ، ترجمو، سمجهاڻي ۽ آخر ۾ ان سان ٺهڪندڙ شاهه سائين جو شعر هڪ اهڙو ته سهڻو گلدستو تيار ٿي ويو آهي جو هن جهڙو ڪم سنڌي ادب ۾ ڀريون خير ڪونهي هجي. هڪ پاسي هي حديث مبارڪ جو سهڻو انتخاب ۽ ان جي سمجهاڻي آهي ته ٻئي پاسي هي شاهه سائين جي شاعري جو به هڪ سهڻو گلدستو آهي. فاضل مترجم هر حديث پاڪ جو عنوان به شاهه سائين جي شعر مان چونڊي ادبي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. مونکي اميد آهي ته سنڌي پڙهندڙن لاءِ هي مختصر ڪتاب رشد ۽ هدايت جو ڪارڻ ٿيندو ۽ اسان سڀني جو لاڳو سڄايو ٿيندو. شال الله پاڪ اسان سڀني جو هي پورهيو قبول فرمائي. آمين

جون 2009ع

قمر ميمڻ
سيڪريٽري
مهراڻ اڪيڊمي


هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# مهاڳ

بسم الله الرحمان الرحيم
الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ سيد الانبياء والمرسلين و عليٰ آله واصحابہ اجمعين

سنڌي جي مايہ ناز عالم ، مفسر، محدث، فقيه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جون علم حديث ۾ وڏيون خدمتون آهن. هميشہ درس حديث ڏيندو رهيو ۽ علم حديث ۾ سندس هيٺيان ڪتاب يادگار آهن.

1. صحيح بخاري تي مختصر تعليقات ، عربي
2. حياة القاري باطراف صحيح البخاري ، عربي
3. فتح الغفار بعوالي الاخبار عربي
4. تحقيق اسانيد حديث: اقتلوا الساحر والساحرة عربي
5. جنت النعيم في فضائل القرآن الڪريم عربي
6. رساله في شرح قوله عليہ السلام لعمار بن ياسر: ” ويح عمار تقتله الفئته الاباغية عربي
7. الحصن المنوع عما اورد عليٰ من ادرج الحديث الموضوع. عربي
8. حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم عربي

سردست هتي اسان ڪتاب ” حلاوة الفم“ جو تعارف، ترجمو،تخريج ۽ تشريح ڏئي رهيا آهيون. هر هڪ حديث مبارڪ جي ترجمي ۽ سمجهاڻي هيٺان مخدوم ٺٽويءَجي همعصر، ولي الله ۽ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان حديث جي معنيٰ ۽ مفهوم جهڙا سهڻا سنڌي بيت بہ شامل ڪياآهن. هڪ نئين زاويي ڪان نئين ڪوشش آهي.

حلاوة الفم:

مخدوم هاشم ٺٽوي هي ننڍو رسالو حديث بابت تاريخ 21 رجب 1171هجري (1758ع) ۾ لکيو. قلمي رسالي ۾ ست صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ ٽيرهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هرصفحي ۾ 35 سٽون ۽ سراسري طدور هر سٽ ۾ 16 لفظ آهن. ڪاتب رسالي جي منڍ ۾ مٿان عربيءَ ۾ لکيو آهي تہ: قابلناه بالاصل“ مطلب تہ هيءُ رسالو اصل ليکڪ جي دستخط قلمي نسخي تان پيٽي

لکيو ويو آهي. ان ڪري هيءُ رسالوڳ صحت جي لحاظ سان اهميت وارو ۽ صحيح نسخو آهي.جيتوڻيڪ ڪاتب پنهنجو نالو ۽ ڪتابت جو سال نہ لکيو آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا ۽ عڪس هنن ڪتب خانن ۾ موجود آهن. قادري لئبريري دڙي مگسي سڪرنڊ، ڪتابخانہ ڳڙهي ياسين، درگاهہ ٽنڊو سائينداد، ڊاڪٽري رحمت الله ابڙو لائبريري لاڙڪاڻو، مڪتبہ قاسميہ ڪنڊيارو، اورينٽل ڪاليج حيدرآباد، مدرسہ صبغة الهديٰ لائبريري شاهہ پور چاڪر، مڪتبہ مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي، سنڌالاجي لائبريري ڄامشورو ۽ جيلاني لائبريري اچ شريف.

مخدوم ٺٽويءَ هن عربي ڪتاب ۾ مٺي مرسل، نوري نبي پياري پيغمبر ﷺ جن جون پند ۽ نصيحت، عبرت ۽ حڪمت اخلاص ۽ هدايت سان ڀرپور هڪ سو ويهہ” جوامع الڪلم“ حديثون مختلف ڪتابن مان انتخاب ڪري الفب وار مرتب ڪيون آهن. مخدوم هاشم ٺٽوي هن ڪتاب ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ مقدمي ۾ لکي ٿو:

” الله تعاليٰ جي رحمت جو محتاج ۽ اميدوار محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي چوي ٿو تہ ..... بيشڪ مون هن ڪتاب ۾ هڪ سو ويهہ اهڙاسهڻا لفظ گڏ ڪيا آهن. جيڪي نبي پاڪ ( محمد رسول الله ﷺ ) جن چيا ۽ ڳالهايا آهن. انهن سهڻن ڪلمن ۽ جملن لفظن کي حديث شريف جي ڪن عالمن سڳورن بيان سان خاص ڪيو ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ چڱي پر ڪولي بيان ڪيو آهي.

مون هنڪتاب جوڙڻ ۽ حديثن سڳورين مرتب ڪرڻ جي شروعات تاريخ 21 رجب سن 1171 هجري (1758ع) ۾ ڪئي............من هن ڪتاب جو نالو رکيو آهي ” حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم“ يعني نبي سائين ﷺ جي جامع لفظن سان وات مٺو ڪرڻ.................

سهڻي نبي پاڪ ﷺ جي مٺي گفتار ۽ فصاحت بلاغت ايڏي تہ چٽي ظاهر آهي. جو ان لاءِ ڪنهن بہ شاهد جي ضرورت نہ آهي........ان ڪري هنن وڏن عالمن مٺي رسل ﷺ جي چوند وٽندڙ ۽ پر تاثير مختصر گفتار يعني حديثن کي پنهنجن ڪتابن ۾ جمع ڪيو آهي جيئن ابن سني، القضاعي ۽ ابن الاصلاح“.

مون هن ڪتاب ۾ نبي سڳوري جي انهن سهڻن لفظن ، جامع ڪلمن ، مختصر حديثن کي طالبن جي سهنجائي خاطر ۽ قرب وارن دوستن جي شوق ڏيارڻ لاءِ الف ب وار ترتيب ڏيو ويو آهي.

مخدومنتوي حديث، سيرت ۽ تاريخ جي مختلف وڏن ڪتابن جي جدا جدا باغن بستانن ۽ گلن گلستانن مان گلغنچا چوندي.حديثن جو هيءُ گلدستو جوڙيو آهي. جيتوڻيڪ رسول الله ﷺ جن جو ڪلام وحي الاهي آهي. حضور ﷺ جن جون حديثون بہ علم ۽ حڪمت جي نور سان پرپور آهن. پر مخدوم نتوي هن ڪتاب ۾ مختصر ، جامع،موقعي مناسبت سان ٿهڪندڙ معنيٰ خيز ۽ اهي چوند حديثون شامل ڪيون آهن. جيڪي عرب ملڪ يا اسالمي علمي دنيا ۾ عام مشهور پهاڪن، اصطلاحن ۽ محاورن طور استعمال ٿين ٿيون. حديثون مختصر پر جامع، هدايت جي نڪتن سان پرپور ۽ دل کي سرور بخشيندڙ آهن.

جهڙي طرح سنڌ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي برڪت ڀريئي رسالي ۽ بيتن مان مختصر سٽون گفتگو ۾ ڏاڍو رس پيدا ڪن ٿيون ۽ موقعي آهرگفتگو ۽ مضمون کي دلچسپ بنائن ٿيون. مثال طور محنت ۽ جاکوڙ لاءِ مشهور آهي:

” تتي ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي(شاهه)

يا ڀليڪار لاءِ چئبو آهي:

” الله اچن اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي (شاهه)

شاهه لطيف ۽ حديث نبوي:

اهڙي ريت مخدوم نتويءَ، حضور ﷺ جون مختصر ۽ جامع حديثون چونديون آهن ۽ اسان شاهه ڀٽائي جا بيت بہ ساڳئي حديث جي معنيٰ ۽ مفهوم وارا چوندي شامل ڪيا آهن مثال طور:

”اِتَّقِ اللهَ حَيثُ كُنْتَ “ (حديث)

ترجمو: جتي بہ هجين تہ الله کان ڊڄ

شاهه ڀٽائي بہ شاهڪار رسالي ۾خدا جي خوف کان روئڻ جي ساڳي ڳالهه ڪئي آهي تہ خدا جو خوف ڪان ڪاهوڙين يعني عبادت گذار صالحن کان ڳل تان ڳوڙهو بہ ڪونہ ٿوسڪي: ”خوفان ڪاهوڙين، ڳوڙهو سڪي نہ ڳل تان“

”اَلْخَمْرُ جِمَاعُ الْاِثْمِ “ (حديث)

ترجمو: شراب گناهن جي پاڙ آهي.

شاهه ڀٽائي به حديث جي روشنيءَ ۾ چوي ٿو ته : اسلام ۾ شراب حرام آهي انڪري شراب نه پيءِ. پر شراب جي سڌ به نه ڪر:

” مَ ڪر سڌ شراب جي، جي تون تارين توهه“

”اَلنَّدَمُ تَوْبَةٌ “ (حديث)

ترجمو: پشيماني توبهه آهي.

شاهه ڀٽائي به سر ليلا چنيسر ۾ گنهگارن انسان ڪي ليل جي روپ ۾ توبهه تائب ٿيڻ ۽ ليلائڻ جو درس ڏنو آهي. ته هي دنيا منٿ ۽ توبهه ڪرڻ جو ماڳ آهي:

”ليلا! ليلائيج، اتئي ماڳ منٿ جو “ (شاهه)

مخدوم هاشم ٺٽوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1102هه کان 1165هه) ٻارهين صدي هجريءَ جا هيرا ۽ همعصر آهن. مخدوم ٺٽويءَ جو نالو علمي دنيا ۾ سج وانگر روشن آهي. ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ به سنڌ جي شاعرن جو سرتاج آهي. سندس رسالو حق ۽ هدايت جي هيرن کاڻ آهي.

ڪامل ولي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (1152هه ـ 1192هه) سنڌ جي شاهه سيد عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس شاهڪار رسالي کي هنن لفظن ۾ ساراهيو آهي:

آهي عبداللطيف تي رضامند و رحمان
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ سولو ڪيو

حقيقت به اها آهي ته شهيد گرهوڙي بزرگ،ساهه ڀٽائي جي روهاني ۽ شرعي فڪر انگيز ڪلام کان متاثر ٿي چيو ته سيد عبداللطيف ڀٽائي تي رب رحمان جون رحمتون هجن. جنهن قرآن شريف جي ترجمي ۽ تفسير کي سولي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي رسالي ۾ سمائي ڇڏيو آهي.

خود شاهه عبداللطيف ڀٽائي به پنهنجي روهاني پيغام ۽ آفاقي ڪلام لاءِ چيو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نئو من لائين، پريان سندي پار ڏي

حقيقت ۾ شاهه جو رسالو شريعت ۽ طريقت، معرفت ۽ حقيقت جوخزانو آهي. رسالي جي پيغام کي معنيٰ جي لحاظ کان سنڌيبوليءَ ۾ قرآن جون آيتون ۽ تفسير چيوويو آهي. شاهه جي رسالي جا پارکو ليکڪ ٽرمپ ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ قليچ کان وٺي وفائي، قاسمي، علامہ قاضي، سرائي امداد علي، ڊاڪٽر سورلي ۽ ڊاڪٽر بلوچ تائين اها ڳالهه ڪندا آيا آهن.

”ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي“

شاهدي طور شاهه جي رسالي ۾ قرآن مجيد جون گهڻيون آيتون تضمين طور آيل آهن. ان ڪري رسالي ۾ ڏاڍي سونهن سمايل آهي.

پر اسان هتي نئين زاويي کان شاهه جي رسالي کي. صاحب قرآن حضرت محمد ﷺ جي حديثن مبارڪن جي روشني ۾ سمجهڻ ۽ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

مخدوم هاشم ٺٽويءَهن ڪتاب” حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم“ عربي ۾ هڪ سو ويهه مختصر حديثون چونڊي شامل ڪيون آهن. اسان هر هڪ حديث مبارڪ اصل عربي، ان جو سنڌي ترجمو ۽ پنهنجن لفظن ۾ انهن حديثن مبارڪن جي ٿورڙي سمجهاڻي ۽ فائدو لکي. آخر ۾ حديث نبويءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم موجب شاهه جي رسالي مان ساڳي معنيٰ ۽ مطلب وارا بيت شامل ڪيا آهن.

هوندئن تہ اڪثر ليکڪ قرآن جي آيتن جي معنيٰ موجب شاهه جا شعر چونڊي، مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن ۾ لکندا آيا آهن. پر هتي نبي پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ جي حديثن مبارڪن جي معنيٰ ۽ حديثن جي مفهوم جهڙا شاهه جا بيت شامل ڪري، هڪ جديد ڪوشش ۽ نواڻ ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ شاهه جي رسالي ۾ شاهه لطيف قرآن جي آيتن سان گڏ. نبي سائين ﷺ جون ڪيتريون حديثون بہ تضمين طور آنديون آهن. پر اڪثر ليکڪن ۽ شاهه جي پارکو شارحن شاهه جي رسالي ۽ بيتن کي نبوي حديثن مبارڪن جي معنيٰ ۽ مفهوم سان هڪجهڙائي ۽ پيش ڪرڻ جي ڪوشش گهٽ ڪئي آهي. گهڻو ڪري اها اسان جي پهرين ڪوشش آهي.

خاص ڳالهه تہ هر هڪ حديث مبارڪ جا عنوان بہ شاهہ جي رسالي جي بيتن مان ساڳئي معنيٰ ۽ مفهوم پٽاندر چونڊيا ويا آهن. گويا شاهہ جي بيتن جي چند لفظن ، اڌ سٽ يا سٽ ۾ سڄي حديث نبويءَ جي معنيٰ سمايل ۽ ان جي نشاندهي ظاهر ٿئي ٿي.

حديثن مبارڪن جا لفظ سهڻا، سليس، چٽا ۽ مطلب ظاهر آهي. پر هر حديث مبارڪ جي ترجمي جي هيٺان سمجهاڻي طور پنهنجن لفظن ۾ ٿوري وصاحت بہ ڪئي وئي آهي تہ جيئن ڳالهہ سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

حديثن مبارڪن جي تخريج مڪتبہ قاسميہ جي مطبوعہ نسخي ڪان اخذڪيل آهي.

شاهہ جا بيت، غلام محمد شاهواڻي، غلام مصطفيٰ قاسمي، علامہ آ[illegible]ءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ گنج رسالن مان ورتا ويا آهن. شاهہ جي بيتن ڪي ڳولڻ :اِءِ " شاهہ جو رسالو" (از عبدالغفار " گوهر" دائود پوٽو) ۽ " ڪشف الابيات" (از ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو) سامهون رهيا آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو علم حديث ۾ تحقيق ۽ مطالعي جو ڪمال هي آهي تہ هن ننڍڙي رسالي" حلاوة الفم" ۾ حديث جي مشهور محدثن ۽ ڪتابن امام محمد بن اسماعيل بخاري جي صحيح بخاري ڪان وٺي ابن المنير تائين 58 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن ۽ تحقيق جو معيار برقرار رکيو آهي.

مخدوم ٺٽويءَ جوايڏو مطالعو ۽ حديث نبويءَ ۾ايڏي تہ گهري نظر ۽ تحقيقي آهي. جو پاڻ ڪتاب جي آخر ۾ نتيجو ڪڍي لکي ٿو تہ:

"نبي پاڪ ﷺ جن شريعت جي متفرقات ۽ مختلف ڳالهين اسلام جي مکيہ اصولن کي رڳو هنن چئن حديثن ۾ گڏ ڪيو آهي

حديث: اِنَّمَاالاَعۡمَالُ بِالنِّيَاتِ( بخاري، مسلم)

ترجمو: عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.

حديث :اَلۡحَلَالُ بَيِّنٌ وَالۡحَرَامُ بَيِّنٌ

ترجمو: حلال پڌرو آهي ۽ حرام بہ پڌرو آهي (مسلم وغيره)

حديث اَلۡبَيِّنَةُ عَلَى الۡمُدَّعِیۡ وَيَمِيۡنُ عَلٰى مَنۡ اَنۡکَرَ

ترجمو: شاهد دعويٰ ڪندڙ فريادي تي آهن ۽ قسم انڪاري تي آهي.

حديث لَايُكْمِلُ اِيْمَانُ الْمَرْءِ حَتّٰى يُحِبُّ لِاَخِيْهِ يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ

ترجمو: ڪامل ايمان وارو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اها شيءِ پسند ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪري.( بشارع، مسلمؓ عا)

هنن چئن حديثن مبارڪن مان پهريون حديث مبارڪ عبادات واري حصي تي مشتمل آهي.

ٻي حديث مبارڪ معاملات دنيا جي ڪار وهنوار يعني واپار وڙي تي مشتمل آهي.

ٽئين حديث مبارڪ حڪومت هلائڻ بابت قاعدن قانونن تي مشتمل آهي.

۽ چوٿين حديث مبارڪ آداب ۽ انصاف تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ڏوهن کان روڪٿام به داخل آهي.

مقصد ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طرفان حضور پر نور نبي ﷺ جن جي جوامع الڪلم مختصر حديثن ۽ شاهه ڀٽائي جي هم معنيٰ ۽ مفهوم وارن بيتن ڏاڍو رس چس پيدا ڪيو آهي ۽ علم و عمل واسطي آساني ٿي پئي آهي.اميد ته نبي پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ جا امتي. هنن نبوي حديثن جي منن ٻولن کي پڙهي ۽ عمل ڪري ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ماڻيندا. آمين

سي پوڇارا پر ٿيا، سمنڊ سيويو جن
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن
لڏائون لطيف چئي، لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، مُل مهانگو ان جو

منٿي مرسل جي شفاعت ۾ اميدوار
طالب العلم

**عبدالرسول قادري بن مجنون خان مگسي**

ڳوٺ بخشو مگسي (ديهه7 دڙي مگسي)
يونين ڪائونسل ماروي
تعلقو سڪرنڊ، ضلعو نواب شاهه سنڌ

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي زندگي

الله تعاليٰ جي ٻاجھه سان سنڌ جي سهڻي سر زمين مان محبت ڀريا ماڻهو ۽ پرور پا جا ڦهتل پيارا ٻانها پيدا ٿيندا رهيا آهن جن جي جوت جڳ کي پي جرڪايو آهي.

هن ڪتاب جومصنف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌي رح ٻه سر امين سنڌ جو مايه ناز عالم ۽ ناميارو مصنف ٿي گذريو آهي. سندس علمي ادبي ۽ ديني خدمتون سر سبز سنڌ کان علاوه عرب و عجم ۾ سج جيان روشن آهن. اڄ ٻه سندس نالو علمي ۽ ادبي دنيا ۾ چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪي رهيو آهي. سندس علمي ڪتاب دنيا جي مشهور يونيورسٽي " جامعه الازهر" مصر ۾ نصاب طور پڙهاياوجن ٿا. (عبدالجبار جوڻيجو (ڊاڪٽر) سنڌيون اداره سنڌيات سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد 1970ع ص 61)

سندس شاگردن جو حلقو سنڌ سان گڏ بلوچستان افغانستان ايران ۽ حجاز مقدس مڪي مديني شريف تائين وسيع هو.( راوي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ڊائريڪٽر ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد) پاڻ اڄ کان اڍائي سو ورهيه کن اڳ سر زمين سنڌ جي شان ۾ ساراهه ۾ "مدح نامه سنڌ" نالي ڪتاب لکي. سنڌ جي مُٺ گهرن کي لاجواب ڪيائين ۽ سنڌ جوشان سوايو ڪيائين (مخدوم هاشم ٺٽوي " مدح نامه سنڌ" فارسي قلمي ص 1 ـ40) ڏزن کان وڏيڪ ڪتاب لکي. سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو ۽ اهل سنڌ تي احسان ڪيو.

مخدوم صاحب جي ذات گرامي ڪنهن ٻه تعارف جي محتاج نه آهي. سندن علمي عظمت جو اعتراف نه رڳو گڏيل هندستان جي علمي طبقي ڪي آهي. پر سڄي عالم اسلام ۾ ڪيس سنڌ جو وڏو محدث ۽ فقيهه سڏيو وڃي ٿو. مخدوم صاحب پنهنجي دور ۾ تصنيف، تدريس، تبليغ ۽ رشد و هدايت جي ذريعي اسلام ۽ مسلمانن جي جيڪا خدمت ڪئي ۽ بچرين بدعتن خلاف جهاد جو جهندو بلند ڪيو. تنهن ڪي ڏسندي سنڌ ۾ 12 صدي هجريءَ جو ڪيس "مجدد" سڏجي ٿه بجاءِ آهي.( غلام مصطفيٰ قاسمي" مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو وصيت نامو" ماهوار نئين زندگي پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي آڪٽوبر 1059ع ج 12 نمبر 10 ص 19)


هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

## خانداني احوال :

مخدوم صاحب جا وڏا اصل ۾ سنڌ جي قديم شهر سيوهڻ جا رهاڪو هئا. پر قسمت سانگي مخدوم صاحب جو والد لاڙ طرف لڏي اچي ٻنوري ۾ رهيو. جتي مخدوم صاحب ڄائو،نپنو،پڙهيو، وڏو ٿيو، اڳتي هلي ٺٽي ۾ وڃي اسريو، نسريو پڙهيو پرجهيو پروڙيو، پڇي پختو ٿيو ۽ رچي ريٽو ٿيو. لاڙ جو لال ٿي ايريو ۽ فيض عام ڏيڻ لڳو.

مخدوم صاحب جو نالو پيءُ جو نالو عبدالغفور ۽ ذات جو پهنور هو.پهنور حضرت حارث جو اولاد آهن (مير علي شير علي قانع ٺٽوي"معيار سالڪان طريقت" فارسي قلمي ص203) پر پاڻ پرپور علمي ۽ ديني خدمتنجي ڪري "مخدوم" سڏجڻ لڳو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي" محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن عبداللطيف بن عبدالرحمان بن خير الدين السندي البتورائي ثم البهر البهرامپوري ثم التتوي" ( مير علي شير قانع ٺٽوي "تذڪره مقالات الشعراء" فارسي مرتب سيد حسام الدين راشدي سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1957ع حاشيه 841)

## ولادت ۽تعليم :

مخدوم صاحب جي ولادت تاريخ 10 ربيع الاول 1104هه19 نومبر 1692ع تي لاڙ پٽ ٻنوري ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي علم فارسي عربي صرف نحو پنهنجي والد عبدالغفور وٽان پرايو. ان ڪانپوءِ ٺٽي شهر ۾ مخدوم محمد سعيد وٽ وچون درسي نصاب پڙهيو. آخر ۾ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي وٽ مڪمل نصاب پڙهي پورو ڪيو. ( خانبهادر محمد صديق ميمڻ " سنڌ جي ادبي تاريخ" آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد 1965ع ڇاپون انون ص 74) ان دوران مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور ٺٽي مان واپس پنهنجي شهر ٻنوري ۽ بعد ۾ ان جي ويجهو بهرامپور ڳوٺ ۾ ديني تعليم پڙهائڻ جي شروعات ڪئي. غالبًا اتي هالتون ناسازگار رهيون. تنهنڪري هن وڏي عالم ۽ استاد ڪي ٺٽي جهڙي مرڪزي شهر ۾ مدرسو ڪولڻ موزون لڳو.جو ته ٺٽو نه رڳو اڳ ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. پر علمي دنيا ۾ "عراق ثاني" جي حيثيت رکندو هو. (شيخ فريد بکري " ذخيرة الخوانين" فارسي پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي

ڪراچي 1970ع ج 2 ص 31) مخدوم صاحب ٺٽي ۾ رهي دين متين جي خدمت ڪرڻ ۽ عربي فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم جو في سبيل الله سلسلو جاري ڪيو.

**سفر حرمين ۽ طريقت جو سلسلو:**

جڏهن مخدوم صاحب جي عمر 31 ٿي تہ سن 1135هہ ۾ حرمين شريفين جي زيارت واسطي حجاز مقدس روانو ٿيو. اتي بہ وقت جي برک محدثن شيخ عبدالقادر مفتي مڪہ مڪرمہ ، شيخ يڏعيد بن علي الازهري، شيخ محمد بن عبدالله الفاسي ، شيخ علي بن عبدالملڪ الدراوي ۽ شيخ ابو طاهر مدني جهڙن مشهور استادن کان علم حديث ۽ تفسير ۾ سندون حاصل ڪيائين.

حرمين شريفين جي سفر کان واپسيءَ4 ۾ مشهور صوفي بزرگ سيد سعد الله قادري سورت بندر واري وٽ قادري سلسلي ۾ بيعت ڪري.خلافت جوخرقو ڊڪي.سن 1137هہ ۾ پنهنجي ماڳ ٺٽي موٽي آيو. ( مخدوم محمد هاشم ٺٽوي " بذل القوة في حوادث سني النبوة" عربي مرتب مخدوم امير احمد سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1966 ع مقدمو ص 7 کان 9)

**ديني خدمتون:**

مخدوم صاحب سفر حرمين ۽ قادري سلسلي ۾ خلافت کان بعد رات ڏينهن درس تدريس، ذڪر اذڪار ۽ تصنيف و تاليف ڏانهن متوجهہ ٿيو. وقت جي عالمن جي ڪتابن جو تحقيقي مطالعو، وقت جي حڪمرانن کي دين جي نصيحت، شرعي پابندي ۽ نفاذ شريعت لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪرڻ لڳو. نادر شاهہ بادشاهہ ۽ احمد شاهہ ابداليءَ کي سندن ظلم ۽ استبداد خلاف خط موڪليائين ( مخدوم محمد حاسم ٺٽوي " بناء الاسلام سنڌي مرتب فقير محمد اسماعيل ڪنياروفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي 1975ع ڇاپو ٻيو مقدمو (38

ان ڏس ۾ سندس سعيي سان ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي والي سنڌ کان سن 1172هہ ۾ شريعت جي پابندي بابت شاهي فرمان جاري ڪرائي، عملي زندگيءَ تي زور ڏياريائين (روزانہ الوحيد سنڌ آزاد نمبر سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1979ع ڇاپوبيو ص 32) سندس اهو هڪ ئي ڪارنامو سونهري حرفن ۾ لکڻ جهڙو آهي. وقت جي ڪن همعصر عالمن ۽

بينماٽهن سندس مخالفت ڪئي. پر هي مرد مجاهد، شدبريعت جو خادم ۽ عاشق رسول ﷺ همہ وقت سرتاپا شريعت پاڪ جي نفاذ، ديني خدمتن،درس ۽ تصنيف، قال الله ۽ قال رسول الله ﷺ جي شغل ۾ مصروف رهيو. مخدوم صاحب قاضي القضاء جي حيثيت ۾ فتويٰ نويسي ۽ شرعي فيصلا بہ ڪندو رهيو. هر روز ٽيپهري نماز بعد پنهنجي مدرسي واري هاشمي مسجد ۾ حديث نبويءَ جو درس ڏيندو هو. ۽ هر جمعي جي ڏينهن جامع خسرو ( دابگران واري مسجد) ۾ وعظ ڪندو هو ۽ جمعي جي نماز پڙهائيندو رهيو. اهڙيءَ ريت سندس زندگيءَ جو تائيم مقرر هو. سندس 24 ڪلاڪ ڪمن لاءِ وراهيل هوندا هئا ( روزانہ الوحيد سنڌ آزاد نمبر سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1979ع ڇاپو ٻيو ص 33)

سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن زندهہ ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چڱي طرح جاري هو. سندس وقت ۾ سوين ذمي ڪافر مسلمان ٿيا. ( مير علي شير قانع ٺٽوي تاريختحف الڪرام فارسي مطبع ناصري ج 3 ص 230)

### مدرسو ۽ شاگرد :

مخدوم صاحب جو مدرسو ؟“ دارالعلوم هاشميہ” (ڊاڪٽر محمد جمن تالپر سنڌ جا اسلامي درسگاهہ“ سردار پريس حيدرآباد 1982ع ص 238)وچ شهر ۾ اگر محلي ۾ هو. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع هو. جي مخدوم صاحب علم جو چنڊ هو تہ سندس ساگرد بہ علمي آسمان جا چمڪندڙ ستارا هئا. سندس چند مشهور شاگردن جا نالا هي آهن مخدوم عبدالرحمان، مخدوم عبداللطيف، مخدوم عبدالله نرئي وارو، مخدومعبدالخالق ٺٽوي، ابو الحسن صغير ٺٽوي مدني، فقير الله علوي شڪارپوري، ميون عزت الله ڪيريو چوڙياروي، شيخالاسلام مراد سيوهاڻي، سيد شهمير شاهہ مٽياروي، مخدوم مئيڏنو نصرپوري سيد صالح شاهہ گهوٽڪي وارو ۽ نور محمد خستہ ٽڪڙائي.

### تصنيف ۽ تاليف :

مخدوم صاحب قلم و قرطاس جو صاحب ۽ وڏو مصنف هو. سندس

لکيل هزارين تحريرون ۽ سيا تي سو کن ڪتاب يادگار ڇڏيائين ( غلام رسول مهر ” تاريخ ڪلهوڙا سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1958ع ج 2 ص 993) هر مسئلي تي سندس تحريرون موجود آهن. سندس ڪتابن مان تفسير هاشمي، بياض هاشمي، حياة القاري باطراف البخاري، مظهر الانوار، فاڪهة البستان، قوت العاشقين ۽ فرائض الاسلام علمي دنيا ۾ مشهور ڪتاب آهن. مخدوم صاحب جي ڪيترن عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتابن کي ايڊٽ ڪري محققن پي ايچ ڊي جو ڊگريون حاصل ڪيون آهن.

تڪملہ مقالات الشعراء ۾ مخدوم صاحب جي ڪرامتن جو بہ ڪافي ذڪر آيل آهي( مخدوم محمد ابراهيم خليل تڪملہ مقالات الشعراء فارسي سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1958ع ص 43)

## ڪتب خانو:

مخدوم صاحب فڪر و فهم ، علم و عمل، مطالعير ۽ ڪتابي دنيا جو عاشق هو.وٽس تفسير، حديث، تصوف، فقہ ، تاريخ ۽ لغت وغيره هر فن تي وڏا وڏا ڪتاب موجود هئا. سنڌ جي عالمن جا اڪثر سنڌي ڪتاب بہ محفوظ هئا. مخدوم صاحب پنهنجي تصنيفات مظهر الانوار ۽ فاڪهة البستان ۾ بہ حوالي طور آيل سون ڪتابن جا نالا فن وار آندا آهن. ( مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ” مظهر الانوار“ عربي قلمي، فاڪهة البستان عربي) بياض هاشمي ۾ گويامخدوم صاحب ڪتابي حوالن ۽ علم جو خزانو پلٽيو آهي (مخدوم هاشم ٺٽوي ” بياض هاشمي ” قلمي) مخدوم صاحب جي هڪ تحرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ چار هزار ڪتاب پڙهي هي نتيجو ڪڍيو اٿن لکن ٿا:

” چار هزار ڪتاب پڙهيم“ انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم:

هڪ هيءَ تہ اي منهنجا نفس! خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرين تہ ڪر، نہ تہ ان جو رزق نہ کاءُ“

ٻي هيءَ تہ اي منهنجا نفس! جنهن کان خدا تعاليٰ روڪ ڪئي آهي ان کان پاسو ڪر نہ تہ ان جي ملڪ مان نڪري وڃ“

ٽئين هيءَ تہ اي منهنجا نفس جيڪي ازلي قسمت کان توکي پهچي ان تي صبر ڪر، نہ تہ کو ٻيو خدا ڳول، جيڪو توکي روزي وڌائي ڏي.

چوٿين ڳالهہ هيءَ تہ اي منهنجا نفس! جي گناهہ جو خيال ڪرين تہ کا



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

اهڙي جاءِ تلاش ڪر، جتي توکي خدا نه ڏسي نه ته گناهه نه ڪر. (غلام مصطفيٰ قاسمي“ منهنجي علمي دائري” سه ماهي الرحيم سنڌي شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد 1966ع نمبر 3 ص 27 ـ28)

**شعروشاعري:**

مخدوم صحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو وڏو شاعر هو، پر سندس شاعري جو محور الله جو رسول جو اهڃاڻ ۽ شريعت جي سچاڻ سمايل آهي. الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي ديني خدمتن ۾ ايترو مشغول رکيو، جو ڪيس سڄي عمر ڪنهن دنيادار بابت شعر چوڻ جي نوبت ئي ڪانه آئي. سندس عربي شاعري ۾ ثمانيه قصائد در مدح نبي ﷺ ۽ قوت العاشقين ۾ آيل عربي شعر مشهور آهن. سنڌي شاعري جي حوالي سان سندس سمورا سنڌي ڪتاب منظوم اڳوٽي سنڌيءَ ۾ آهن ۽ سندن فارسي شاعري مقالات الشعراء مدح نامه سنڌ ۽ رسالي رشف الزلال ۾ موجود آهي.

**عشق رسول ﷺ:**

مخدوم ٺٽوي عالم باعمل، گفتار ۽ ڪردار جو صاحب ۽ عاشق رسول ﷺ هو. سندس هر هڪ عمل الله ۽ سندس رسول ﷺ جو مظهر هو. سندس عربي، فارسي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جو عشق ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. مخدوم صاحب سڄي سردار ڪي سڪ مان صدائون ۽ پياري پيغمبر ڪي پرت مان پڪارون ڪيون آهن.

سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي عشق رسول بابت هي واقعو هر ننڍي وڏي جي زبان تي عام آهي ته: مخدوم صاحب جڏهن حرمين شريفين جي سفر دوران ديار حبيب مديني منوره ۾ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ سڪ مان سلام پڙهيو ته روضي مبارڪ مان حيات النبي ﷺ طرفان ڪيس سلام جو جواب مليو ۽ ائين ڪيڪاريو ويو ته ”يلي آئين محمد هاشم ٺٽي وارا“ چو ته حرم نبوي ﷺ ۾ محمد هاشم نالي وارا ٻيا ماڻهو به حاضر هئا. ( مخدوم محمد عاقل عرف پير محمد ڪهڙائي“قصص اولياء سنڌ” سنڌي قلمي ص 124)

مولوي دين محمد وفائي هن روايت جي باري ۾ تصديق ڪندي لکيو آهي ته مخدوم صاحب ڪي مديني منوره جي رهڻ واريزماني ۾جمعي رات 9

رجب 1136هجري ۾. حضور ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو.جنهن جو ذڪر(مخدوم صاحب) پنهنجي بعض تصانيف جي حاشيه ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجي دستخط سان اها ياد داشت لکيچڏي آهي( مولوي دين محمد وفائي ” تذڪره مشاهير سنڌ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1985ع ج 2 ص 255)

جيتوڻيڪ هن واقعي جو احوال تحفة الڪرام يا ٻئي ڪنهن همعصر تاريخي ڪتاب ۾ ڪونہ ٿو ملي. پر هي واقعو ايتريقدر مشهور تواتر جي حد تي پهتل آهي. جو ان جو انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.سنڌ ۾ اهو پليڪار واروواقعو مخدوم صاحب جي علمي عظمت ۽ عشق رسول ﷺ بابت مثال طور ڏنو ويندو آهي ۽ سالن ڪان سنڌ ۾ سيني بہ سيني هلندو آيو آهي.

## وفات،مدفن ۽ اولاد :

مخدوم صاحب ستر سالن تائين دين مبين جي عملي خدمت ڪندو رهيو. سندس وافت تاريخ 6 رجب 1174هه (9 فيبروري 1761ع ) ۾ ٺٽي شهر ۾ تي. ٺٽي لڳ مڪلي ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. سندس مزار اڄ بہ اهل دل لاءِ زيارت گاهہ ۽ دلي سڪون جو ذريعو آهي( مخدوم عبالطيف ٺٽوي“مناقب مخدوم هاشم ٺٽويفارسي قلمي ص 2)

سندس وفات تي ڪيترن ناميارن شاعرن دلسوز تاريخي شعر چيا آهن. هينين سٽن مان سندس وفات جو سن نڪري ٿو.

محمد رحيم ٺٽوي

درجوارِ مصطفيٰ ماوي يافت (1174هه)

غلام علي بيگ ٺٽوي

طائرقدس بفردوس محمد هاشم

محمد پناهہ رجا ٺٽوي

بهشتش داد ايزد منزل جاهہ

محمد رفيع ٺٽوي

گل شد مشعل دين رسول ﷺ

محمد حسين ٺٽوي

جعل الله جنة مثواهِ

مخدوم صاحب جي قبرستان ۾ سندس خاندان ۽ پونير بہ مدفون آهن. مخدوم صاحب کي بہ فرزند عبدالرحمان ۽ عبداللطيف هئا. اهي بہ پنهنجي دور جا بهترين عالم، مفتي، مصنف پرهيزگار ۽ والد جي نقش قدم تي هلندي. تادم آخر ديني خدمت ڪندا رهيا. هن وقت مخدوم صاحب جي پونيرن مان ڪوبہ نہ رهيو آهي. البتہ سندس مزار ۽ ڪتاب يادگار آهن. مخدوم صاحب جي مزار مبارڪتي بجلي، پاڻي وغيره جو سنو انتظام آهي. مزار سان لڳ هاشمي مسجد ۾ پيش امامقرر ڪيو ويو آهي. اهو انتظام ضلعي ڪائونسل ٺٽي طرفان ڪيل آهي.

**همعصر:**

مخدوم صاحب ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ساڳيو زمانو ڪلهوڙا حڪمرانن جو مشهور دور رهيو آهي. مخدوم صاحب جا همعصر بہ الله جا پيرا پهتل ٻانها، وقت جا وڏا فياض عالم ۽ شيرين زبان شاعر ٿي گذريا آهن. جيئن مخدوم محمد معين ٺٽوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد قائم ٺٽوي مدني، محمد روح الله بکري، مخدوم محمداسماعيل پريالوي، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي هالائي، مخدوممحمد زمان لنواري وارو، ابوالحسن ڏاهري، سيد موسيٰ شاهہ گهوٽڪي، مير شير علي قانع ٺٽوي، محمد پناهہ رجا، مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪهڙائي، ميون محمد مبين چوٽياروي ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي.

**شخصيت ۽ عظمت:**

مخدوم صاحب جي دور جو همعصر مشهور مورخ مير علي شير قانع مقالات الشعراء فارسي ۾ رقمطراز آهي:

” مخدوم صاحب وڏي شان وارو، برڪت ڀري ذات وقت جي عالمن جو اڳواڻ هو. دين متين جي قانون جي ترويج ۽ اسلام جي بنيادي احڪامن جي استحڪام لاءِ ڪوشش ۾ مصروف رهندو هو. جڻ تہ سندس ئيزماني ۾ دين اسلام جي تجديد واقع ٿي......هند ۽ سنڌ عرب ۽ عجم ۾ ناميارو ۽ سيئي


هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

پهلوئن ڪان سندس ذات شرف شان واري هئي. (مير عيل شير قانع ٺٽوي“تذڪره مقالات الشعراء” فارسي سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1975ع ص 841 ـ842) مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن مخدوم صاحب جي شخصيت بابت لکي ٿو:

” هن هندوستان ۽ عربستان جو سير ڪيو هو ۽ عربي ۽ فارسي ٻوليون ۽ فقه چڱي طرح سکيو هو. چون ٿا تہ مسافري دوران هن عيسائي پادرين سانم ڪيترائي مناظرا ڪيا ۽ُ سندن مذهب خلاف رسالا لکيا. هو هينئر هڪ وني ڪري ليکيو وڃي ٿو. هن جو مڪلي جي ٽڪريءَ تي مقبرو آهي ۽ پنهنجي وطن لاءِ هڪ زيارتجي جاءِ آهي.( رچرڊ برٽن“سنڌ ۽ سنڌوماتريءَ ۾ وسندڙ قومون” مترجم محمد حنيف صديقي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1976ع ص 77)

برٽن جو هي اقتباس نهايت قيمتي آهي جو هڪ انگريز مصنف مخدوم صاحب جي علمي عظمت جي باري ۾ شاهدي ڏئي رهيو آهي.

موجوده وقت جو مشهور محقق ۽ مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مخدوم صاحب جي شخصيت ۽ علميت جي باري ۾ لکي ٿو:

” سنڌ جي سرزمين جيڪي چوٽي جا عالم پيدا ڪيا. تن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ نهايت ئي ناميارو عالم هو. سندس شخصيت ۽ علميت سنڌ لاءِ باعث فخر آهي. مخدوم صاحب جون ديني ۽ علمي خدمتون ايتريون تہ اهم ۽ وسيع آهن. جو انهن تي مسلسل تحقيق جي ضرورت آهي. ديني علمن تفسير ، حديث فقه وغيره تي ڪيس عبور حاصل هو. ۽ انهن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيائين. عربي ۽ فارسي کانسواءِ سندس سنڌي تصنيفن جو معيار، علميت توڙي ٻولي ۽ لغت جي لحاظ سان ايترو تہ بلند آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ ۾ پڻ مخدوم صاحب جو مقام نهايت بلند آهي. (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ” مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ڪي ويچار” ٽماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوروج 34 نمبر 41985ع ص 131)

موجوده دور جو ٺٽي ۽ مڪلي جو عالم ۽ مصنف تحفة الزائرين ۾ لکي ٿو:

” ٻارهين صدي هجري ۾ ٺٽي هڪ عظيم البرڪت هستي سر زمين سنڌ کي ڏني، جنهن جي ڪري سنڌ کي چار چنڊ لڳي ويا. هي هستي مخدوم المخاديم، سنڌ الاقليم،مجدد ماه ثاني عشر،ملجاء الفقهاء والمحدثين زبدة العلماء الراسخين حضرت علامہ الحاج محمد هاشم ٺٽوي رح آهي.“

( ابوالسراج محمد طفيل احمد ٺٽوي ”تحفة الزائرين“ اردو احمد برادرسناظم آباد ڪراچي 1988ع حصو چوٿون ص 246)

سنڌ سلامت

# متن

# حلاوة الفم بذكر جوامع الكلم

## محبوب نبيءَ ﷺ جا مٺا ٻول

# حمد ۽ صلواة

## بسم الله الرحمان الرحيم

سڀ ساراهه الله تعاليٰ کي سونهين، جو پنهنجي ذات صفات ۾ هڪ آهي. ان نبي(محمد ﷺ)تي صلواة ۽ سلام هجي. جنهن کان بعد ڪو بہ نبي اچڻ وارو ڪونهي. سندن آل اصحاب ۽ پيروي ڪندڙن تي بہ رب سائين جون رحمتون وسنديون رهن. (آمين)

**ڪتاب مرتب ڪرڻ جو سال ۽ نالو:**

الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ۽ سچي سردار ﷺ تي درود ۽ سلام کانپوءِ پاڪ پالڻهار بي پرواهه الله جي رحمت جو محتاج ۽ اميدواربانهو محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽويءَ چوي ٿو تہ هر گهڙيءَ ۽ هر قوت الله تعاليٰ ان جوساٿي ۽ مددگار رهي. آمين

بيشڪ مون هن ڪتاب ۾ 120 اهڙا سهڻا لفظ گڏ ڪيا آهن جيڪي نبي پاڪ ﷺ جن چيا ۽ ڳالهيا آهن. انهن سهڻن ڪلمن جملن ۽ لفظن کي حديث شريف جي ڪن عالمن سڳورن بيان سان خاص ڪيو ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ چڱي طرح کولي بيان ڪيو آهي.

مون هن ڪتاب جوڙڻ ۽ حديثن سڳورين مرتب ڪرڻ جي شروعات تاريخ 21 رجب سن 1171هـ(1758ع) ۾ ڪئي. حضور پرنور ﷺ تي بهترين صلوات ۽ سهڻا سلام هجن.

مون ڪتاب جو نالو رکيو آهي“ حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم“ مطلب تہ نبي سائين جي جامع لفظن سان وات مٺو ڪرڻ، الله تعاليٰ کان هر قوت مدد گهران ٿو ۽ اهو ئي توفيق ڏيندڙ ۽ مدد ڪندڙ آهي.



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

## مقدمو

هيءَ ڳالهه ڄاڻڻ ضروري آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ مٺي زبان ڳالهائڻ وارا وڏا فصيح ۽ بليغ هئا. الله تعاليٰ جي پيغام پهچائڻ ۽ ادا ۾ تمام تکڙا هئا. سندن مٺي گفتار ۽ رفتار ۾ ڪو به سندن مٽ نه آهي. سندن فصاحت ۽ بلاغت جي بلندي ۽ انهن جي پهچ ۽ انتها جي ڪنهن کي به پروڙ ڪانهي. ان ڪري گهڻن عالمن سڳورن چيو آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن جون سڀ سهڻيون حديثون سمورو ڪلام جامع لفظن ۽ عجيب حڪمت پريل ڳالهين سان ٽمٽار آهن.

سڄي ڳالهه جو نچوڙ هي آهي ته سهڻي نبي ﷺ جي مٺي گفتار فصاحت بلاغت ايڏي ته چٽي ظاهر آهي. جو ان لاءِ ڪنهن به شاهد جي ضرورت نه آهي ۽ ان ڳالهه ۾ ڪنهن پنهنجي ۽ پرائي جي انڪار ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي نه ٿي سگهي.

هنن وڏن عالمن سڳورن نبي پاڪ ﷺ جن جي مختصربي مثال ۽ عجيب ڪلام حديثن مبارڪن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڪتابن ۽ تصنيفن ۾ انهن کي شامل ڪيو آهي جيئن:

1. ابن سني(حافظ ابوبڪر احمد بن محمدبن اسحاق الدينوري الشافعي وفات 364ھ75، 974ھ)
2. قضاعي (قاضي ابو عبدالله محمد بن سلامة القضاعي وفات 454ھ کان 1062ھ)
3. ابن صلاح (حافظ ابو عمرو عثمان بن عبدالرحمان الشهزوري وفات 643ھ 1246، 45)

مون هن ڪتاب ۾ نبي سڳوري ﷺ جي انهن سهڻن لفظن جامع ڪلمن کي طالبن جي سهنجائي خاطر ۽ قرب وارن دوستن جي شوق ڏيارڻ لاءِ الف ب وار ترتيب ڏنو آهي.

الله تعاليٰ جي توفيق ۽ طاقت سان آئون چوان ٿو ته اهي پياري نبي ﷺ جا سهڻا لفظ هي آهن.

# خوفان ڪاھوڙين، ڳوڙھو سڪي نہ ڳل تان

① اتّقِ اللہِ حَيۡثُ کُنۡتَ،وَاتۡبِعِ السَّيِّئَةَ الۡحَسَنَةَ تَمۡحُھَا،وَخَالِقِ النَّاسَ بِخُلُقٍ حَسَنٍ

(ھيءَ حديث مبارڪ امام احمد بن حنبل پنھنجي ڪتاب مسند ۾ بيان ڪيو آهي. ابوذر جي روايت سان آندي آهي)

ترجمو: جتي بہ ھجين تہ الله تعاليٰ کان ڊڄ ۽ برائي پنيان چڱائي ڪر، جيئن ان برائي کي ميٽائي ختم ڪري ڇڏي ۽ ماڻھن سان سھڻي اخلاقسان پيش اچ.

**سمجھاڻي :** انسان کي ھر ھنڌ ۽ ھر ڪم ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ گھرجي.برن ڪمن کان پاڻ بچائجي.پر انسان خاطي آھي. جي گناھ تي پويتہ،تہ توبہ تائب ٿي. چڱن ڪمن ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪجي تہ الله تعاليٰ چڱن عملن جي ڪري. مداين ميٽي معاف ڪري ڇڏيندو آھي.
نبي ﷺ بہ معلم الاخلاق بنائي موڪليو آھي. ان ڪري اسان امت کي بہ پيغمبر جي پيروي ڪندي. ھر ھڪ سان سھڻي اخلاق سان پيش اچڻ گھرجي. سھڻا لڇڻ ئي نيڪي جو سرمايو آھن. شاھ عبداللطيف ڀٽائي بہ پرين جي پيش پوڻ، پٽيءَ وجھڻ ۽ سرخرو رھڻ ۽ خدا جي خوف ۾ روئڻ جو ڏس ڏنو آھي.

عاشق معشوقن جو، وڃي ويھہ دڪان
پئج پيش پرين جي، پٽيءَ وجھي پاڻ
تہ تون تنين ساڻ رھين سرخرو.

*

خوفان ڪاھوڙين ڳوڙھو سڪي نہ ڳل تان
حزن ڏينھن حشر جو، توڙان لٿو نہ تن
ڪئاؤن کي ڪن، آجڪو اخريٰ جو

# ڳالهيون ڳجهيون لوڪ سين، پڌر پيئي نہ ڪن

أَحْبِبْ حَبِيْبَكَ هَوْنًا مَّا فَعَسَى أَنْ يَّكُوْنَ بَغِيْضَكَ يَوْمًا مَّا

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ” الادب المفرد“ ۾ امامترمذي بہ ”جامع ترمذي“ ۾ ابو هريره جي روايت سان آندي آهي)

ترجمو: پنهنجي دوست سان وچٿري نموني سان محبت دوستي رک. چاڪاڻ تہ هو ڪنهن ڏينهن تنهجو سخت دشمن بہ ٿي سگهي ٿو.

**سمجهاڻي**: مطلب تہ انسان هر ڪم ۾ وچٿرائي سان هلڻ چڱو آهي تانتہ سنگت ساٿ رکڻ ۾ بہ وچٿرو قدم کڻجي. هر دوست ماڻهو کي دل جون ڳالهيون نہ سلجن. چاڪاڻ تہ ڪنهن جائز ناجائز سبب ڪري ڪڏهن ڪودسوت قري دشمن بہ ٿي پوي. تہ اوهان جون سڀ دل جون ڳالهيون، راز ۽ رمزون معلومهئڻ ڪري. اوهان کي ڪنهن وڏي مصيبت ۾ ترت ڦاسائي وجهندو. ان ڪري سهڻي حبيب ﷺ جي دوستي رکڻ ۽ نباهڻ ۾بہ هي تعليم آهي تہ هر دوست کي دل جو راز نہ ڏجي. پر وچٿري نموني سنگت ساٿ سان نباهجي. ڪنهن جو مٺ گهرو نہ ٿجي.پر هر هڪ سان چڱائي سان هلجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ چيوآهي تہ دلجون ڳالهيون ڳجهيون يا عام ماڻهن سان ظاهر ڪري نہ سلجن.

پکليا پٽن، دلق گڏيو ڏوڙ ۾
ڳالهيون ڳجهيون لوڪ سين ،پڌر پئي نہ ڪن
ڪا من آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي
(شاهہ)

# دنيا ڪارڻ دين، وڃائي وِلها ٿيا

أَخْسَرُ النَّاسِ صَفْقَةً مَنْ أَذْهَبَ آخِرَتَهُ بِدُنْيَا غَيْرِهِ

( امام القسطلاني " المواهب اللدنيہ" ۾ هي حديث مبارڪ آندي آهي)

ترجمو: واپار ۾ وڏي ۾ وڏو خساري وارو اهو آهي جنهن پنهنجي آخرت ٻئي جي دنيا ڪري وڃائي.

**سمجهاڻي :**اصل واپار تہ آخرت وارو آهي. هيءَ دنيا تہ فنا جو ماڳ آهي. ان ڪري هن جڳ ۾ اولاد، سنگت ساٿ،وڏن ماڻهن ۽ آفيسرن ظالمن کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙا ڪم نہ ڪجن. جو زماني ۾ خوشامد ۽ ظلم ظاهر ٿئي. الله ۽ رسول جي بي فرماني ڪري پنهنجا ٻئي جهان برباد ڪري نہ ڇڏجن.ايئن تہ ڪوبہ ڏاهو ماڻهو نہ ڪندو.پر بدبخت ۽ بيوقوف ئي ائين ڪندو آهي. جو پراون اشارن تي ٻڏا ڪم ڪري. دنيا ۾ تہ شابس. پر آخرت ۾ پنهنجي لاءِ تباهي جو سامان پيداڪندو آهي

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ اهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي تہ:

قُريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين،وڃائي ولها ٿيا
(شاهہ)

# ٻچڙن ساڻ ڀلائيون

أَدِّ الْاَمَانَةَ إِلَىٰ مَنِ ائْتَمَنَكَ وَلَا تَخُنْ مَنْ خَانَكَ

( هيءَ حديث مبارڪ ابودائود، ترمذي،دارمي،مستدرڪ ، حاڪم، دارقطني ۽ الطبراني المعجم الڪبير ۽ المعجم الصغير ۾ آهي)

جيڪو تو وٽ امانت رکي تہ ان کي امانت با سلامت موٽائي ڏي ۽ جيڪو توسان خيانت ڪري تہ تون ان سان خيانت نہ ڪر.

**سمجهاڻي:** امانت جو وڏو بار آهي. جيڪو ماڻهو توکي امين ۽ چڱو ماڻهو امانت دار سمجهي. ڪا امانت رکي تہ حق ايئن آهي تہ ان کي سندس امانت سئي سڳي سميت موٽائي ڏي ۽ پنهنجي امانت داري قائم رکقرآن ڪريم ۽ حديث ۾ امانت ادا ڪرڻ جو گهڻو تاڪيد آيل آهي.

البتہ جو ماڻهو توسان خيانت ۽ دوکو ڪري تہ بہ تون ان جي بدلي ۾ پلاند طور خيانت ۽ دوکو نہ ڪر. پر پنهنجي امانت داري تي قائم رهہ. چاڪاڻ تہ چڱي سان تہ هر ڪو چڱائي ڪندو آهي.پر ڀلو ماڻهو اهو آهي جو ٻري سان بہ ڀلائي ڪري.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي:

چڱن ساڻ چڱائيون،ائين هر ڪو هوءِ
تو جيئن ڪري نہ ڪوءِ، ٻچڙن ساڻ ڀلائيون.
(شاهہ)

# ٻاھر ٻاڦ نہ نڪري

اِسۡتَعِيۡنُوۡا عَلٰى قَضَاءِ الۡحَاجَاتِ بِالۡكِتۡمَانِ فَاِنَّ كُلَّ ذِىۡ نِعۡمَةٍ مَحۡسُوۡدٌ

(ھيءَ حديث الطبراني، المعجم الڪبير، المعجم الاوسط ۽ المعجم الصغير ۾ بيھقي شعب الايمان ۾. ابو نعيم حلية الاولياء، ابنعدي الڪامل ۾ ابن ابي الدنيا ۽ عسڪري بہ آندي آھي)

ترجمو: ضرورتن ڪي پوري ڪرڻ لاءِ ڳجھہ ڳوھہ کان ڪم وٺو. ڇاڪاڻ تہ ھر نعمت واري ٻين ماڻھو سان ساڙ ڪيو ويندو آھي.

سمجھاڻي: پھاڪو آھي تہ ” سڪيئي ڪي ڪير سھي ڪون ۽ بکئي ڪي ڪو ڏئي ڪون“ دنيا جو اڪثر دستور آھي تہ سڪيئي ستابي ۽ خوشحال ماڻھو کان ساڙ سڙيا پيا سڙندا آھن. ڪو چڱوڪم سوچيندو تہ ان جي ڪرڻ کان اڳ ۾ رڪاوٽون وجھي ڪيس پريشان ڪريوچڏين. ان ڪري سھڻي سردار ﷺ ھر ڪم ۾ راز رکڻ ۽ واءِ نہ ڪرڻ جو ڏس ڏنو آھي. ايئن ڪرڻ سان ماڻھو پنھنجو وڏو يا ننڍو ڪم دلجمعي ۽ اطمينان سان پورو ڪري ڪاميابي ماڻي سگھندو.

جڏھن اھواھر ڪم پورو ٿي وڃي تہ پوءِ ڀلي شڪر ۽ نعمت طور ان ڪي ظاھر ڪجي. پر بھتر آھي تہ راز ڪي راز ئيرھڻ ڏنو وڃي. تہ جيئن ساڙ سڙين جي مخلافت کان محفوظ رھجي. مشھور آھي تہ سڪندر اعظم بادشاھ ايتري قدر رازداري رکندو ھو. جو اوير طرف حملي ڪرڻ جو ارادو ھوندو ھوس. تہ خيمي جو منھن اولھہ ڏانھن ڪندو ھو. رازداري رکڻ سان ئي دنيا تي بادشاھي ڪيائين.

شاھ ڀٽائي بہ ڪنيار جي ٽانون پچائڻ جي نھائين (آوي) جو مثال ڏئي راز ڍڪڻ جو چيو آھي.

نھائين کان نينھن، سک منھنجا سپرين
سڙي سارو ڏينھن، ٻاھر ٻاڦ نہ نڪري
(شاھ)

# تن مڃيو محمد ڪارڻي ﷺ

أَسْلِمْ تَسْلَمْ يُؤْتِكَ اللهُ أَجْرَكَ مَرَّتَيْنِ

(هي حديث مبارڪ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهي)

ترجمو: اسلام آڻ تہ سلامت رهندين. الله تعاليٰ توکي ٻيڻو اجر ڏيندو.

**سمجهاڻي :**اسلام امن ۽ سلامتيءَ جو دين آهي. اسلام قبول ڪرڻ ۽ ان تي هميشہ قائم رهڻ ۽ عمل ڪرڻ سان الله تعاليٰ ٻيڻو اجر ثواب ڏيندو آهي. دنيا ۾ بہ امن سلامتي خير ۽ برڪت ۽ آخرت ۾ بہ ڪاميابي ۽ جنت عطا فرمائيندو ۽ دوزخ جي عذاب کان حفاظت ۽ ڇوٽڪارو ملندو.

الله تعاليٰ سوره القصص ۾ بہ فرمايو آهي تہ:

أُولَٰئِكَ يُؤْتَوْنَ أَجْرَهُم مَّرَّتَيْنِ (القصص 54).

ترجمو: انهن کي سندن ٻيڻو ثواب ڏنو ويندو.

اصل ۾ نبي پاڪ ﷺ روم جي بادشاهہ هرقل کي اسلام جي دعوت آڻڻ بابت خط مبارڪ موڪليو هو. هي مختصر سهڻا لفظ ان خط مبارڪ جا آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ شاهڪار رسالي ۾ اسلام ۽ ايمان آڻڻ لاءِ سهڻو شعر چيو آهي.

وحده لا شريڪ لہ، جن اتوسين ايمان
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا
(شاهہ)

# ڏکن پٺيان سک

أُشْتَدِّىْ ازمَةُ تَنْفَرِجِىْ

( هي حديث مبارڪ امام محمد بن يوسف شامي پنهنجي ڪتاب سيرت ”سبل الهديٰ والرشاد“ ۾ آندي آهي.

ترجمو: اي سختي، انتها کي پهچ ته کُلي پوين.

**سمجهاڻي:** موسم جي حوالي سان سخت گرمي ۽ گهٽ ٻوسٽ ٿيندو آهي. پوءِ ترت ڪارا ڪڪر ٿي رحمت جا بادل وسڻ لڳندا آهن. ڏڪار پويان سڪار، زحمت کان رحمت ۽ ڏکن پٺيان سک ۽ سڪار سٺايون ٿينديون آهن. هميشه عروج کي زوال اچڻو آهي. مشڪلاتون سدائين نه هونديون آهن. پر آزمائش کان پوءِ مشڪلاتون حل ٿي وينديون آهن. سک ۽ سهنج جا گونچ ڦٽندا وڻ وٽڪار ۽ گل گلزار ٿي پوندا آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به هن حديث نبويءَ جي هن ريت ترجماني ڪئي آهي.

ڏکن پٺيان سک، سگها ٿيندئي سسئي
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو، توڙي لڪون لک
ڏورج پاسي ڏک، ته پوي ٻاجهه ٻروچ کي

(شاهه)

# هارين ھر سنباھا

أُطْلُبُوا الرِّزْقَ مِنْ خَبَايَا الْاَرْضِ

( هيءَ حديث مبارڪ ابو يعليٰ الموصلي الطبراني ۽ البيهقي ۾ موجود آهي.)

ترجمو: زمين جي پوڪن يا ڪاٽين مان رزق جي ڳولا ڪريو.

**سمجهاڻي :** اسلام ۾ محنت مزدوريءَ جي وڏي اهميت آهي. پورهيت خدا جودوست آهي. ٻار جمندو آهي ته الله تعاليٰ اڳ ۾ سندس ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ کير پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. پر جيسين ٻار نه رئندو آهي. ته ماءُ ٻار کي ٿڃ نه ڏيندي آهي.

اهڙيءَ ريت انسان جي هندنيا تي اچڻ سان الله تعاليٰ رزق ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪيا. پر پوکي راهي ۽ محنت مزدوري شرط آهي. حضور ﷺ جي پياري ٻول مبارڪ مان ظاهر آهي ته هر هلايو، زمين کيريو ،پوک ڪريو. باغ باغيچا لڳايو ته رزق ۽ گذر سفر جا اسباب پيدا ٿيندا ۽ سکيا ستابا ٿيندو.

هي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. زمين جي اندر ڪاٽين مان سون،چاندي، پيٽرول، گيس،ڪوئلو ۽ ڌاتو وغيره ڳولي معاشي حالتون سڌارڻ گهرجن. ته جيئن ڪنهن جو محتاج نه ٿيڻو پوي. رزق ته رب جي هٿ ۾ آهي.پر انسان کي لوچڻو آهي.

لوچينسي لهن، جڏهن تڏهن پرين کي

شاهه يٽائي به هارين کي هر هلائڻ جي ڳالهه رسالي ۾ هن ريت ڪئي آهي

منـدـ تـي منـدـبل وجـيـا، تـاڙي ڪـئـي تنـوار
هــارين هــر ســنباھا ســرها تيــا ســنگهار
اڄ پــڻ منهنجــي يــار، وســڻ جــا ويــس ڪيــا
(شاهه)

# متو آهين مڇ

اعۡجَلُ الۡاَنۡبِيَاءِ عُقُوۡبَةَ الۡبَغۡىُ

( الطبراني معجم الڪبيرت ۾ ۽ بخاري. تاريخ ۾ هي روايت آندي آهي.)

ترجمو: بغاوت اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي جلدي سزا ملندي آهي.)

**سمجهاڻي :** بغاوت وڏوگناهه آهي. پوءِ اها بغاوت الله ۽ رسول جي هجي يا عادل بادشاهه جي. ماءُ پيءُ جي هجي يا ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ جي هجي.

الله تعاليٰ ستار ۽ غفار آهي. پر حديثن مبارڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته متي مائٽي چنڻ ۽ بغاوت جي سزا هن ئي دنيا ۾ ۽ تڪڙي ۾تڪڙي ملندي آهي. ڪوڙوقسم ڪڻڻ، دوڪو دولاب، متي مائٽي چنڻ. والدين جي بي فرماني به بغاوت جا ئي قسم آهن.

بغاوت جي هن دنيا ۾ ته سزا ملڻي آهي. پر آخرت ۾ سخت عذاب ٿيندو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به ظالم ۽ باغي انسان کي مانگر مڇ سان تشبيهه ڏئي سزا جو حقدار سڏيو آهي

”متو آهين مڇ“ تلهو تيو تونا هڻين

توجا پائي اڇ، تنهن پاڻي پُنا ڏينهڙا

(شاهه)

شاهه ڀٽائي غافل ، باغي ۽ ظالم انسان کي ترت توبه تائب نه ٿيڻ تي تنبيهه طور مهميزون ملاحن جون ۽ جزا سزا کان به خبردار ڪيو آهي.

جان واهڙ ۾ وهه، تان تو مڇ موٽڻ جي نه ڪئي

ڪائي ۾ڪوهه ڪرئين، پوءِ موٽڻ جو پهه

سر متي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

(شاهه)

# نِڱا! پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سونهاءِ

أَعْدَى عَدُوِّكَ نَفْسُكَ الَّتِىْ بَيْنَ جَنْبَيْكَ

(هيءَ حديث مبارڪ امام ابن اثير النهاية ۾ امامقسطلائي المواهب اللدنيه ۾ آندي آهي)

ترجمو: تنهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن نفس آهي. جيڪو تنهنجي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ آهي.

**سمجهاڻي :** شيطان انسان جو ازلي دشمن آهي. نفس جي چوڻ تي هلي انسان نفساني خواهشون ،اجايون سڌون ۽ غلط ۽ گناهه جي ڪم ڪري. سزا جو حقدار بڻبو آهي. ان ڪري انسان، شيطان ۽ نفس کي اصلي دشمن سمجهي. انهن خلاف جدوجهد ۽ جهاد ڪندورهي. الله ۽ رسول ﷺ جي حڪمن تي هلي.چڱا عملڪندو رهي تہ ندورو نفس نهوڙجي ويندو ۽ انسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪندو.

اسلام ۾ جنگ ۽ جهاد ڪرڻ ”جهاداڪبر“ آهي جڏهن نفس ضابطي ۾تيندوتہ سڀ دين دنيا جا معاملا. الله تعاليٰ جي فضل ۽ نبي سائين ﷺ جي صدقي صحيح تي پوندا.صوفي شاعر چيو آهي:

ڏي گوشمالي نفس کي، ندوري نياڳي نحس کي
هوڙهو چڏي سڀ حرص کي، موڙهو وني من وات کا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي بہ نفس کي سڌي وات ونائڻ جي صلاح ڏني آهي.

وحده لا شريڪ لـه چئـي چونـدو آءُ
فرض،واجب، سنتون،تنئو ترڪ مَ پاءِ
توبہ سندي تسبيح،پڙهي سا پُجاءِ
”نگا! پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سونهاءِ
تہ سندي دوزخ باهہ، تواوڏيائي نہ اچي
(شاهه)

# ڏينديس باھ پنيوركي

الْاٰنَ حَمِيَ الْوَطِيْسُ

(ھي حديث صحيح مسلم ۾ آھي. ھي لفظ نبي پاڪ ﷺ جنگ حنين واري ڏينھن ان وقت چياھئا جڏھن سخت لڙائي شروع ٿي. الوطيس واو جي زبر سان دعيل جي وزن تي آھي معني تنور))

ترجمو: ھينئر تنور تہ تتو آھي

**سمجھاڻي:** نبي پاڪ ﷺ جن ھيءُ سھڻو جملو حنين جي لڙائي سن 8 هجري ۾ ان وقت فرمايو جڏھن جنگ زورن تي ھئي. پاڻ اصحابن سڀّورن رضي الله عنھم کي ھمت ۽ جوش ڏيارڻ لاءِ فرمايو ھئا.ون تہ لڙائي اجان ھاڻي تہ شروع ٿي آھي. يعني سستي ڇڏيو ۽ چستيءَ سان لڙو.مطلب تہ تنور ھينئر تتو آھي. پنيور کي باھ ھاڻي لڳي آھي يعني:

” مڙڻ مونڻ مھڻو، ٿيا نظاري نروار“

جو مظاھرو ڪري ڏيکاريو.

شاھ پٺائي بہ ساڳي ڳالھ ڪئي آھي:

مـــن کـــي ڇـــڏ مَ ڇپـــرين، ھوتـــاني ھـــن ھنـــڌ
توســين پونــديس پنــڌ، ” ڏينـديس باھــ پنيــور کـي“
(شاھ)

# محبت پائي من ۾

اَلْاِقْتِصَادُ نِصْفُ الْمَعِيْشَةِ، وَالتَّوَدُّدُ اِلَى النَّاسِ نِصْفُ الْعَقْلِ وَحُسْنُ السُّؤَالِ نِصْفُ الْعِلْمِ

(هي لفظ مبارڪ البيهقي شعب الايمان ۾، الطبراني مڪارم الاخلاق ۾، العسڪري جمهرة الامثال ۾ ۽ ابن السني عملاليوم والليلة ڪتاب ۾ آندا آهن.)

ترجمو: وچٿري نموني هلڻ اڌ معيشت آهي ۽ ماڻهن سان دوستي رکڻ اڌ عقل آهي ۽ سهڻي نموني سوال ڪرڻ اڌ علم آهي.

عسڪري، انس بن مالڪ کان هي لفظ روايت ڪيا آهن. حسن الخلق نصف الدين يعني سهڻو اخلاق اڌ دين آهي.

**سمجهاڻي:** هٿ قاڙ ڇڏڻ ۽ بخيلي ڪرڻ چڱو ڪم نہ آهي. انسان کي افراط تفريط کان هٽي ڪري. هر هڪ ڪموچٿري نموني سان ڪرڻ گهرجي. تہ هر مشڪل کان بچي سگهبو ۽ ڪابہ ديني ۽ دنياوي آزمائش ۽ پريشاني سامهون نہ ايندي. هونئن بہ مشهور آهي تہ" خير الامور اوسطها" مطلب تہ پلي ۾ پلو ڪم وچٿري نموني هلڻ ۽ زندگي گذارڻ آهي.

ماڻهن سان دوستيءَ رکڻ ۽ سنگت سات نباهڻ ۾ عقلمندي کان ڪم ونجي. دوستيءَ ۾ اهڙو ڪڙو بہ نہ ٿجي. جو هر ڪو ٿوڪاري ڇڏي ۽ نہ وري اهڙو مٺو ٿجي. جو هر ڪو ڳهي وڃي. ياري دوستيءَ ۾ وفاداري ۽ ڏاهپسان هلجي. دشمن پيدا نہ ڪجن. هر هڪ جو خيرخواهہ ٿي رهجي.

سهڻو سوال ڪرڻ بہ هڪ فن آهي نہ گهٽا سوال ڪري ڪنهن کي بيزار ڪجي ۽ نہ وري اڌ ڳابرو سوالڪري پاڻ کي شرمسار ڪجي. پر سوال اهڙي نموني سان ڪجي. جو ان جي اهميت وڌي. علم ڪامل ٿئي ۽ ٻئي تي بہ چڱو اثر پوي. مهلموقعي کان سواءِ سوال ڪرڻ مناسب نہ آهي نہ تہ پشيمان ٿيڻو پوندو آهي. دين سهڻن اخلاقن جو پيو نالو آهي. سهڻا اخلاق ئي دين جو بنياد آهن بد اخلاق. دين کان ڪوهين دور هوندو آهي. نبي سائين ﷺ بہ اعليٰ اخلاق صاحب هئا. امت کي بہ اعليٰ اخلاق اپنائڻ گهرجن.

"محبت پائي من ۾" رندا روڙيا جن

تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو (شاهہ)

# جيئن ڳنڍيون منجھ ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سان

اَلأَنْصَارُ كَرِشِي وَعَيْبَتِي

( هي حديث مبارڪ بخاري،مسلم،ترمذي ۽ نسائي ۾ آهي)

ترجمو: انصار،منهنجو جگر ۽ رازن جي صندوق آهن.

**سمجهاڻي:** مهاجر، نبي سائين ﷺ جا اهي جان نثار اصحابي آهن. جيڪي گهر گهاٽ ڇڏي، دين خاطر مڪي شريف مان هجرت ڪري مديني منوره ۾ آيا. انهن جو به وڏو شان آهي.

انصار: انهناصحابن سڳورن کي چئبو آهي جن مديني منوره ۾ نبي سائين ﷺ ۽ مهاجرن جي دلوجان سان مدد ڪئي. ايمان آندو ۽ ميزبان بنجي.نبي سائين ﷺ ۽ مهاجر اصحابن سڳورن جي مهماني ۽ خدمت ڪئي. ڪين جيءَ ۾ جايون ڏيئي رهايو. نبي سائين ﷺ به مٿن پورواعتماد ڪيو.الله ۽ رسول ﷺ وٽ انصاري اصحابن سڳورن جو به وڏو مان ۽ مرتبو آهي. جو انهن اسلام خاطر هر مالي جاني قرباني ڏيئبي سائين ﷺ ۽ مهاجر اصحابن سڳورن جون خدمتون ڪيون. ڏک سک ۾ گڏ رهيا. نبي سائين ﷺ به مڪي جهڙي پاڪ شهر ۾ مني بيت الله کي ڇڏي.آخريزندگي انصارن سان گڏ گذاري، مديني ۾ وصال ڪيائون.يثرب کي "مدينة الرسول" جي سهڻي نالي سان رنگ لائي ڇڏيائون. مديني منوره ۾ قيامت تائين صلوٰة ۽ سلام جون رحمتون وسنديون رهنديون ۽ انصار به تا بد ياد رهندا.

نبي سائين ﷺ کيسموري امت پياري آهي.مهاجر به پيارا آهن تهانصارن سان به سندس سڪ سرس آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر مارئي ۾ ڳنڍير گاهه جو مثال ڏئي محبت پريو سهڻو شعر چيو آهي ته آخرت ۾ انهن کي جنت وٺي ڏيندس.

"جئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍير،تيئن مون من ماروئڙن سان

پييون لس لطيف چئي،هينئڙي منجهه همير

وجي منجهه ملير، سڀ چوڙيندس سومرا

(شاهه)

# هڻ ٻالا وڙهه ٻاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار

اَلْأِيْمَانُ قَيَّدَ الْفَتْكَ

( هي لفظمبارڪ امامشامي سيرت ”سبل اهديٰ والرشاد“ ۾ آندا آهن.)

ترجمو: ايمان ڪنهن ماٺهو کي اوچتي قتل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

**سمجهاڻي:** مومن اهو آهي جو ٻولائي مقابلو ڪري.اوچتو بي خبريءَ ۾ ڪنهن کي غافل ڏسي. حملو ڪري ان کي مارڻ بزدليءَ جي نشاني آهي.

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته ”مڙس اهو جيڪو ٻولائي وڙهي.“ باقي اوچتو ڪتي وارو جهٽ هڻڻ مڙسي نه چئبي.

ها البت لڙائيءَ جو اعلان ٿي ويو هئي ڌريون آمهون سامهون دوبدو مقابلو ڪري رهيون هجن. ته انهن سان ڏاهپ،عقلمنديءَ جنگي حرفت سان دشمن تي حملو ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٻئي ڌريون مهاڏو اٽڪائي تيار بيٺيون هجن. ته اوچتو حملو مشڪل ٿيو پوي. اتي جنگي حرفت ئي ڪم اچي آهي.

جيڪڏهن اسلامي تاريخ ۾ ڪي اوچتو مارڻ جا واقعا ٿيا هجنته ممڪن آهي اهي هن ارساد نبوي ﷺ کان اڳ ۾جا هجن.

شاهه ٻڌائي ٿو سورهيه ڪيسامهون لڙڻ جي صلاح ڏني آهي:

سورهيه مرين سيکي دل جا وهم سار
”هڻ ٻالا وڙهه ٻاڪرين آڏي ڍال مَ ڍار
متاءُ تيغ ترار، مار ته متارو ٿئين

(شاهه)

# هو چونئي تون مَ چئو، واتان ورائي

## اَلْبَلَاءُ مُوَكَّلٌ بِالْمَنْطِقِ

(هيءُ حديث الادب المفرد امام بخاري، الادب المفرد ابن ابي شيبہ القضاعي مسند الشهاب ۾ ابن سمعاني، الديلمي الفردوس ۾ ۽ العسڪري بہ جمهرة الامثال ۾ آندي آهي)

ترجمو: ڪيترئين مصيبتون زبان جي ڳالهائڻ سان بدلا يا پيدا ٿينديون آهن.

**سمجهاڻي:** ذڪر ۽ سهٽيون ڳالهيون ڪندڙ زبان الله تعاليٰ جي نعمت آهي. گار گند ۽ گلا غيبت ڪندڙ زبان عذاب آهي

هن زماني ۾ گهڻيون مصيبتون زبان سان اجايو ڳالهائڻ، ڪوڙ هڻڻ، پرائي پچار ڪرڻ سان پنهنجي لاءِ پاڻ پيدا ڪجن ٿيون. اها زبان ئي آهي جيڪا انسان کيکٽ تي بہ ويهاري تہ بدزباني ڪري پٽ تي بہ ويهاري ٿي. زبان جي گهڻي بڪواس گلا ۽ چغل خوري ڪري تہ وڏا جهيڙا ۽ خونريزي تائين نوبت وڃيو پهچي. زبان جي حفاظت هرهڪ مومن جو فرض آهي. زبان سان الله ۽ رسول ﷺ جون سهٽيون ڳالهيون ڪجن. نہ تہ خاموش رهڻ بهتر آهي. نبي سائين ﷺ تہ ائين فرمايو آهي تہ ”زبان ۽ اوگهڙ جي ضمانت توهان ڏيو تہ آئون اوهان کي انهن جي عيوض جنت جي ضمانت ڏيان ٿو (بخاري)

امام غزالي رح جڳ مشهور ڪتاب ” احياءُ العلوم الدين“ ۾ زبان جي افتن بابت وڏوبحث ڪيو آهي تہ انسان کي يا تہ زبان سان ڀليون ڳالهيون ڪرڻ کپن نہ تہ خاموش رهڻ بهتر آهي. ارساد نبوي ﷺ بہ آهي تہ ”جنهنمات ڪئي ان چوٽڪارو لڌو“(ترمذي) ڀلائي هن ۾ آهي تہ هميشہ سهٽو ۽ ٿورو ڳالهائجي. خراب ۽ گهڻي ڳالهائڻ کان پاسو ڪجي ۽ خاموش رهجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ چيو آهي تہ:

هو چونئي تون مَ چئہ واتان ورائي
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي
پاند ۾ پائي، ويو ڪينيوارو ڪينڪي
(شاهہ)

# جت شاهد ٿيندءِ سامهان

اَلْبَيِّنَةُ عَلَى الْمُدَّعِيْ وَالْيَمِيْنُ عَلٰى مَنْ اَنْكَرَ

(مصنف عبدالرزاق، البيهقي،الدار قطني،ابن عساڪر ۽ الترمذي ۾ هي حديث مبارڪ آهي.)

ترجمو: شاهد،دعويٰ ڪندڙ فريادي تي آهن ۽ قسم انڪاري تي آهي.

ترمذي شريف ۾ لفظ آهن تہ قسم ان ماڻهو تي آهي جنهن جي مٿان دعويٰ ڪئي وڃي.

**سمجهاڻي :** هن حديث مبارڪ ۾ شريعت جو قاعدو قانون سمايل آهي جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن تي ڪا دعويٰ ڪري فريادي بنجي ٿو. پنهنجي دعويٰ ڪي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ بہ شاهد بہ پيش ڪري. تہ فيصلو ان جي حق ۾ ڏنو ويندو.

جيڪڏهن فريادي ڌر وٽ بہ شاهد نہ آهن تہ پوءِ جوابدار ڪي الزام غلط ۽ پاڻ ڪير بي ڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ قسم ڪڻو پوندو. جوابدار ڌر ڪي اهو قسم تڏهن ڪڻو آهي. جڏهن فريادي ڌر بہ قسم جو مطالبو ڪري.مقصد تہ شاهدي فريادي تي ۽ قسم جوابدار تي آهي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي ڏکي نظر ڪري چيو آهي تہ هتي تہ توکي سڀ ڪجهہ ڦبي سگهي ٿو. پر قيامت ۾ الله واحد القهار جي سامهون جڏهن تنهنجا هٿ پير بہ توتي شاهدي ڏيندا تہ پوءِ ڪُوڙها ڳاڙيندين

وحده لا شريڪ لہ،ٻڌءِ نہ ٻوڙا
ڪ تو ڪنين نہ سئا، ڪهت اندر گهوڙا
ات ڳاڙيندين ڪُوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان
(شاهہ)

# ماريو تہ وِسهان

اَلْحَرْبُ خَدْعَةٌ

( هيءَ حديث مبارڪ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهي)

ترجمو: جنگ چالاڪي آهي

**سمجهاڻي:** جنگ ۽ لڙائي ۾ فوج ۽ لشڪر جي گهٽائي، تربيت، همت ۽ جوانمردي سان گڏ ڏاهپ، اٽڪل،موقعي شناسي ۽ چالاڪي ضروري آهي. جنگ ۾ صحيح منصوبا بندي چالاڪي ۽ اٽڪل بہ وڏو ڪم ڏيندي آهي.

پڳــو آئــون نــہ چــوان، ”مــاريو تــہ وســهان“
ڪانــد مــنهن ۾ ڏڪڙا،ســيڪيندي ســهان
تــہ پــڻ لــڄ مــران، جــي هــونس پــٺ ۾
(شاهہ)

# ٿئين هوند حلال

اَلْحَلَالُ بَيِّنٌ وَالْحَرَامُ بَيِّنٌ

(حيءَ حديث صحيح بخاري مسلم ابو دائودءِ النسائي ۾ آهي)

ترجمو: حلال پڌرو آهي ۽ حرام به پڌرو آهي.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ تي اسلام جي گهڻن حڪمن جو دارومدار آهي. شريعت ۾ حلال ۽ حرام شيون ظاهر ۽ پڌريون آهن. انهن شين جي چٽائي قرآن مجيد جي آيتن سڳورين، نبي سائين ﷺ جي حديثن مبارڪن ۽ فقه جي ڪتابن ۾ تفصيل سان آيل آهي.

باقي جن شين جي حلال ۽ حرام بابت ڪجهه مونجهارو ۽ شڪ رهي ته پرهيزگاري اهائي آهي ته انهن مشڪوڪ شين ڪان به پاڻ بچائجي ۽ پنهنجو دين ۽ مان مرتبو محفوظ رکجي.

الله تعاليٰ وٽ به وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي. مقصد ته درجا دلين تي آهن.

مشهور حديث نبوي آهي ته انسان جي بدن ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي. جيڪڏهن اهو صحيح رهيو.ته سجو بدن درست رهندو ۽ جي اهو خراب ٿي ويو ته سجو بدن به خراب ٿي ويندو ۽ اهو ٽڪرو دل آهي (بخاري)

شاهه ڀٽائي حلالءِ حرام جوفلسفو جدا جدا بيتن ۾ هن ريت آندو آهي.

"ٿئين هوند حلال"جي پند اهائي پارئين

*

هئڻ ڪو حرام، ڪام ته ڪاهوڙي ٿئين



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# توتي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام

اَلْحَيَاءُ خَيْرٌ كُلُّهُ

(هيءَ حديث مبارڪ جا لفظ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهن.)

ترجمو: حياءُ ساري جو سارو ڀلو آهي.

**سمجھاڻي:** اسلام ۾حيا ۽ ادب جي وڏي اهميت آهي. هڪ حديث مبارڪ ۾ آهي ته حيا ايمان جو حصو آهي. (بخاري)

اصل ۾ حياءُ ان کي چئبو آهي جيڪو خراب ڪمن کي ڇڏڻ جو شوق ڏياري ۽ چڱن ڪمن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نه ڏئي. گھڻيون ڳالهيون شريعت پاڪ ۾ حق آهن. پر ماڻهو سستي ڪمزوري ڪان پيش ڪري نه سگھندا آهن. ايئن نه ڪجي جو ان سستي ۽ ڪمزوري سان واجب ۽ سنتون رهجي وڃن ٿيون.

پر ماڻهوءَ کي حرام ڪمن کي پاڻ بچائڻ. حلال ۽ جائز ڪمن ۾ ڪوشش ڪرڻ.آخرت جي ڪمن جي تات طلب ۽ ظاهري هار سيگار ڪيجڏي.الله تعاليٰ کان حياءُ جو حق ادا ڪيو وڃي.لڄ يا حياءُ مرد لاءِ وڳو ۽ عورت جوسينگار آهي.

شاهه ڀٽائي حياءَ ۽ لڄ بابت ڪهڙو سھڻو بيت چيو آهي

توتي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام
*
ڍڪي ڍول ڳذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾
(شاهه)

# منهنجي مداين جي

اَلْخُلْقُ الْحَسَنُ الْخَطَايَا كَمَا يُذِيْبُ الْمَاءُ الْجَلِيْدَ وَالْخُلْقُ السَّيِّءُ يُفْسِدُ الْعَمَلَ كَمَا يُفْسِدُ الْخَلُّ الْعَسَلَ

(هي حديثالطبراني المعجم الكبير ۽ المعجم الاوسط ۾ ۽ البيهقي شعب الايمان ۾ آندي آهي.)

ترجمو: سهڻو اخلاق گناهن کي ائين ڳاري ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي پاري کي ڳاري ڇڏي ۽ خراب اوگڻ، عمل کي ائين خراب ڪري تو ڇڏي. جيئن سرڪو ماکيءَ کي خراب ڪيوڇڏي.

**سمجهاڻي:** سهڻا لڇڻ ئي اسلام جو روح آهن. اتفاق سان جيڪر ماڻهو کان خطا ٿي پوي. ته نيڪي خطا کي ميٽيو ڇڏي. الله تعاليٰ قرآن مجيدسوره هود ۾ فرمايو آهي:

”نيڪيون ، ٻراين کي ختم ڪري ڇڏين ٿيون.“

سوره فرقان ۾ به فرمان خداوندي آهي:

” الله تعاليٰ ٻراين کي بدلائي نيڪيون ڪري ڇڏيندو آهي.“

سهڻا اخلاق انسان کي هن دنيا ۾ به عزت بخشين ٿا ته آخرت ۾ به چڱا عمل ڪم ايندا.

جيئن خالص ماکي شفا آهي پر ملاوت سان شفا بخش ماکيءَ به خراب ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. اهڙي طرح خراب ڪمن سان چڱن ڪمن تي به برو اثر پوندو آهي. ان ڪري انسان کي هميشه خوش اخلاقي سچائي بردباريءَ ۽ سهڻن اخلاقن جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان دين ۽ دنيا ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي.

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا،ڏوراپا ڏيئي
ساجن سيپيئي ڍڪيم ڍول ڍلائيون
(شاهه)

# مُڪرسڌ شراب جي

اَلْخَمْرُجِمَاعُ الْاِثْمِ

( الديلمي،الطبراني ۽ القضاعي هي حديث آندي آهي)

ترجمو: شراب گناهن جي پاڙ آهي.

طبراني ۾ آهي تہ ”شراب براين جو بڻ بنياد آهي.“

قضاعي جي لفظن جي هن معنيٰ آهي“ شراب وليتين جي جڙ آهي.

**سمجهاڻي :** اسلام ۾ نشو حرام آهي. شراب تہ ايتري قدر حرام آهي جو ان کي گناهن ۽ برائين بڇڙاين جو منڍ چيو ويو آهي.شراب پيئڻ سان دين ۽ دنيا ۾ خرابيون پيدا ٿين ٿيون. دين جو نقصان ٿئي ٿو. عبادت ۾ ڪوتاهي ۽ هر قوت گناهن جو خطرو رهي ٿو.

طبي لحاظ سان بہ شراب ڏاڍو نقصان ڪار آهي. دماغي فتور ٿيو پويجسمجي اندروني عضون گردن وغيره تي وڏو خراب اثر ٿئي ٿو ۽ انفيڪشن پيدا ڪيو وڃهي.

قرآن مجيد ۾ شراب کي حرام چيو ويو آهي. مسلمانن ڪينشي جي لعنت خاص ڪري شراب کان هر حال ۾بچڻ ضروري آهي. ٻيءَ صورت ۾ شراب جي واپرائڻ ڪري دين ۽ دنيا ۾ نقصان ئي نقصان آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ شراب جي سڌ ڪرڻ کان روڪيو آهي:

”مَ ڪر سڌ شراب جي“ جي تون تارين توهہ،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رڳن روح
(شاهہ)

# گهوڙا تن گهوٽن جا

اَلْخَيْلُ مَعْقُوْدٌفِيْ نَوَاصِيْهَا اَلْخَيْرُاِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ

( هيءَ حديث مبارڪ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهي)

ترجمو: گهوڙن جي پيشانيءَ ۾ قيامت تائين خير رکيو ويو آهي.

**سمجهاڻي :** هينئر تہ سواريون عامجام آهن پر اڳ ۾ اٺ ۽ گهوڙا بار ۽ سفر سواري لاءِ گهڻو ڪمايندا هئا. ان وقت گهوڙو ڏاڍو مجاهد جي نشاني هوندي هئي. اسلامي جهاد لاءِ گهوڙا وڏو ڪم ڏيندا هئا. گهوڙو بہ وفادر جانور آهي. گهوڙن پالڻ سان دنيا ۾ مال غنيمت ملندو ۽ آخرت ۾ الله تعاليٰ ان جو اجر ثواب ڏيندو.

قرآن مجيد ۾ بہ مجاهدن جي گهوڙن جو الله تعاليٰ قسم ڪنيو ۽ فرمايو آهي:

” قسم آهي 0مجاهدن جي) انهن گهوڙن جو جيڪي هانپارو هڻن ٿا. پوءِ قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي سنب هڻي پٿرن مان چڻنگون ڪڍن ٿا.پوءِ قسم انهنگهوڙن جو جيڪي صبح جي وقت دشمنن تي حملو ڪن ٿا. پوءِ قسم آهي انهنگهوڙن جو جيڪي غبار اڈائن ٿا.پوءِ قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي 0دشمن جي) صفن ۾ اندر وڃن ٿا ( پاره 30 سوره العاديات آيت 1کان 5)

هيءَ الله تعاليٰ جي پاڪڪلام ۾ مجاهدن جي گهوڙن جو شان بيان ٿيل آهي. حديث نبويءَ ۾ بہ انهن گهوڙن جي پالڻ ۽ سندن پيشانيءَ ۾ خيربرڪت بابت چيل آهي

سچچيو اٿن:

پڙهڻ، ترڻ ، تير هڻڻ ،چوٿين سواري
جي نندي نہ سکيو تہ، وڏي هوندي خواري

شاهہ يٽائي بہ رسالي ۾ جنگي گهوڙن جو ذڪر ڪيو آهي

گهوڙا تن گهوٽن جا پُرڻا متي پند
جتي رهيا راتڙي، سي سونهار هند

(شاھ)

سنڌ سلامت

# ڀلائي سندو ڀير

الدَّالُ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهِ

( هيءَ حديث البيهقي، العسڪري، المنذري، امام احمد بن حنبل،ابو يعليٰ،الدارقطني ۽ البزار پنهنجن ڪتابن ۾ آندي آهي)

ترجمو: جنهن ماڻهو نيڪيءَ جو ڏس ڏنو، ان جو ثواب نيڪي ڪندڙ جي اجر برابر آهي.

مسند بزار ۾ آهي ته: برائي جو ڏس ڏيندڙ ان جي ڪندڙ مثل آهي.

**سمجهاڻي :** الله تعاليٰ وڏو مهربان رحم وارو آهي.جو نيڪ ڪم ۽ ڀلائيءَ جي ڏس ڏيندڙ کي به ان چڱي ڪم ڪندڙ جيترو اجر ثواب ڏئي ٿو.ڪوشش ڪري انسان پاڻ به چڱا نيڪيءَ جا ڪم ڪندو رهي ۽ پنهنجي وس ۽ وت آهر چڱائي ۽ نيڪ ڪمن جوماڻهن کي شوق ۽ صلاح ڏيندورهي ۽ ثواب جو حقدار ٿئي.

قرآن مجيد جي سوره آل عمران ۾ به آهي ته:

”توهان ۾ هڪ اهڙي جماعت هجڻ گهرجي،جيڪا خير ۽ چڱن ڪمن لاءِ سڏي ۽ بچڙن ڪمن کان منع ڪري“.

هيءَ حديث مبارڪ انهي سلسلي جي ڪڙي آهي. مومنن کي به حڪم الاهي آهي ته ”نيڪي جوامر ڪندا رهن ۽ برائي کي روڪين“ ڪنهن ڏاهي چيو آهي:

ڀلائـــي ڪنـــدين تـــان ڀلـــو تنهنجـــو ٿينـــدو
ڀلائـــيءَ جـــا ياڙا،خـــدا تـــوکي ڏينـــدو

شاهه ڀٽائي به نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ کي راهه لاءِ رهبر چيو آهي:

ڀلائـــي ســـندو ڀيـــر، رهبـــر ٿينـــدو راهـــه ۾
(شاهه)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# وڪرسووهاءِ، جوپئي پراٽون ٿئي

الذَّنْبُ لَا يُنْسٰى، وَالْبِرُّ لَا يُبْلٰى وَالدَّيَّانُ لَا يَمُوْتُ فَكُنْ كَمَا شِئْتَ

هيءَحديث مبارڪ الديلمي مسند الفردوس ۾ ۽ ابو نعيم حلية الاولياء ۾ آندي آهي.)

ترجمو: گناهه وساريو نه ويندو، نيڪي پراڻي ڪانه ٿيندي ۽ الله تعاليٰ ڪونه مرندو، جيڪي وڻئي سوڪر.

**سمجهاڻي :** انسان ڪيترو به لڪي ڇپي گناهه ڪري، پر اهو دل ۾ پيو ڪٽڪندو آهي ۽ ضمير ملامت پيوڪندو آهي ته هي ڀڏو ڪم آهي ان جو ضرور الله تعاليٰ وٽ حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو.

نيڪي ڪٽي ٿورڙي هجي ته به ان جو الله تعاليٰ وٽ وڏواجر ۽ ڍهوڻو ڏيج آهي.قرآن شريف جي سوره الزلزال ۾ آهي ته“ پوءِ جنهن ماڻهو واريءَ جي ذري جيتري چڱائي ڪئي هوندي اهو انکي ڏسندو.” يعني ان نيڪي جو اجر ثواب لهندو.(پاره 30 آيت 7)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به چيو آهي:

”وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي
ويچيندي ولات ۾ذرو ٿئي نه ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ،آڳهه جنهن جي ابهين“
(شاهه)

الله تعاليٰ قادر قهار ۽ حي القيوم آهي.اهو هميشه ڪان زنده ۽ دائم قائم آهي ۽ هر جاءِ تي هاضر ناظر به آهي. ان ڪري غافل انسان کي اهو ضرور هنئين سان هنداڻڻ گهرجي ته نيٺ مري هيءُ جهان ڇڏڻو ۽ اڳتي قبر قيامت ۾ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. ان ڪري برائيءَ ڪان ڪوهين دور ٿي.اهو ڪي ڪجي جو قبر قيامت ۾ ڪم اچي.

مخدوم هاشم ٺٽوي به هن حديث جي معنيٰ موافق هزارين ديني ادب جا ڪتاب پڙهي.هي نتيجو ڪڍيو آهي ۽ ڏاڍي سهڻي ڳالهه لکي آهي:

”چار هزار ڪتاب پڙهيم، انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم“

1. ھڪ ھيءَ تہ اي منھنجا نفس! اللہ جي عبادت ڪرين تہ ڪرِ نہ تہ ان جو رزق نہ کاءُ.
2. ٻيھيءَ تہ اي منھنجا نفس! جنھن ڪان اللہ تعاليٰ روڪ ڪئي آھي ان کان پاسو ڪر نہ تہ ان جي ملڪ مان نڪري وڃ.
3. ٽين ھيءَ تہ اي منھنجا نفس! جيڪي ازلي قسمت مان توکي پھچي. ان تي صبر ڪر نہ تہ پيو کو خدا ڳول جيڪو توکي رزق روزي وڌائي ڏي.
4. چوٿين ھيءَ تہ اي منھنجا نفس! جي گناھہ جي ڪم جو خيال ڪرين تہ کا اھڙي جاءِ تلاش ڪر جتي توکي خدا نہ ڏسي نہ تہ گناھہ نہ ڪر.

(علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي "مقالات قاسمي" حيدرآباد 2000ع ص 311)



سنڌ سلامت

# ڀلي ڄائيون مائرون، سنديون صالحن

اَلرِّضَاعُ يُغَيِّرُ الطِّبَاعَ

( هيءَ حديث ابو الشيخ عبدالله بن عمر بن خطاب کان روايت ڪئي ۽ عبدالله بن عباس کان القضاعي ۽ الديلمي به آندي آهي)

ترجمو: کير پيارڻ طبيعتن کي ڦيرائي توڇڏي.

**سمجهاڻي:** والدين جو اولاد جي رهڻي ڪهڻي تي جلدي ۽گهٽو اثر ٿيندو آهي.خاص ڪري کير پيارڻ سان ٻار جي طبيعت تي ماءُ جو گهرو گهاٽو اثر ٿئي ٿو.

اوليائن جي تذڪرن ۾آهي ته سندن مائرون وضو ڪرڻ ۽ پاڪصفائي کان سواءِ ٻارن کي کير نه پيارينديون هيون.اهو ئي سبب آهي جو اهڙا ٻار ننڍي هوندي کان ئي ڄمندي ڄام سڏيا آهن. پنهنجي علمءِ عمل، فڪر فيض سان ولايتون واسي ڇڏيندا آهن.

جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري ماءُ ٻار کي کير نه پياري سگهي ته ٻار کير پيارڻ لاءِ نيڪ خصلت دائي جي حوالي ڪجي ته جيئن اها به ٻار جي سڌي پالناءِ پرورش ڪري سگهي.

هونئن به مشهور آهي ته کير ۽ رت جو اثر ترت ٿيندوآهي ۽ رت دانگيءَ تي به وري پوندو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي اهڙين پاڪ دامن مائرن لاءِ چيو آهي:

ڀلــي ڄــائيون مــائرون ســنديون صــالحن
محشــر جــي ميــدان ۾ انهــن ڏاج ملــن
ٻــين ويچــارين، اوڄاڳــا ئــي اجايــا ڪيــا.
(شاهه)

# جيڪي لاڻن لکيو لوح ۾

اَلسَّعِيۡدُ مَنۡ سُعِدَ فِيۡ بَطۡنِ اُمِّهٖ وَالشَّقِيُّ مَنۡ شَقِيَ فِيۡ بَطۡنِ اُمِّهٖ

( هي روايت صحيح سند سان مسند البزار ۾ آهي)

ترجمو: سڀاڳو ٻار ماءُ جي پيٽان سڀاڳو هوندو آهي ۽ نڀاڳو ٻار بہ ماءُ جي پيٽان ئي نڀاڳو هوندوآهي.

**سمجهاڻي :** الله تعاليٰ جي قدرت سان جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ نطفو قرار وٺندوآهي تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان ملائڪ ان جوچڱو مٺو عمل رزق، نڀاڳ سڀاڳ ۽ موت جو وقت بہ لکي ڇڏيندا آهن.مطلب تہ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ حڪمت سان انسان جو ڀاڳ نڀاڳ الله تعاليٰ وٽ لکيل هوندو آهي.سنڌي ۾چوڻي آهي تہ سدورو پٽ پينگهي ۾پڌرو ۽ ندورو پٽ بہ پينگهي ۾پڌرو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ تقدير جي قلم ۽ ازلي انگ جوذڪر ڪيو آهي:

لکئو جو نراڙ سو قلم ڪياڙي نہ ٿئي

پاڙيو ويني پاڙ، ”جيڪي لاڻن لکيو لوح ۾“

(شاهہ)

# ساري سڪ سبق

اَلسَّعِيۡدُ مَنۡ وُعِظَ بِغَيۡرِه

( هي حديث مبارڪ البيهقي ۽ الديلمي آندي آهي)

ترجمو: نيڪ بخت يا سياڻو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻئي مان سبق پرائي.

**سمجهاڻي:** هيءُ دنيا عملءِ رد عمل جو جهان آهي.انڪري سوچي سمجهي قدم رکڻ گهرجي ۽ چنڊي ڦوڪيو ڪٽڻ گهرجي.انسان پاڻ ڪٿي ڪيترو به عقلمند ڏاهو سڏائي.پر ٻين جي تجربن مان سبق وٺڻ ڏاهپ ۽ عقلمندي آهي.پاڻ سڀ ڪو ته "ميان منو" پيوسڏائيندو آهي.پر يارن دوستن مٽن مائٽن پنهنجن پراون ۽ اوڙي پاڙي ۽ ديس پرديس جي حالتن ۽ واقعن کي سامهون رکي.چڱونتيجو ڪڍي عبرت وٺڻ ۽ سبق پرائڻ هر ڏاهي انسان جو فرض آهي.

قرآن مجيد ۾ به اڳين قومن جا واقعا درج آهن. انهن جي ڪرتوتنمٽن عذاب نازل ٿيڻ جي واقعن پڙهڻ کانپوءِ توبهه تائب ٿي چڱا عمل ڪجن انهن قرآني قصن ۾ به وڏو عبرت جو سامان موجود آهي ۽ اسان امت لاءِ سوين نصيحت ڀريا سبق سمايل آهن

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به سبق سکڻ جي صلاح ڏني آهي

"ساري سڪ سبق" شريعت سندو سهڻي
طريقتان تڪووهي، حقيقت جو حق
معرفت مرڪ،اصل عاشقن کي.

(شاهه)

# اپوا ڳرايون ڪرين، ماڳ هٽيو مستان

## ( جواني ديواني )

الشَّبَابُ شُعْبَةٌ مِنَ الْجُنُوْنِ

( هيءَ حديث الديلمي ۽ القضاعي،عقبہ بن عامر الجهني کان روايت آنمدي آهي)

ترجمو: مطلب تہ جواني ديواني آهي.

سمجهاڻي : الهڙ جواني انهي ڪري ديواني مشهور آهي جونوجوان انڌ جي گهوڙي تي چڙهيلهوندو آهي.پنهنجي پرائي،نفعي نقصان ۽ گهاٽي واڌي جي گويا ان کي ڪل ئي ڪانہ پوندي آهي. ويندو آهي لس لابارو ڪندو. عيشعشرت ، نفساني خواهشن،خراب صحبت ۽ ناتجربيڪاري ڪري رات ڏينهن سَڌن پنيان ڊوڙندو رهندو آهي. ننڍي وڏي جي نصيحت بہ جواني جي مستيءَ ڪري ان تي اثر گهٽ ڪندي آهي.

نوجاون جڏهن نوڪرون ڪائي چڙهندو ۽ پيريءَ ۾ پير پائيندو آهي تہ پوءِ تہ سندس حالهيڻا ۽ سور بيٺا هوندا آهن. ۽ پيو جواني ديواني کي ياد ڪري شوڪارا پريندو. پر هينئر ڳالهہ مان ڪجهہ ڪونہ ورندس.“ پڪي گهوڙي کي ڪهڙا ڪنا پوندا؟”

ان ڪري انسان کي ننڍپڻ کان سوچڻ سمجهڻ گهرجي تہ جواني ڪنهن سان بہ سدا نيبهہ ناهي ڪيو. ان ڪري جوانيءَ ۾ چڱا ڪم ڪري. پيريءَ لاءِچڱو ثمر ناهجي. توبہ تائب ٿي.الله ۽ رسول ﷺ جو رستو وٺي هلجي. غريبن سان همدردي، ڪمزورن سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهڻ گهرجي. جواني کي ساجيو ۽ سڦل ڪجي.

شيخ سعدي شيرازي بہ جواني بابت ڪهڙي سهڻي ڳالهہ ڪئي آهي.

جواني شد و زندگاني نہ ماند
مطلب تہ جواني وئي تہ گويا زندگي وئي
در جواني توبہ کردن شيوه پيغمبري

وقت پيري گرگ ظالم ميشود پرهيزگار

مطلب تہ جواني ۾ توبہ ڪرڻ پيغمبرن جوڪم آهي.پيريءَ جي وقت ۾ ظالم بگهڙ بہ پرهيزگار سڏائيندو آهي.(جيتوڻيڪ نبي سڳورا عليهم السلام گناهن کان معصوم هوندا آهن پر امت کي توبہ تائب ٿيڻ ۽ سيکارڻ لاءِ توبہ استغفار ڪندا آهن مترجم)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ سر ڪوهياري ۾ سسئي جي روپ ۾غافل جوان کي تنبيہ ڪندي چيو آهي تهجواني جي انڌ ۾ ننڊ ۾ سنجهي سمهي پنهل وڃائي ٻين کي ڏوراپا ڏئي. اڪين کي اوڃاڳو نہ ڏنئي؟

ستئين سنجهيئي منهن ويڙهي مئن جيئن،
اوجاڳو اکين کي جاتئي نہ ڏيئي
هتان تو پيئي ڪچو ڪيچين کي ڪريين
(شاهہ)

# منجهين باغ بهار

الشِّتَاءُ رَبِيْعُ الْمُؤمِنِ قَصُرَ نَهَارُهٗ فَصَامَهٗ وَطَالَ لَيْلَهٗ فَقَامَهٗ

( هيءَ حديث مبارڪ البيهقي ابو يعلىٰ القضاعي ۽ العسڪري حضرت ابو سعيد الخدري رضي الله عنه کان آندي آهي)

ترجمو: سيارو مومن لاءِ بهار آهي جنهن جا ڏينهن ننڍا ٿين ٿا. پوءِ هوان ۾ روزا رکي ٿو ۽ ان جون راتيون وڏيون ٿين ٿيون.پوءِ هو ان ۾ بيهي عبادت ڪري ٿو.

**سمجهاڻي :** جيتوڻيڪ راتيون ڏينهن ،مهينا، سال ۽ مندون موسمون سڀ الله تعالىٰ جون پليون آهن. پرمومنن لاءِ سيارو عبادت ڪرڻ لاءِ باغ بهار مثل آهي. ڇاڪاڻ ته سياري جا ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿين ٿيون. ان ڪري مومن کي ڏينهن جو روزي رکڻ ڪري ڪابه تڪليف ڪانه ٿي ٿئي. البته راتين جي ڊگهي هجڻ ڪري مومن ڪجهه آرام به ڪري ۽ عبادت به ڪري ٿو ۽ ٿڪاوٽ محسوس نه ٿو ڪري.

اونهاري ۾ سخت گرمين ڪري گهڻي تڪليف ٿيندي آهي. ان ڪري سياري کي موسم بهار سان تشبيهه ڏئي ۽ مومنن کي عبادت جو شوق ڏياريو ويو آهي.

شاهه ڀٽائي به پنهنجي اندر کي باغ بهار سان ڀيٽيو آهي.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، ڇتاڙو ڇوڏار
منجهين ڪاڪ ڪڪورئي ”منجهين باغ بهار“
ڪانهي ڀي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڊرو
(شاهه)

*

ڏينهان گهارن ڏڪ سين، راتيان ڪن رهاڻ
عمر! تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري
(شاهه)

# پارپچنديئي خبرون

الظُّلمُ ظُلمَاتٌ يَوۡمَ الۡقِيامَةِ

( هي روايت امام بخاري ، عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان آندي آهي.)

ترجمو: ظلم قيامت جي ڏينهن بہ اونداهي شڪل ۾ هوندو.

**سمجهاڻي:** ظلم هن دنيا ۾ بہ حرام ۽ انسان ۽ معاشري لاءِ بدنما داغ آهي تہ قيامت جي ڏهاڙي ۾ ظالم واسطي سندس ظلم اوندهہ انڌوڪار تي سامهون ايندو ۽ ظالم کي دوزخ ۾ وجهرائيندو. ظلم هر مذهب ۾ حرام آهي ۽ عدلانصاف ئي معاشري لاءِ بهترين اصول آهي.

شاهہ پٽائي بہ ظالم کي ٻيڙيءَ جي ملاح سان تشبيهہ ڏئي سر سريراڳ ۾ چيو آهي تہ اي ٻيڙائتا! توکي ٻئي ڳالهيون نہ ڦٻنديون. سڀاڻ قيامت ۾ سيخبرون پچندو:

ٻيڙياتــــا ٻيئي،تـــو نـــــ ڦبنـــديون ڳـــالهڙيون
ســـچيون راتيـــون ســـمهين، پـــر ســـڪاڻ ڏيئـــي
صـــــباح ســـــيئي، ”پـــــار پچنـــــديئي خبـــــرون“
(شاهہ)

(شــاهه)

# ٿوري قوت قراريا

اَلْقَنَاعَةُ مَالٌ لَّا يَنْفَدُ وَ كَنْزٌ لَّا يَفْنٰى

( هي حديث مبارڪ امام طبراني المعجم الاوسط ۾ جابر بن عبدالله ڪان روايت آندي آهي)

ترجمو: قناعت اهڙو مال آهي جيڪو نہ کٽندو ۽ قناعت اهڙي کاڻ آهي جا ختم نہ ٿيندي.

**سمجھاڻي:** وچٿري نموني گذارڻ ڏاهپ ۽ عقلمندي آهي قناعت ۽ ڪفايت شعاري جي هلڻ سان ئي ترقيءَ جو دروازو کلندو آهي. اجايو خرچ ڪرڻ ۽ بخيل ٿي گذارڻ بہ چڱو نہ آهي. پر هر ڪم ۾ وچٿري نموني قناعت ڪفايت سان هلڻ ڪري ملڪ ۽ قوم ترقي ڪري سگھندا.

اسلام هميشہ وچٿري نموني گذارڻ ۽ قناعت ڪفايت ۽ سادگي سان رهڻ جو ڏس ڏنو آهي. قناعت ڪفايت اهڙي وٿ آهي. جنهن سان دين ۽ دنيا جون مسرتون ماڻي سگھجن ٿيون.

شيخ سعدي شيرازي بہ قناعت جي تعريف هن ريت ڪئي آهي:

”اي دل! جيڪڏهن قناعت اختيار ڪرين. تہ خوشي راحت جي ولايت ۾ بادشاهي ماڻي سگھندين. قناعت جي نور سان ئيزندگي ڪي سينگار ۽ اها ئي پاڪ واري جي نشاني آهي.“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ قناعت بابت ملير جي مارن جو مثال ڏئي ٻڌايو آهي تہ اهي مارو‍ئڙا بہ ٿوري رزق ۽ قوت تي قرار ڪري ۽ قناعت سان گذارين ٿا.

” ٿـــوري قـــوت قراريـــا“ رهــن ســبر ســت
ڪتـــيءَ ۾ ڪـــہ پڪليـــا، پـــوٽن اهـــڙي پـــت
پنهـــواري پـــت، پيهـــي پـــچ مليـــر ۾
(شاهہ)

# آئون ٻہ اڳيري ٿيان

الْكَيِّسُ مَنْ دَانَ نَفْسَهُ وَعَمِلَ لِمَا بَعْدَ الْمَوْتِ وَالْعَاجِزُ مَنْ أَتْبَعَ نَفْسَهُ هَوَاهَا وَتَمَنَّى عَلَى اللهِ الْأَمَانِيَّ

( هيءَ حديث مبارڪ مستدرڪ حاڪم، جامع ترمذي، سنن ابن ماجہ مسند امام احمد بن حنبل ۽ مسند الشهاب القضاعي ۾ آهي محدثن هن حديث تي بحث ڪيو آهي.

ترجمو: ڏاهو عقلمند اهو آهي جنهن پنهنجو نفس تابعدار بنايو ۽ موت کان پوءِ آخرت لاءِ عمل ڪيو ۽ بيوقوف اهو آهي جنهن پنهنجي نفس کي ان جي خواهش جي تابع ڪيو ۽ اميدون رکي الله تي تمنا ڪري ويهي رهيو.

سمجهاڻي: هن زماني ۾ هر هڪ ماڻهو پاڻ کي عقل ڪل ۽ سياڻو سمجهي ٿو ۽ ٻئي ماڻهو کي گهٽ ڄاڻي ٿو.

حقيقت ۾ حضور پر نور ﷺ جي جامع فرمان مطابق،ڏاهو ۽ عقلمند اهوماڻهو آهي جيڪوپنهنجي نفسکي نهوڙي نيست نابود ڪري. الله ۽ رسول ﷺ کي راضي ڪري چڱا عملڪندورهي ۽ نافرمان ندوري نفس جو چيونہ مڃي ۽ هميشہ آخرت جي تياري واسطي نيڪ ڪم ڪندو رهي. صحيح ۾ عقلمند ماڻهو اهو ئي چئبو.

باقي بيوقوف ماڻهو تہ هر ڪنهن کي ساريو پيو آهي. جيڪو نفس جي خواهشن جو تابعدار ۽ شيطان جو يار آهي. چڱن ڪمن کان برو ۽ برن ٻچڙن شيطان ڪمن ڪرڻ ۾ ڪرو آهي. نہ الله ۽ رسول جي تابعداري ياد ۽ نہ وري موت جو ئي ڪيس ڪو فڪر آهي تہ آخر هڪ ڏينهن هيءَ جهان ڇڏي.هميشہ واري ماڳ تي هلڻو آهي.عمل ڪرڻ کان عاري رڳو خالي اميد رکي ويٺو چوي.تہ هو پاڻهي بخشيندو.شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ لوچڻ،عمل ڪرڻ ۽ اڳيرو ٿي وک وڌائڻ لاءِ چيو آهي تہ:

پاڻهي ايندو هوت، " پر آئون بہ اڳيري ٿيان"
متان چوي بلوچ، تہ ڪميني مان ڪين ٿيو.

(شاهہ)

سنڌ سلامت

# اکيون منهن ميهار ڏي

اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَعُوذُبِكَ مِنۡ شَرِّ سَمۡعِیۡ وَ مِنۡ شَرِّ بَصَرِی وَمِنۡ شَرِّ مَنِيِّنِی

(هي دعا جا لفظ مبارڪ ابوداﺋود،الترمذي ۽ النسائي اصحابي شڪل بن حڪميد العبي کان روايت ڪيا آهن)

ترجمو: اي الله! بيشڪ آﺋون تنهنجي پناهه ٿو گهران پنهنجي ڪن ۽ اک. ۽ حرامڪاريءَ جي شر کان.

**سمجهاڻي :** حديث پاڪ جي ڪتابن ۾ نبي پاڪ ﷺ جون مختصر ۽ جامع دعاﺋون گهڻيون آيلآهن. هر هڪ دعا جي پنهنجي معنيٰ، جامعيت ۽ اهميت آهي. هن دعا ۾ ڪن، اک ۽ نفس جي حرامڪاري ۽ شر کان پناهه لاءِ الله تعاليٰ کي عرض ڪيل آهي ته اي منهنجا مالڪ مٺا! ڪوڙ ٻڌڻ، بهتان،گلا غيبت چغلي ۽ گناهه وارين سيني شين ٻڌڻ جي شر کان پناهه ڏي. هي ڪن جو شر آهي.

اکجي شر جو مطلب آهي ته ڪنهن ڏانهن بري بد نظر ڪري نهارڻ ڪنهن کي گهٽ ڪري ڏسڻ. الله تعاليٰ جي قدرت جون شيون ڏسي عبرت نه وٺڻ.

حرامڪاري جو مقصد آهي ته زنا ظلم ڪرڻ، چاڪاڻ ته زنا فنا آهي.

دعا گنهگار ٻانهي جي ڊال آهي ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ هي دعا سيکاري آهي.

شاهه ڀٽائي به اکين ۽ منهن جي ڳالهه ڪئي آهي.

"اکيون منهن ميهار ڏي" رکيون جن جوڙي
ري سند سيد چئي، تار گهڙن توڙي
تنين کي ٻوڙي، سائر سگهي ڪين ڪي.
(شاهه)

# مٺيو وجهان مڇ ۾

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُبِكَ مِنۡ شَرِّ فِتۡنَةِ الۡغِنٰى

(دعا جا هي لفظ حديث جي مشهور ” صحاح ستہ“ ڇهن ئي ڪتابن ۾ آيل آهن.)

ترجمو: اي الله! بيشڪ آئون شاهوڪاري يا دنيا دولت جي فتني جي شر کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو.

**سمجهاڻي:** دنيا دولت ۽ مالملڪيت الله جي راهہ ۾ خرچ ڪجن تہ اها دنيا ملڪيت نعمت آهي. ان سان مسڪينن غريبن جي مدد ڪرڻ ثواب ۽ آخرت ۾ ڀلائي آهي.

پر اڪثر ٿيندو ائين آهي. جو دنيا دولت وارا دنيادار ۽ شاهوڪار ماڻهو الله ۽ رسول جو حق ادا ڪونہ ڪندا آهن. پر دنيا دولت جي مغروريءَ ۾ ظلم زبردستي ۽ ڏاڍ ڏمر حرامڪاري ۽ بيحيائي جا ڪم ڪري. نعمت واري دنيا دولت کي زحمت واري عذاب ۾ تبديل ڪرڻ جوسبب بڻيا آهن. متن الله تعاليٰ جي نعمتن جا حق رهجي ويندا آهن ۽ عذاب جا حقدار ٿيندا آهن.

ان ڪري سڳوري نبي ﷺ بہ مسڪين رهڻ جي دعا گهري آهي.

مطلب تہ گهڻي دولت آزمائش آهي. ان آزمائش مان ڪو ڪامياب ٿيندو آهي.

مولانا رومي بہ مثنوي ۾ چيو آهي تہ:

اسان جو نفس بہ خدائي دعويٰ ڪندڙ فرعون کان گهٽ نہ آهي پر ان وٽ گهڻي دنيا هئي. ان ڪري خدائي دعويٰ ڪري ويٺو ۽ اسان وٽ اڻ کٽ دنيا ڪانهي.

شاهہ ڀٽائي بہ سر ليلا چنيسر ۾ مٽئي جي موهہ ۽ دنيا جي لالچ کان پناهہ گهري آهي:

” مٺيو وجهان مڇ۾“ هائي هٿي هار
ڀري جي ڀتار، تہ ميريائي مانُ لهان
(شاهہ)

## هادي رکج حفظ ۾

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ رَحۡمَةً تَهۡدِيۡ بِهَا قَلۡبِيۡ وَتَجۡمَعُ بِهَا شَمۡلِيۡ وَتَلُمُّ بِهَا شَعۡثِيۡ وَتُصۡلِحُ بِهَا غَائِبِيۡ وَتَرۡفَعُ بِهَا شَاهِدِيۡ وَتُزَكِّيۡ بِهَا عَمَلِيۡ وَتُلۡهِمُنِيۡ بِهَا رُشۡدِيۡ وَتَرُدُّ بِهَا اُلۡفَتِيۡ وَتَعۡصِمُنِيۡ بِهَا مِنۡ كُلِّ سُوۡءٍ

( هيءَ دعا جا لفظ مبارڪ الترمذي ۾ عبدالله بن عباس ڪان روايت ڪيل آهن)

ترجمو: اي الله! بيشڪ آئون توکان اهڙي رحمت جو سوال ٿو ڪريان. جنهن سان منهنجي دل کي هدايت ڪرين ۽ منهنجون سڀ حاجتون پوريون ڪرين ۽ منهنجي پريشاني دور ڪرين. منهنجي پر پٺ ڀلائي ڪرين. منهنجي حاضر کي مٿاهون ڪرين ۽ منهنجي عمل کي پاڪ ڪرين ۽ منهنجي دل ۾ نيڪ ارادا وجهين ۽ ان جي ذريعي اها شيءِ بہ موٽائي ڏي. جنهن سان آئون محبت ڪريان ٿو ۽ ان جي ذريعي مون کي هر برائي کان بچاءِ.

**سمجهاڻي:** سهڻي نبي پاڪ ﷺ جي هيءَ دعا ظاهر ۽ پيارن لفظن واري جامع آهي.

شاهہ ڀٽائي بہ رسالي ۾ رب ڪريم کي سڏرا ڪيا آهن. ۽ دعائن جا سهڻا لفظ سمويا آهن.

جيسين جيارين،"هادي رکج حفظ ۾"
محتاجي مخلوق جي،شل قادر نہ ڪارين
عربي عبداللطيف کي، ويل نہ وسارين
پرڪش پيارين، پري جام جنت جو

(شاهہ)

# سڪڻ ڪيا شهيد

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ الۡفَوۡزَ فِي الۡقَضَاءِ وَ مَنَازِلَ الشُّهَدَاءِ وَعَيۡشَ السُّعَدَاءِ وَالنَّصۡرَ عَلَى الۡاَعۡدَاءِ

( هي جامع دعا امام ترمذي عبدالله بن عباس  کان روايت ڪئي آهي)

ترجمو: اي الله! بيشڪ آئون توکان قضا ۾ ڪاميابي ۽ شهيدن وارا مرتبا ۽ منزلون ۽ نيڪ بختن واري حياتيءَ جو سوال ڪريان ٿو ۽ دشمنن مٿان فتح سوڀ جو به سوال ڪريان ٿو.

**سمجهاڻي :** هن حديث نبوي جي دعا ۾ ٽئن ڳالهين جو سوال آهي قضا ۾ ڪاميابي يعني دنيا آخرت جي هر ڪم ۾ آساني ملڻ ۽ مشڪلاتون حل ٿيڻ. الله تعاليٰ نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن ٻانهن کيوڏيون نعمتون عطا فرمايون آهن. هتي شهيدن جي رتبن ۽ منزلن جهڙين نعمتن جوسوال آهي. ان سان گڏ نيڪ بخت صالح ٻانهن جهڙي بابرڪت ۽ سهٺي حياتيءَ گذارڻ لاءِ التجا آهي.

اصل ۾ انسان جو دشمن ته نفس شيطان آهي.پر هن دنيا ۾ به گهڻو ڪري نيڪ ماڻهنسان ساڙ ڪري ماڻهو مخلافت پيا ڪندا ۽ تڪليفون پهچائيندا آهن. ان ڪري دعا ۾ آخري لفظ دشمن تي فتح، ڪاميابي، مدد ۽ سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪيل آهي.

مقصد ته هيءَ دعا دين ۽ دنيا جي ڀلائي لاءِ جامع آهي. الله تعاليٰ قبول فرمائي آمين

شاهه ٻڌائي ٿو ته ”سڪڻ ڪيا شهيد“ جا لفظ دهرايا آهن

جا عمر تو مل عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا
ويئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد
”سڪڻ ڪيا شهيد“ مارو جي مليرجا
(شاهه)

# سا مجلس ٺئي مٽ

اَلْمَجَالِسُ بِالْاَمَانَةِ

( هيمبارڪ حديث جابر بن عبدالله ۃ ڪان ابوداؤد ۽ ابن ماجہ روايت آندي آهي.)

ترجمو: مجلسون يا ڪچهريون امانت آهن.

**سمجهاڻي :** هن حديث مبارڪ ۾ انساني معاشري بابت اهم ڳالهہ سمجهايل آهي تہ يارن دوستن، متن مائٽن يا اميرن ڪبيرن جي مجلس يا ڪچهري ۾ ڪيل راز وپاريون ڳالهيون ٻين عام ماڻهن کي نہ ٻڌائجن. ائين ڪرڻ سان هڪ تہ راز کلي پوندو ۽ نقصان جو انديشو آهي. ٻيو تہ ٻيهر ڪير بہ راز کولڻ واري ماڻهو تي ڀروسو نہ ڪندو. ڪيس ڦاٽوڙو دهل چاٽندو.جيڪو ڇڻ تہ وقت بنا وقت پيو وڄي.

گويا ڪچهريون بہ امانت آهن جو ڪچهريءَ ۾ ٻڌل ڳالهيون بہ امانت سمجهي هر هڪ سان نہ کولجن ۽ راز کي راز ٺئي رهڻ ڏجي. راز ۾ بہ وڏي رمز رکيل هوندي آهي. چاڪاڻ تہ راز کلڻ سان چڱي ڪم ۾ بہ رڪاوٽون پئجي سگهن ٿيون.

البت جيڪڏهن ڪنهن کي نقصان پهچائڻ جون ڳالهيون ٿين. تہ ان کي ٻڌائڻ ضروري آهي. جيئن اهو ماڻهو نقصان کان محفوظ رهي.

وينــــــي جنـــــين وٽ، ڏڪنـــــدو ڏاڍو ٿئـــــي
”سا مجلس ٺئي مـٽ“ جي حاصل هـوءِ هـزار جـو
(شاهہ)

# ويـنـي جنين وٽ

اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽ امام مسلم روايت ڪئي آهي)

ترجمو: ماڻهو ان شخص سان گڏ هوندو. جنهن سان محبت ڪندو.

**سمجهاڻي:** حقيقت هي آهي تہ انسان جي هن دنيا ۾ جنهن سان گهڻي محبت هوندي، تہ قيامت جي ڏينهن بہ ان سان گڏ هوندو. حديث پاڪ ۾ ايئن بہ آيل آهي تہ جو ماڻهو جنهن قوم يا شيءِ سان مشابهت ڪندو تہ قيامت ۾ ان سان گڏ اٿاريو ويندو. (بخاري) ان ڪي ظاهر آهي جنهن شخص جي هن دنيا ۾ چڱن ماڻهن سان صحبت سنگت هوندي تہ محشر ۾ بہ انهن نيڪن صالحن سان گڏ هوندو ۽ صالحن جي صحت ۽ خدمت ڪري جنت ماڻيندو.

باقي جيڪڏهن هن جڳ ۾ برن بڇڙن سان ساٿ ڏئي.ڍنگهرن تياتو هاريندو رهندو، تہ ان جو آخر ۾ برو نتيجو ڀوڳڻو پوندو ۽ عذاب جو حقدار ٿيڻو پوندو.

گهڻو ڪري ائين بہ آهي تہ ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي. ان ڪري ئي نبي پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ جن حديث مبارڪ جا متيان سهڻا لفظ چيا تہ" (قيامت ۾) ماڻهو ان شخص سان گڏهوندو، جنهن سان دنيا ۾ محبت ڪندو هوندو."

ان ڪري نيڪن ۽ صالحن جي صحبت سنگت ۽ خدمت پاڻ تي لازم ڪري ونجي، تہ خاتمہ بالخير ۽ جنت جي خوشخبري ماڻي سگهجي.

صالحن جي صحبت نيڪ اثر ڪندي آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ صالحن جي صحبت ڪرڻ ، وڃي ويهڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

" ويـنـي جنـين وٽ" ڏکنـدو ڏور ٿئي
تـون تـنـين سـين ڪـٽ، اوڏا اڏي پکـڙا
( شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# ڏوٽي انهين ڏيهه جا

اَلْمُسْلِمُوْنَ تَتَكَافَأُ دِمَاؤُهُمْ وَيَسْعٰى بِذِمَّتِهِمْ أَدْنَاهُمْ وَهُمْ يَدٌ عَلٰى مَنْ سِوَاهُمْ

( هيءَ حديث مبارڪ ابو دائود ۽ النسائي روايت ڪئي آهي)

ترجمو: مسلمانن جا خون يا رت برابر آهن. ادنيٰ مسلمان بہ امن ڏئي سگهي ٿو ۽ ان جي امن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي ۽ پنهنجي غير تي هڪ هٿ جيان آهن.

**سمجهاڻي:** الله تعاليٰ وٽ سڀ مسلمان برابر آهن. پر الله تعاليٰ وٽ وڏيڪ عزت وارو اهو آهي، جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي. باقي اسلام ۾ مسڪين، شاهوڪار ۽ اڇي ڪاري ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي.عزت ۽ مرتبو آهي تہ دينداري ۽ وڌيڪ پرهيزگاري ڪري آهي.

جيڪڏهن ڪوبہ مسلمان ڪنهن ڪافر کي امن ڏئي يا واعدي ڪري تہ بين مسلمان ڀائرن کي ان جي عهد ۽ امن جي پاس خاطري ۽ لهہ لحاظ رکڻو آهي. چاڪاڻ تہ مسلمان سڀ هڪ هٿ برابر پاڻ ۾ ڀائر آهن.

شاهہ ڀٽائي مسلمان ڀائرن کي سر مارئي ۾ پاڻ ۾ محبت ڪندڙ "ڏوٽي انهين ڏيهه جا" چيو آهي:

عمر، اڄ گڏيام، " ڏوٽي انهين ڏيهه جا"
پارانيا پرين جا، ايئي ان چيام
لهي لوهہ پيام، لطف ساڻ لطيف چئي
(شاهہ)

# تہ مسلماني ماڻيين

اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِسَانِهٖ وَيَدِهٖ وَالْمُهَاجِرُ مَنْ هَجَرَ مَا حَرَّمَ اللهُ عَلَيْهِ

(هن حديث پاڪکي امام بخاري عبدالله بن عمرو بن عاص کان روايت ڪيو آهي)

ترجمو: ڪامل مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان سلامت رهن ۽ کهاجر اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي حرام ڪيل شين کي ڇڏي ڏئي.

**سمجهاڻي:** اسلام ”سلم“ مان نڪتل آهي. ان جي معنيٰ آهي صلح ۽ سلامتي. جنهن شخص جي زبان ۽ هٿ کان ڪنهن کي ناحق ايذاءُ پهچي. تہ اهو امن پسند ماڻهو نہ چئبو. زبان سان ٻي ڪنهن جي گلا غيبت، ڪوڙ ٻدوڙ۽ گاريون گند، چغلي هڻڻ بہ ايذائڻ آهي. ۽ هٿ سان ڪنهن کي ڏک هڻڻ مارڻمنع آهي. ان ڪري سچو مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان بچيل رهن.

هجرت ۽ هجر جي معنيٰ آهي ڇڏيڏيڻ. ان ڪري ڪامل مسلمان اهو آهي. جيڪو الله تعاليٰ طرفان حرام ڪيل ڪمن ۽ شين کي ڇڏي ڏئي. انهن حرام ڪمن کان پاسو ڪري پاڻ بچائي.

شاهہ ڀٽائي بہ چيوآهي تہ سچو مسلمان اهو آهي. جو وصال جو طالب، دورنگي دور ڪندڙ،معرفت جو ڳولائو ۽ امن مان مسلماني ماڻڻ جو گهرجائو هوندو آهي.

تون ڪا ڪاني پاءِ، ونين ۾ وصال جي
در ٻينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ
سپريان جي سونهن ۾، رخنون ڪين رهاءِ
اڪ اشهد چاءِ، ”تہ مسلماني ماڻيين
(شاهہ)

# سوڍي جي صلاح

## اَلْمُسْتَشَارُ مُؤْتَمَنٌ

( هيءَ حديث مبارڪ امام احمد ، ابو مسعود انصاري(عقبہ بن عمرو) کان روايت آندي آهي. ابو دائود، الترمذي، النسائي ۽ ابن ماجہ، ابو هريره کان ۽ الطبراني سمره کان روايت آندي آهي.)

ترجمو: جنهن کان صلاح مشورو ورتو وڃي. سو امانتدار آهي.

**سمجهاڻي:** دين دنيا ۾ صلاح مشوري جي وڏي اهميت آهي. جڏهن ماڻهو ڪنهن مشڪل ڳالهہ ۾ منجهي پوي، تہ هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟ ان وقت پنهنجي دلي دوست، وڏي مٽ مائٽ، استاد، مرشد ۽ صالح شخص سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ سهڻي صلاح ملڻ سان اهو مشڪل آسان ٿي ويندو. نقصان کان بچي سگهبو ۽ فائدو ملندو. جڏهن صلاح مصلحت ۾ بہ ٿي چڱا ماڻهو ۽ ذهن گڏجي ڪا ڳالهہ سوچيندا. سا ضرور فائديمند هوندي.

قرآن شريف ۾ بہ صلاح مشوري ڪرڻ بابت آيل آهي تہ:

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ.(پاره 4 سوره آل عمران آيت 159)

ترجمو: ۽ انهن سان اهم ڪمن ۾ مشورو ڪريو.

هي ڳالهہ بہ لازم آهي تہ ڪنهن کان صلاح مشورو وٺجي تہ سهڻي صلاح ڏيڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي غلط مشورو ڏئي نقصان نہ پهچائجي. غلط مشورو ڏيڻ گوياامانت ۾ خيانت آهي.ڀٽائي بہ چيو تہ سوڍي جي صلاح سان ڪونر چرندين ڪاڪ جا:

ڪرهــا ڪـــارڻ ڪــاه، تـــوکي ڏٽـــين ڏاريـــو
ســـاري ڏيـــج ســـيد چئـــي، لـــداڻي تـــان لاه
مقـــابلو مومـــل ســـين، تيـنـــدو ســـنجهہ صـــباح
”ســـوڍي جـــي صـــلاح“ ڪـــونر چرنـــدين ڪـــاڪ جـــا
(شاهہ)

# ڪيڏ تون دغا دل مان

اَلْمَكْرُ وَالْخَدِيْعَةُ فِي النَّارِ

( هيءَ حديث الديلمي ابو هريره کان ۽ القضاعي ابن مسعود کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: دوکيباز ۽ ٺڳ دوزخ جي باھ ۾ ويندو.

**سمجهاڻي:** مکر ۽ فريب، دوکو ۽ ٺڳي مسلمان جو شان نہ آهي. معاشري ۾ جيکي بہ خراب ڪم آهن. انهن ۾ دوکو ۽ ٺڳي ڪرڻ تمام خراب ڪم آهي. چاڪاڻ تہ ڪنهن کي دوکي ۽ ٺڳي سان ٺڳڻ، نقصان پهچائڻ اسلام ۾ منع آهي. دوکيباز ماڻهو ٻئي کي تہ نقصان پهچائي خوش ٿيندو آهي.پر هن حديث پاڪ جي روشنيءَ مان ظاهر آهي تہ مکريل ٺگ ۽ دوکيباز ماڻهو دوکي ۽ ٺڳي ڪرڻ جي ڪري دوزخ جي باھ ۾ پوندو ۽ پنهنجي آخرت تباھ ڪندو. الله تعالىٰ سڀني مسلمان ڀائرن کي مکر فريب دوکي ۽ ٺڳي کان محفوظ رکي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي بہ انسان کي دل مان دغا، دوکو ۽ دولاب ڪيڻ ۽ سچ جو درس ڏنو آهي.

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ، اتي اور الله سين
”ڪيڏ تون دغا دل مان“ صاحب وٽي سچ
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ
ان پر اتي اچ، تہ سوديو ٿيئي سقرو
(شاھ)

# سيپئي سهاڳڻيون

اَلنَّاسُ كَأَسْنَانِ الْمِشْطِ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن لال"مڪارم الاخلاق" ۾ سهل بن سعد کان روايت آندي آهي.)

ترجمو: ماڻهو ڦڻيءَ جي ڏندن جيان آهن.

**سمجهاڻي :** سڀ انسان حق ۾ حقوق ۾ برابر آهن. البت سيني ۾ بهتر اهو آهي. جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي. مقصد تہ سڀ انسان ڦڻيءَ جي ڏندن وانگر هڪجهڙا برابر آهن. ڪنهن کي بہ هڪ ٻئي جي مٿان ڀلائي ۽ فوقيت نہ آهي. ها تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ واري کي ڀلائي ۽ فوقت آهي. ظاهري زيب زينت ۽ هار سينگار کي اهميت ڪانهي. خدا جي خوف ۽ پرهيزگاريءَ جي ئي اهميت ۽ افضليت آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي بہ سر ليلا چنيسر ۾ سيني انسانن کي " سيپئي سهاڳڻيون" سڏيو آهي. پر نياز نوڙت ۽ پرهيزگاريءَ کي اهميت ۽ فوقيت ڏني آهي.

.

"سيئي سهاڳڻيون" سيني ڳچيءَ هس
پسڻ ڪارڻ پرين جي، وڏا ڪيائون وس
ڍول تنين جي گس، هيناهيون هلن جي
(شاهه)

# سون ورنيون سوڊيون

اَلنَّاسُ مَعَادِنُ كَمَادِنِ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ خِيَارُهُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُهُمْ فِي الْاِسْلَامِ اِذَا فَقُهُوْا

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽ مسلم ابو هريره  کان روايت آندي آهي.)

ترجمو:ماڻهو کاڻين وانگر آهن، جيئن ڪا کاڻ سون جي تہ ڪا چانديءَ جي، جيڪڏهن عقل ۽ سمجهہ اٿن تہ جاهليت ۾ بہ ڀلا ۽ اسلام ۾ بہ ڀلارا.

**سمجهاڻي :** جيئن معدني ذاتن جون کاڻيون مختلف آهن. اهڙيءَ طرح ماڻهو بہ مختلف طبيعتن ، عادتن، خاصيتن ۽ خصلتن وارا ٿين ٿا.مثال طور سون جي کاڻ مان سون، چاندي جي کاڻ مان چاندي نڪرندي آهي. ايئن انساني فطرت ۽ طبيعتن جو حال آهي. نيڪ ۽ چڱي ماڻهو مان تہ ڀلائي جي اميد هوندي آهي. البت اسلام کان اڳ جاهليت واري زماني ۾ انساني فطري خوبيون اسلام آڻڻ کان پوءِ، تہ ويتر نکري نروار ٿي پيون. جيڪو بہ جاهليت واري دور ۾ ذاهپ سمجهہ سان باصلاحيت جو تہ اسلام۾ بہ اهو باڪردار باصلاحيت ذاهو ۽ سمجهدار آهي. اسلام ۾ ئي دين جي سمجهہ حاصل ڪرڻ سان ڪامل ڀلائي ملي ٿي. برائين کان پاڻ بچائڻ ئي اخلاق جي بهتري آهي.

شاهہ ڀٽائي بہ سون ۽ چاندي جي تشبيهہ اهڙن ماڻهن لاءِ سر مومل راڻي ۾ ڏني آهي.

” سون ورنيون سوڊيون“ رهي راڻديون ڪن
اڳ اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪتن
اوتيائون عنبير جا، متي طاق تڙن
تيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئي پرين
اجهي تا اچن، ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي
(شاهہ)

# ليلا ليلائيج

النَّدَمُ تَوْبَةٌ

( هيءَ حديث مبارڪ الطبراني معجم الڪبير ۾، ابو نعيم حليہ الاولياء ۾ ابو سعيد انصاريءَ کان، ابن ماجہ، البيهقي ۽ الحاڪم انس کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: پشيماني توبہ آهي.

ابو نعيم جي روايت ۾ هي لفظ وڌيڪ آهن تہ: "سچي دل سان توبہ ڪندڙ ايئن آهيجنهن جڻ تہ گناهہ ئي نہ ڪيو آهي."

**سمجهاڻي:** انسان گنهگار خطاڪار آهي. جيڪڏهن اتفاق سان گناهہ ۽ خطا ٿي پوي. تہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ دلسان پشيمان ٿي. گناهہ کان توبہ تائب ٿجي تہ اي الله! هي گناهہ معاف فرماءِ. آئندي بہ گناهہ نہ ڪرڻ جي توفيق ڏي.

پشيمان ٿيڻ توبہ جو رستو آهي. ٻانهو الله تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش کان نااميد نہ ٿئي. پر سچيءَ دل سان پشيمان ٿي. توبہ ڪري الله جي رحمت ۽ بخشش ۾ اميدرکي. چڱا ڪم ڪندو رهي تہ عذاب کان بچي، جنت جوحقدار بنجي.

هر بيماريءَ جي دوا هوندي آهي ۽ گناهن جو علاج جو علاج توبہ ڪرڻ آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ توبہ ڪرڻ ، ليلائڻ جي ترغيب ڏني آهي:

" ليلا ليلائج" اتئي ماڳ منت جو
ليلائي نہ لهي، تان پڻ ليلائج
آسرو م لاهيج، سڄڻ سٻاجهو گهڻو
(شاهہ)

جي ڪارون آڻين ڪانڌ ڪي، تہ روئي ريجهائيج
"ليلا ليلائيج" اتئي ماڳ منت جو
(شاهہ)

# ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، انهين خر خوار

النِّسَاءُ حَبَائِلُ الشَّيْطَانِ

( هيءَ حديث مبارڪ الديلمي ۽ القضاعي عقبہ بن عامر الجهني کان ۽ الديلمي عبدالله بن عمر کان ابو نعيم عبدالرحمان بن عباس کان ۽ ابن لال ابن مسعود کان ۽ الخرائطي * التميمي زيد بن خالد کان روايت ڪئي آهي. " المواهب اللدنيہ" جي سارح علامہ الزرقامي چيو آهي تہ هي حديث حسن آهي.)

ترجمو: عورتون شيطان جو ڄار آهن.

**سمجهاڻي :** جيتوڻيڪ اسلام ۾ عورت جي وڏي عزت آهي. عورت ماءُ آهي،عورت ڀيڻ آهي ۽ جنت بہ ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.

هتي انهن عورتن جو ذڪر آهي. جيڪي شيطان جي دام ۾ جلد فاسي گناهہ ڪري شيطان کي راضي ڪن ٿيون.

شيطان کي مردن جي پيٽ ۾ عورت کي ڀرغلائڻ ۽ پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ سولو لڳندو آهي. عام ڪچهرين ۾ عورتن گڏجي ويهنديون تہ گلا غيبت، عيب جوئي زبان درازي ۽ چغل خوري شروع ٿي وينديون اهي.

حديث پاڪ ۾ عورت کي ڇٻي پاسري سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. جيڪڏهن اوهين ڀانيو تہ اسان پاسراٽي سنئين سڌي ڪيون تہ اها ڀڄي پوندي ۽ جيڪڏهن اهڙيءَ طرح ڏنگائي سان گذران ڀيا ڪندو تہ خير جو وقت پيو گذرندو. فتني ۽ نقصان کان بچي ويندو.

انڪري هن زماني ۾ عورتن جا گهڻا فتنا آهن. انهن فتنن کان الله تعاليٰ جي پناهہ گهرجي. چاڪاڻ تہ عورتن کي شيطان جو ڄار چيو ويو آهي.

ڀٽائي بہ حرامڪاريءَ کان بچڻ جو چيو آهي:

مٺيتي موهجي، هاڙي ڳيڙئي هار
" ڪوڙيين ڪيا ڪيترا انهين خر خوار"
ڀري ويو ڀتار، آيئي ڏنون ڏهاڳ جو.
(شاهہ)

# هيءُ مُنهن ڏيئي ٻَن

اَلْوَلَدُ لِلْفَرَاشِ وَلِلْعَاهِرِ الْحَجَرُ

( هيءَ حديث مبارڪ البخاري ۽ مسلم ۾ ٻين حضرت عائشہ رضي الله عنها ۽ ابو هريره  کان روايت آندي آهي.)

ترجمو: ٻار مڙس جو آهي ۽ زاني لاءِ پٿر آهي.

**سمجهاڻي :** شريعت پاڪ جا اصول اتم ۽ احتياط ۽ پرهيزگاري تي ٻڌل آهن. هن حديث پاڪ ۾ ٻار جي نسب بابت اصول ٻڌايل آهي. تہ ٻار نڪاح واري جو آهي. حضور ﷺ جي مجلس ۾ هڪ ماڻهو اتي ٻينو ۽ چيائين تہ فلاڻو منهن جو پٽ آهي.چاڪاڻ تہ مون هن جي ماءُ سان جاهليت واري وقت ۾ زنا ڪئي هئي.نبي پاڪ ﷺ جن ان کي فرمايو تہ هينئر اسلام ۾ ان جي دعويٰ نہ تو ڪري سگهين. جاهليت واريون ريتون رسمون ۽ رواج ختم ٿي ويا. هاڻي ڇوڪرو نڪاح واري جو آهي ۽ زاني کي پٿر هڻي ماري ڇڏبو.

مطلب تہ ظاهر شريعت ۾ نسب ثابت ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو احتياط کان ڪم ورتو ويو آهي. تہ جيئن زاني جي منهن ۾ ڌوڙ ۽ پٿر پلئہ پون ۽ ٻار نڪاح واري جو ثابت ٿيندو. جيڪڏهن زاني دعويٰ ڪري تہ هي ٻار منهنجو آهي تہ ان کي رجم ٿيندو ۽ پٿرن سان سنگسار ڪبو.

شاهہ يٽائي بہ ڪڏي ڪم ڪرڻ کي، زهر کائڻ سان تشبيهہ ڏني اهي.

” هيءُ منهن ڏيئي ٻن“ تون وہ ڪائي نہ مرين<br>
تان جي مليرِ ڇائيون، توسين سگ نہ ڪن<br>
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪوتائين مارئي<br>
(شاهہ)

# ڏکيون جان نہ مڙن

اَلْهَمُّ نِصْفُ الْهَرَمِ وَقِلَّةُ الْعِيَالِ احَدُ الْيَسَارَيْنِ

( هيءَ حديث مبارڪ مسند الفردوس جي صاحب انس بن مالڪ کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: ڏک ۽ غم اڌ پوڙهپ آهي ۽ ٿورو عيال هجڻ ٻن آسانين مان هڪ آساني آهي.

**سمجهاڻي :** انسان کي زماني جا ڏک ڏولاوا ۽ پريشانيون ۽ غم گوندر ٿڪائي وجهندا ۽ جواني هوندي بہ ايرو ۽ پوڙهو ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪڏهن حد کان گهڻو اهل عيال ۽ ٻار ٻچا بہ مشڪلاتن جو سبب ٿيندا آهن. انهن جي صحيح تعليم تربيت، روزگار ۽ حلال ڪمائي سان ڪمائي ڪارائڻ بہ ذرا ڏکيوڪمآهي.رزق الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي پر مسڪيني، اولاد جي گهڻائي، بي برڪتي، بيماري سيماري ۽ مهانگائي. غريب ماڻهو جو جيئڻ جنجال ڪيو ڇڏين. اهل عيال ۽ اولاد جا حق هوندا آهن. ان ڪري سادگي، ديانداري ۽ بردباري ۽ ڏاهپ سان زندگي گذارجي، تہ آساني ٿيو پوي.

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ " ڳڻتي جهڙو مرض ڪونهي ۽ خوشي جهڙي خوراڪ ڪانهي." ۽ اهو پڻ مشهور آهي تہ " جيءُ خوش تہ جهان خوش"

الله تعاليٰ امت جا غم گهٽ ڪري ۽ رزق ۾ برڪت ۽ دين دنيا ۾ ڀلائي عطا فرمائي!

" ڏکيون جان نہ مڙن"تان تان ڀنڻ نہ ٿئي
پيون هونهين هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون
(شاهہ)

# آئون نالي ڳيڙي نجهران

اَلْيَمِيْنُ حِنْثٌ اَوْ نَدَمٌ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن ماجه ، ابو يعليٰ الطبراني ۽ العسڪري حضرت ابن عمر  کان آندي آهي)

ترجمو:قسم ڪٽي ٽوڙٽو پوندو آهي يا پشيمان ٿيڻو پوندو آهي.

**سمجهاڻي :** هر ڳالهه سوچيويچاري ڪجي. هر ڪم، خاص ڪري قسم کڻڻ ۾ تڪڙ نه ڪجي. ڇاڪاڻ ته ڪو ماڻهو قسم کڻي ويٺو ته هي ڪم نه ڪندس پوءِ اهو ڪم ڪري ويٺو ته قسم ڀڃڻ جو ڪفارو ڏيڻو پوندو يا قسم ٽوڙڻ جي ڊپ کان اهڙي ڳالهه ڪندو. جنهن لاءِ سندس دل نه گهرندي ته نتيجي ۾ سخت پشيماني پريشاني ڏسڻي پوندي.

قسم ڪٽي ڀڃڻ جو ڪفارو هي آهي ته ڀانهو آجو ڪري يا ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائي يا ڪپڙا ڍڪائي. جي قسم ٽوڙيندڙ کي ايتري به طاقت نه آهي ته پوءِ ٽي ڏينهن لاڳيتو روزا رکي.

پهاڪو آهي ته:

”قدم ، قلم ۽ قسم سوچي کڻو، نه ته پڇتائڻو پوندو.“

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به قسم کڻڻ يا نالي وٺڻ کي نجهرڻ سان ڀيٽيو آهي.

نظر نزديڪون، سهي نه سگهان ساعت سيئن
پسڻ پري سندون، ”آئون نالي ڳيڙي نجهران“
(شاهه)

# ڪچ ڪمايم ڪوڙ

اَلْيَمِيْنُ الْفَاجِرَةُ تَدَعُ الدِّيَارَ بَلَاقِعَ

( هيءَ حديث مبارڪ ابوهريره ڪان الديلمي مسند الفردوس ۾ آندي آهي.)

ترجمو: ڪوڙو قسم وسنديون ويران ڪري ڇڏيندو آهي.

**سمجهاڻي:** ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيرو گناهه آهي. هرويرو قسم نه کڻجي. پر پرايو مال کائڻ ۽ ڦٻائڻ لاءِ ڪوڙو قسم کڻڻ سخت وڏو گناهه آهي ڪوڙي قسم کڻڻ تي الله تعاليٰ ڪاوڙيو ۽ ناراض ٿيندو آهي.

ڪوڙي قسم کڻڻ تي الله تعاليٰ جي ناراضگي ۽ آخرت ۾ عذاب ته ٿيندو. پر هن دنيا ۾ به ڪوڙي قسم کڻڻ ڪري اهريون مصيبتون اچي ڪڙڪنديون آهن. جو گهر گهاٽ، ڳوٺ ۽ شهر فنا ۽ تباهه ٿي ويندا آهن. ملڪ ۾ ڏڪار، ويراني ۽ بربادي اچي پوندي آهي.

شاهه يٽائي به ڪوڙ ڪمائڻ کان روڪيو آهي. دل مان دغا ڪڍڻ ۽ سچ جو سبق ڏنو آهي:

”ڪچ ڪمايم ڪوڙ“ ڀڳم عهد الله جا
پيچرو جو پاڻ جو، چوٽيءَ تائين چور
معلوم اٿئي مذڪور، ڳوڙها انهي ڳالهه جو
(شاهه)

# ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ

اَلْيَوْمَ الرِّهَانُ وَغَدًا السِّبَاقُ، وَالْغَايَةُ الْجَنَّةُ فَالْفَائِزُمَنْ دَخَلَ الْجَنَّةَ، وَالْهَالِكُ مَنْ دَخَلَ النَّارَ

( هيءُ حديث مبارڪ الطبراني، ابن عدي ۽ الخطيب سيني عبدالله بن عباس  کان آندي آهي)

ترجمو: اڄوڪو ڏينهن مقابلي جو آهي ۽ سڀاڻي گوءِ ڪٽيندڙن جو ڏينهن هوندو. پڇاڙي جنت آهي. پوءِ ڪامياب اهو آهي جيڪو جنت ۾ داخل ٿئي ۽ برباد اهو آهي، جيڪو دوزخ جي باهه ۾ داخل ٿئي.

**سمجهاڻي :** هن حديث مبارڪ ۾ دنيا، آخرت ۾ عمل ڪرڻ جو مقابلو ۽ مثال بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ڪو مقابلو رٿي. نشان ڪري اتي پڄڻ جي تيز تر ڪوشش ڪبي آهي. پوءِ جيڪو ان مقرر نشان تي اڳ ۾ پهتو تہ اهو ڪامياب ۽ انعام جو حقدار ٿيندو آهي ۽ جيڪو پوئتي رهيو ۽ هارائي ويو تہ اهو شڪست کاڌل ۽ ناڪام چئبو.

اهڙيءَ طرح هن دنيا ۾ بہ عملن جو مقابلو آهي. ان لاءِ الله تعاليٰ جا احڪام ۽ حدون مقرر ٿيل آهن. پوءِ جيڪو انهن حدن ۾ رهي نيڪ عمل ڪندو تہ ان کي آخر ۾ انعام طور بهشت ملندو ۽ ڪامياب چئبو.

۽ جيڪو الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ حدن جي لتاڙ ڪندو ۽ چڱا عمل نہ ڪندو ۽ برائي م قاتل رهندو. تہ اهو هارايل ۽ ناڪام ٿيندو.مقابلي ۾ هارايل شرمسارن وانگر دوزخ جي باهه ۾ وجهي پوندو.دعا آهي تہ الله تعاليٰ نيڪ عملن جي توفيق ڏئي ۽ مقابلي ۾ ڪامياب ڪري.

شاهہ ٻڌائي بہ هن دنيا کي ڪٿڻ ۽ هارائڻ جو ماڳ چيو آهي.

وحده لا شريڪ لہ، اي وهائج پيءُ
ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ
پاڻان چونديءِ پيءُ، پري جام جنت جو
(شاهہ)

# ساريو سڏ ڪندوم

اِنَّ اَحَبَّكُمْ اِلَيَّ وَ اَقْرَبَكُمْ مَجْلِساً مِنِّيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَحَاسِنُكُمْ اَخْلاَقاً

( هيءَ حديث مبارڪ الترمذي عبدالله بن مسعود ڪان آندي آهي)

ترجمو: مون کي توهان مان وڌيڪ پيارو ۽ قيامت جي ڏينهن منهنجي مجلس ۾ وڌيڪ ويجهو اهي ماڻهو هوندا جيڪي سيني ڪان وڌيڪ سهڻن اخلاقن وارا آهن.

**سمجهاڻي:** الله تعاليٰ سوره قلم ۾ نبي پاڪ ﷺ جي اعليٰ اخلاق بابت فرمايو آهي ته اي نبي! بيشڪ تون نهايت اعليٰ اخلاق جو مالڪ آهين.

نبي پاڪ ﷺ جو خلق قرآن آهي. ان ڪري پاڻ سڳورن پنهنجي امت کي به اعليٰ اخلاق ۽ سهڻن عملن ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي. هن دنيا ۾ به سهڻن اخلاقن جو مان ۽ سان آهي. نيڪ ماڻهو کي هر ڪو نيڪ نظر سان ڏسندو آهي ۽ ان ڪان پرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هن حديث مبارڪ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ قيامت جي ڏينهن به سهڻن اخلاقن جو مان مرتبو ٻڌايو آهي. ته قيامت ڏهاڙي به مون کي اهو امتي پيارو ۽ ويجهو گڏ هوندو. جنهن جا دنياءِ ۾ اخلاق سهڻا ۽ چڱا لڇڻ ۽ نيڪ اعمال هوندا.

پاڻ سڳورن ﷺ نيڪ عملن ۽ چڱن لڇڻن جو ڏس به ڏنو آهي. جيڪو قرآن مجيد ۾ سوره الاحزاب ۾ هن ريت فرمايل آهي" (اي مسلمانو) بيشڪ توهان لاءِ رسول الله ﷺ جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي ڀلائي آهي.

ماڻڪ مٽ سندوم، اوندهيءَ ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم
"ساريو سڏ ڪندوم"،ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي
(شاهه)

# جنين ڏاند نہ ٻج

## [بنا قول قيام جا]

**اِنَّ الدُّنْيَا عَرَضٌ حَاضِرٌ يَأْكُلُ مِنْهَا الْبَرُّ وَالْفَاجِرُ، وَاِنَّ الْاٰخِرَةَ وَعْدٌ صَادِقٌ يَحْكُمُ مَلِكٌ عَادِلٌ قَادِرٌ يُحِقُّ فِيْهَا الْحَقَّ وَيُبْطِلُ الْبَاطِلَ (وَلِكُلٍّ بَنُوْن) فَكُوْنُوا اَبْنَاءَ الْاٰخِرَةِ وَلَا تَكُوْنُوا اَبْنَاءَ الدُّنْيَا**

(هيءَ حديث مبارڪ ابو نعيم حلية الاولياء ۾ شداد بن اوس انصاري خزرجي اصحابي کان آندي آهي).

ترجمو: بيشڪ هيءُ دنيا موجود سامان آهي.جنهمان نيڪوڪار ۽ گنهگار کائين ٿا ۽ بيشڪ آخرت سچو واعدو آهي، جنهن ۾ انصاف وارو بادشاهہ الله قادر فيصلو ڪندو. حق کي حق ۽ باطل کي باطل ڪندو. هر هڪ کي پٽ هوندا آهن. پر اوهان آخرت جا پٽ ٿجو ۽ دنيا جا پٽ نہ ٿجو.

**سمجهاڻي:** شيخ سعدي شيرازي گلستان ۾ چيو آهي تہ اي ڪريم رب تون اهو سخي آهين جو غيب جي خزاني مان ٻاهر جي پوڄاري ۽ عيسائين کي بہ رزق روزي پهچائين ٿو. تون دوستن کي ڪٿي نااميد ڪندين، جڏهن تہ تون (الله جي منڪرن) دشمنن جي بہ نظر داري ڪرين ٿو.

"جنين ڏاند نہ ٻج" تنين تنهنجو آسرو
پوءِ اپارين سڄ، اول ڏين انهن کي
(شاهہ)

الله تعاليٰ رزق روزي تہ هر ڪنهن کي بنا حساب ڏئي ٿو. پر الله تعاليٰ هن دنيا ۾ چڱن منن ڪمن ڪرڻ جي حساب ڪتاب ۽ جزا سزا واسطي حساب ۽ عدل انصاف جو ڏينهن مقرر ڪيو آهي. ان آخرت ۽ قيامت ۾ هر هڪ عمل جو فيصلو ٿيندو. هر هڪ کي عدل انصاف پلئہ پوندو ۽ قيامت برحق آهي ۽ ضرور ايندي.هر هڪ کي پٽ ٿيندا آهن انڪري اوهان قيامت آخرت جا پٽ ٿي چڱا ڪم ڪري. آخرت جي تياري ڪجو ۽ دنيا پٽ ٿي دين برباد نہ ڪجو.

وارو ور وني ويا، ڪري ڏير ڏمر
هاڻي ٿيو حشر، "بنا قول قيام جا"
(شاهہ)

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وکر وڌائون

أَنَّ الدِّيْنَ يُسْرٌ وَلَنْ يُّشَآدَّ الدِّيْنَ اِلَّا غَلَبَهُ فَسَدِّدُوْا وَقَارِبُوْا وَاَبْشِرُوْا وَاسْتَعِيْنُوْا بِالغُدْوَةِ وَالرَّوْحَةِ وَشَىءٍ مِنَ الدُّلْجَةِ

( هيءَ حديث مبارڪ امامبخاري ۽ ٻين ابو هريره ڪان روايت آندي آهي)

ترجمو: بيشڪ دين آسان آهي.دين ۾ جيڪو ماڻهو سختي ڪندو. ته ان تي دين غالب ٿي ويندو. انڪري وچٿرائپ اختيار ڪريو. افضل ڪم نه ڪري سگهو ته ان جي ويجهو ٿيو ۽ ثواب جي اميد رکي هميشگي واري ٿوري عمل تي به خوش ٿيو ۽ صبح شام ۽ پوئين رات ۾ عبادت ڪري مدد حاصل ڪريو.

**سمجهاڻي:** دين اسلام ته آسان آهي. يهودين ۽ عيسائين ان کي ماڻهن تي سخت ڪري پيش ڪيو.

هر ڪم ۾ وچٿرائپ ۽ آساني ڪجي. دين به سولو سهنجو آهي. ان ڪري ديني ڪمن کي به مشڪل نه ڄاڻجي.پر ديني عبادتون دل جي خوشيءَ سان اداڪجن.ڪٻي ٿورڙو عمل ڪجي.پر ان تي هميشگي ڪرڻ بهتر آهي. دنياوي ڪمن ڪارين کان فارغ ٿي. الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهو.

الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ٻانهپ ۾ ئي ڪاميابي آهي.
پٺائي گهوٽ به ٻانهپ جو ذڪر ڪيو آهي:

”ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وکر وڌائون
موتي معرفت جاءِ سچا سوڌيائون
” التائب من الذنب“ اي ڪت ڪتيائون
انهن جي آئون برڪت ٻار لنگهائيان
(شاهه)

# انهين جي اوطاق، وڃڻ مون واجب ٿيو

أَنَّكُمْ لَنْ تَسَعُوا النَّاسَ بِأَمْوَالِكُمْ فَسَعُوهُمْ بِأَخْلَاقِكُمْ

( هيءَ حديث مبارڪ الترمذي عبدالله بن مسعود کان آندي آهي)

ترجمو: بيشڪ اوهان ماڻهن کي مال دولت سان پورا نہ پوندا يا پنهنجو نہ ڪري سگهندو. پر سهڻن اخلاقن سان ڪين پنهنجو بڻايو.

**سمجهاڻي:** حقيقت بہ اها آهي تہ دنيا ۾ مانيءَ سو سڀ ڪو بکيو ڪونهي. هر ڪو عزت جو بکيو آهي. اوهان مال ملڪيت ۽ دنيا دولت ڏئي ماڻهن کي راضي نہ ڪري سگهندو ۽ سيني کيڏئي پورا نہ پوندو. البتہ خلوص ۽ محبت ،خوش خلقي ۽ سهڻي اخلاق سان خلق کي خوش ڪري سگهندا.خوش خلقي اهڙي انساني صفت آهي. جنهن سان اوهان پاڻ بہ خوش رهي سگهندا ۽ خلق کي بہ خوش رکي سگهو ٿا.

خوش اخلاقيءَ سان اوهان پنهنجي دشمن کي بہ دوست بنائي سگهو ٿا ۽ بد اخلاقي سان اوهان جا دوست بہ دشمن بڻجي پوندا. فارسي ۾ شاعر چيو آهي:

بنده حلقه بگوش اگر نہ نوازي برود
لطف ڪن لطف کہ بيگانہ شود بگوش

*

مطلب تہ تنهنجو ڪن ۽ نڪ ۾ نوڙي پيل تابعدار بہ. جيڪر ان سان ڏاڍائي ڪندين، تہ تو کان ٿهي ويندو ۽ جي مهربانيون ڪندين. تہ ڏاريوبہ تنهنجو تابعدار فرمان بردار ٿي ويندو.

هن پر پدم هاڪ، ستي سنيارن جي،
محبتي ميهار جي، چڙن چوريا چاڪ
" انهين جي اوطاق، وڃڻ مون واجب ٿيو".
(شاهہ)

# دليون پرڪي داسڙو

اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽ مسلم ۽ ٻين عمر بن خطاب کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: عملن جو دارومدار نيتن تي آهي

ڪن عالمن چيو آهي ته هيءَ حديث دين جو ٽيون حصو آهي..

**سمجهاڻي:** اسلام جي نظام عمل ۾ نيت کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. هر ڪم ۾ نيت صحيح هوندي. ته ڪم سنو ٿيندو ۽ ان جو ثواب به ملندو ۽ جيڪڏهن نيت خراب هوندي. ته چڱي ۾ چڱو عمل به خراب ٿي پوندو. ثواب جي عيوض عذاب پلئه پوندو.

نيت جي معنيٰ آهي دل ۾ ڪنهن ڪم جو ارادو يا قصد ڪرڻ. ”عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.“ حديث جو ٽڪرو آهي. پوري حديث هي آهي. جنهن ۾ نيت ۽ عمل جي سمجهاڻي به آهي.

” عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. هر شخص جي لاءِ ان جي نيت آهر اجر ثواب آهي. جنهن جي هجرت الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي لاءِ آهي ته ان جي هجرت الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول جي راضپي جو سبب آهي ۽ جنهن جي هجرت دنيا حاصل ڪرڻ ۽ يا ڪنهن عورت سان شادي ڪرڻ خاطر هوندي. ته ان جي هجرت ان لاءِ هوندي. جنهن لاءِ هجرت ڪيائين“

الله تعاليٰ ٻانهي جو منهن مهانڊو نه پر دليون پرکي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به سر ليلا چنيسر ۾ ”دليون پرکي داسڙو“ جي ڳالهه ڪئي آهي.

هئين ته گهڻو هشيار، ڪل به هيئي ڪانڌ جي
تو پانيو موچاري ٿيان، ڳچي پائي هار
ڪانڌ ڪوڙي جو نه وٺي، سئين ٻتين سينگار
وهم لهي وينجهار، ” دليون پرکي داسڙو“
( شاهه)

# ٿاڻان سندن ٿوه

اِنَّ مِمَّا اَنْبَتَ الرَّبِيْعُ يَقْتُلُ حَبَطاً اَوْيُلِمُّ

(هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري، مسلم، النسائي سيني ابو سعيد الخدري كان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: بيشڪ چيٽ ۾ ڦٽندڙ ڪي گاهه اهڙا هوندا آهن، جيڪي آڦري ڪري ماري وجهندا آهن يا مرٽينگ ڪري ڇڏيندا آهن.

**سمجهاڻي :** عربيءَ ٻوليءَ جا محاورا ۽ پهاڪا، اصطلاحون ۽ چوٽيون نهايت معنيٰ خيز ۽ عربي ادب جو خزانو آهن. نبي پاڪ ﷺ جا مختصر لفظ ته سون تي سهاڳو آهن.

هن مختصر نبوي لفظن جو نچوڙ هيءُ آهي ته ڪنهن اصحابي سڳوري پاڻ سڳورن ﷺ کان نيڪي بديءَ بابت سوال ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ جواب ۾ ارشاد فرمايو ته بيشڪ ڦٽندڙ ڪو گاهه جانور ڪي ماري وجهندو آهي يا آڦري ڪرائي مرنينگ ڪري ڇڏيندو آهي...... بيشڪ هي مال سرسبز ۽ مٺو آهي. پوءِ اهو مالدار چڱو آهي. جيڪو پنهنجو مال مسڪينن ،يتيمن ۽ مسافرن کي ڏئي.

هن سهڻي نبوي پهاڪي مان معلوم ٿيو ته جيڪو ماڻهو هن دنيا ۾ گهڻو مال ملڪيت ميڙي ۽ ان جي خفي ۾ دين کان پري ٿي وڃي. ته اهو ميڙيل مال سندس لاءِ هلاڪت ۽ بربادي جو سبب بڻبو.

صورت ۾ سهڻا، ”ٿاڻان سندن ٿوه“
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪائي مري
(شاهه)

# سي آيتون آهين

أِنَّ مِنَ الْبَيَانِ لَسِحْرًا وَاِنَّ مِنَ الْعِلْمِ جَهْلًا وَاِنَّ مِنَ الشَّعْرِ حِكْمًا

هيءَ حديث ابو دائود، بريده بن الحصيب کان آندي آهي ۽ صحيح البخاري ۾ هي لفظ " ان من الشعر لحكمة" بہ آيل آهن.)

ترجمو: بيشڪ ڪي بيان جادو هوندا آهن ۽ ڪي علم جهالت هوندا آهن ۽ ڪي شعر حڪمت ڀريا هوندا آهن.

**سمجهاڻي:** پاڻ سڳورن ﷺ جي زماني ۾ ٻن ماڻهن وڏي مهارت ۽ قابليت فصاحت ۽ بلاغت سان پنهنجي قبيلي جون خوبيون بيان ڪري ٻڌايون. سندن زور بيان جي اثر ڪري، ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويا. پاڻ سڳورن ﷺ ان تي فرمايو تہ: ڪن ماڻهن جو ڳالهائڻ جادو جهڙو اثر رکي ٿو.

وڌيڪ ايئن فرمايائون تہ ڪي علم وري جهالت هوندا آهن. يعني اهڙا علم جن مان دين جو فائدو تہ ڪونهي، پر دنيا جو نفعو نہ ندارد، جيئن رمل وغيره سائنسي علم پرائڻ سان دنيا جو فائدو ٿئي ٿو. جيئن ميڊيڪل سان جسماني بيمارين جي جاچ ، علاج، آپريشن ۽ بچاءُ.

فصاحت ۽ بلاغت جي ڏٺي نبي پاڪ ﷺ شعر شاعري ۾ لفظن جي بيهڪ، جوڙجڪ ۽ سهٽاڻپ بابت وضاحت سان ارشاد فرمايو تہ " ڪي شعر حڪمت ڀريا هوندا آهن".

جيتوڻيڪ سڀ شعر هڪجهڙا ناهن. سٺا ۽ نصيحت وارا شعر فائديمند، دل تي چڱو اثر ڪندڙ ۽ نيڪ عمل تي شوق ڏياريندڙ آهن. البت خراب لفظن ۽ معنيٰ وارا شعر انسان ۽ معاشري لاءِ بداخلاقي جو سبب ۽ ناسور آهن. اهڙن خراب خيالن وارن شعرن کان بچڻ ضروري آهي.

سهڻن شعرن ۾ قرآن ۽ حديث جي معنيٰ سان نصيحت ڀريا نڪتا سمايل هوندا آهن. اهڙن شعرن لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا، " سي آيتون آهين"
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.
(شاهه)

# آهن نه سلن عام ڪي

أَنَّ مِنْ كُنُوزِ الْبِرِّ كِتْمَانَ الْمَصَائِبِ

( هيءَ حديث مبارڪ البيهقي ۽ ابو نعيم عبدالله بن عمر کان روايت آندي آهي)

ترجمو: بيشڪ مصيبتن جو لڪائڻ نيڪين جي خزانن مان آهي.

**سمجهاڻي :** در حقيقت تڪليفون ۽ آزمائشون ٻانهي جي صبر جو امتحان هونديون آهن. تڪليفون ۽ آزمائشون ڏئي ۽ لاهي به الله تعاليٰ ٿو. پوءِ هاءِ گهوڙا ڪرڻ، اجايو دانهون ڪرڻ ۽ بي صبري ڪرڻ سان صبر ۽ بردباري جو ثواب گهٽجي ويندو.

شاهه ڀٽائي به چيو آهي ته:

تون حبيب تون طبيب تون دارون ڪي دردن
تون ڏئين، تون لاهين، ڏاتر ڪي ڏکندن
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو ان ڪي
(شاهه)

تڪليفون مصيبتون ظاهر ڪرڻ سان ته پريشاني وڌندي. دشمن کلندو.هر مخلاف پيو خوش ٿيندو.ان ڪري ٻنهي جهانن جي سردار نبي ﷺ اهڙو سهڻو ڏس ڏنو آهي ته مصيبتون لڪائي نيڪين جي خزانن مان اجر ثواب حاصل ڪريو.

مطلب ته صبر ۽ توڪل، تحمل ۽ بردباري اختيار ڪري مصيبتون برداشت ڪري. الله جي رسول جي فرمان مان سبق پرايو. چاڪاڻ ته فارسي شاعر چيو آهي ته:

ڪار دنيا ڪسي تمام نه ڪرد
هر چه گيريد مختصر گيريد

مطلب ته دنيا جا ڪم ڪوبه پورا ڪري نه سگهيو آهي ان ڪري جو ڪجھ ڪريو سو مختصر ڪريو.

ڏهو ماڻهو اهڙو ڪم جو ڪري جو پشيمان ٿيڻو پوي؟

چرا ڪاري ڪند دانا ڪہ باز آيد پشيماني؟
گلستان ۾ آهي تہ ڪنهن وڻڪاري ڪي ٽوٽ پيو.پٺ ڪيچيائين تہ ڪنهن ڪي نہ ٻڌائجان.پٺ چيو تہ چو؟ پيءُ چيو تہ هڪ تہ نقصان جي خبر ماڻهن کي پئي. تہ ڪير بہ ڪٽل واپاريءَ سان واپار نہ ڪندو آهي ۽ ٻيو ٽوٽ پوڻ ڪري ماڻهو کلندا ۽ خوش ٿيندا.

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ
لڱين لنون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق
توڙي چکن چاڪ، ”تہ بہ آهہ نہ سلن عام کي“
(شاهہ)

# ڏورڻ منجهان ڏس

أَنَّ هَذَا الدِّيْنَ مَتِيْنٌ فَاوْغِلْ فِيْهِ (بِرِفْقٍ) وَحَرَّضْ وَلَا تُبْغِضْ أِلَى نَفْسِكَ عِبَادَةَ اللهِ فَإِنَّ الْمُنْبَتَّ لَا أَرْضاً قَطَعَ وَلَا ظَهْرًا أَبْقَى

( هيءَ حديث البزار "مسند۾ الحاڪم "علوم الحديث" ۾ الخطابي " العزلة" ۾ ابو نعيم، القضاعي ۽ العسڪري سيني جابر بن عبدالله ڪان آندي آهي. علامہ الزرقاني المواهب اللدنيہ جي شرح ۾ لکيو آهي تہ جيتوڻيڪ هي ضعيف آهي. پر شواهدن ڪري قوي آهي)

ترجمو: بيشڪ هي دين پڪو پختو آهي. دين ۾ (نرميءَ سان) داخل ٿي ۽ پاڻ کي عبادت تي شوق ڏيار. الله تعاليٰ جي عبادت سان توکي بغض نہ ٿي پوي. چاڪاڻ تہ اڌ ۾ رهجي ويل مسافر نہ منزل طئي ڪري سگهندو آهي ۽ نہ ئي سواري بچائي سگهندو آهي.

**سمجهاڻي:** دين اسلام آسان ۽ سنئون سڌو صحيح آهي. ان ۾ شڪ جي ڪابہ گنجائش ڪانهي.عبادت لاءِ بہ وچٿري واٽ وٺڻ گهرجي. هرويرو ايترو پاڻ تي بار نہ رکجي. جو نيٺ ماٺهو ٿڪجي پوي. يـ چار ڏهيون عبادتون ڪري پوءِ وري ٿڪجي ٿئي هميشہ لاءِ عبادت کان ڪٽي بس ڪري. الله تعاليٰ بہ ڪنهن کي وس وت کان وڌيڪ تڪليف ڪونہ ٿو ڏئي. تڪڙ اٻهرائپ هر ڪم ۾ چڱي ڪانهي. عبادت ۾ بہ ائين آهي تہ پلو ڪم وچٿرو آهي.

تڪڙ مسافر جو مثال بہ ايئن آهي تہ تيز تڪڙي هلڻ ڪري سواري بہ ٿڪجي پوندي يا پاڻ مرندو يا سواري مري پوندي. پوءِ تہ منزل مقصود تي پهچڻ ئي مشڪل آهي. ان ڪري "خير الامور اوسطها" تي هلڻ بهتر آهي.

ڪر ڪو واڪو وس، ويهہ مَ مُنڌ پنيور ۾
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين،پير پنهون جو پس
"ڏورڻ منجهان ڏس" پوندئي هوت پنهون جو.
(شاهہ)

# هيرا لعل هٿن سين

أُتِيتُ جَوَامِعَ الْكَلِمِ

(حنن لفظن کي الشامي "سيرت" ۾ آندو آهي. حوالو ۽ اصحابي جو نالو آيل ڪونهي.)

ترجمو: مون کي جامع ڪلما يا لفظ ڏنا ويا آهن.

**سمجهاڻي:** نبي پاڪ صاحب لولاڪ محمد رسول الله ﷺ بـ فصاحت بلاغت وار سهڻا لفظ مبارڪ ڳالهائيندا هئا. جڻ تـ مجلس ۾ موتي پيا وراهيندا هئا ۽ هيرا جواهر پيا جرڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ مختصر ۽ جامع لفظ ڳالهائيندا هئا. جيڪي ظاهر ۾ تورا لفظ پر انهن جون معنائون گهڻيون هونديون هيون.

نبي ﷺ ائين بہ فراميوڳ آهي تہ مون کي ڇهہ اهڙيون خوبيون مليون آهن جيڪي اڳين سڀين سڳورن کي نہ ڏنيون ويون هيون.

1. مون کي جامع ڪلما مليا.
2. مهيني جي پنڌ تائين دشمن مٿان مون کي رعب ڏنو ويو.
3. مون لاءِ غنيمت جو مال حلال ڪيو ويو.
4. مون لاءِ سموري زمين کي مسجد ۽ پاڪ بڻايو ويو.
5. مون کي سڀ مخلوق ڏي نبي ڪري موڪليو ويو.
6. مون تي نبوت جي پڄاڻي ٿي يعني آئون آخري نبي آهيان

(مسند امام احمد)

شاهہ يٽائي بہ جامع لفظن کي ماڻڪ موتي لعل ۽ هيرا جواهر چيو آهي:

اي ڳت غواصن، جئن سمند سوجهيائون
پيهي منجهہ پاتار جي ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، "هيرا لعل هٿن سين".

(شاهہ)

# پير پروڙي ڪڻ

اِيَّاكُمْ وَ خَضْرَاءَ الدِّمَنِ

( هيءَ حديث جا لفظ الزمهرمزي العسڪري القضاعي ۽ الديلمي ابو سعيد الخدري کان روايت ڪيا آهن)

ترجمو: پاڻ کي پاڻ جي ڍير جي سائي گاهه کان بچايو

**سمجهاڻي:** مال جي گند گوبر پاڻ تي جيڪو سائو گاهه ڄمندو آهي اهو پاڻ جي ڪري ڏسڻ ۾ ڏاڍو پلو ۽ سائو ڇهچ ٿيندو آهي پر اهو اندران پلو نه هوندو آهي.زهر ۽ پاڻ هوندو آهي.نبي پاڪ ﷺ هن حديث شريف ۾ ان عورت ڏانهن اشارو ڏنو آهي. جيڪا ظاهر ۾ ته سينگاريل سهڻي هجي پر سندس لڇڻ خراب هجن. اهڙي عورت جو ڳڻ جو اثر اولاد تي به خراب پوندو. ان ڪري هميشه چڱي حسب نسب ۽ سٺي اخلاق واري عورت سان شادي ڪجي. سهڻي صورت تي نه پلجي پئجي. پر سهڻي سيرت ۽ لڇڻ کي نظر ۾ رکجي.شاهه عبداللطيف ڀٽائي به ظاهري سونهن تي موهجڻ کان منع ڪئي آهي.توهه، ول ۾ ڏسڻ ته ڏاڍو سهڻو هوندو آهي. پر کائڻ سان زهر لڳندو آهي. اهڙي بري ماڻهو جون ڳالهيون ته ڏاڍيون مزيدار ۽ نفس کي راضي ڪرڻ لاءِ هونديون آهن. پر انهن جو نتيجو خراب ۽ آخرڪار بربادي ۽ تباهي پلئه پوندي.

سڏن جيون سيد چئي، وتون سپ وڪڻ
”پير پروڙي ڪڻ“ ته هلڻ ۾ هوري وهين
(شاهه)

مخدوم نوح هالائي به دنيا واري ڏج تي موهجڻ کان روڪيو آهي.

متان ڏسي موهجين، دنيا وارو ڏج
جدا ڪر جودئون،چائي ڪي تي چج
اج نه ٿئي سيان، سيان نه ٿئي اج
نر مل“ نوح فقير“ چئي، ڪر رب سان ريجهي رج
منيون پيڙي پج، وقت وجئي تو ويسلا
(مخدوم سرور نوح هالائي)

## اجهڻ جا افعال

أَيُّ دَاءٍ أَدْوَىٰ مِنَ الْبُخْلِ

( هن حديث مبارڪ جا لفظ البخاري، مسلم ۽ احمد حضرت جابر بن عبدالله  کان روايت ڪيا آهن.)

ترجمو: بخل کان وڌيڪ ٻي بري بيماري ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

**سمجهاڻي :** الله تعاليٰ جيڪو ڪشادو رزق ۽ مال متاع ٻانهي کي ڏنو آهي تہ ٻانهي جي مٿان بہ حق آهي تہ ان مال متاع مان الله تعاليٰ جي نالي شڪراني طور غريبن مسڪينن ، محتاجن ۽ فقيرنجي مدد ڪري. اجر دارين حاصل ڪري.

اسلام ۾ سخاوت جي فضيلت ۽ ڪنجوسيائي جي مذمت آيل آهي بخيل ماڻهو الله تعاليٰ جي رزق مان نہ پاڻ کائي ۽ نہ وري ڪنهن کي فائدو پهچائيندو آهي. ان ڪري مشهور آهي تہ جيتوڻيڪ بخيل بر بحر ۾ عبادت ڪندڙ هجي پر حديث جي حڪم موجب ان کي جنت نہ ملندي. سخي الله جو دوست ۽ بخيل الله جو دشمن آهي. ڪنجوس ماڻهو کي چڱ مڙسي جي پڳ بہ نہ ٻڌائجي.جو تہ پاڻ سخوات ڪندو ۽ نہ ٻي کي سهندو ۽ فائدو ڏيندو.

اصل ۾ پوري حديث مبارڪ جا لفظ هي آهن.

” نبي پاڪ ﷺ قبيلي بنو سلمہ وارن کان پڇيو تہ اوهان جو سردار ڪير آهي؟ انهن عرض ڪيو ابن قيس جو ڏاڏو، پر اسان ڪيس ڪنجوس بہ ڪوٺيندا آهيون. سچي سردار نبي ﷺ فرمايو تہ : بخل کان وڌيڪ ٻي بري بيماري ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ توهان جو سردار عمرو پٽ الجموع آهي.“

هو اصحابي اهڙو تہ سخي هو جو نبي پاڪ ﷺ جنشادي ڪندا هئاتہ عمرو پٽ الجموع نبي سائين ﷺ جي پارن ڪاڄ جوولِيموڪندو هو.

موڙهـو پـٽـين مڱـڻـا، ڪـيـڏانهن هـئـين ڪـالهـ  
لنگهــا چــڏ لطـيـف چئــي، ” اجهــڻ جــا افعــال“  
ســـپڙ در ســـوال، ڪـــر تــــہ قيمـــت آٽـيـــين  
( شاهہ)

# ڪسر ڇڏ ڪنوارَ

## تَرَكُ الشَّرِ صَدَقَةٌ

( هي لفظ مبارڪ القسطلائي المواهب اللدنيہ ۾ آندا آهن ۽ چيائين تہ اهڙي طرح ڪن هنن لفظن کي روايت ڪيو آهي ۽ حوالو ۽ اصحابي جو ذڪر آيل ڪونهي.)

ترجمو: برائي جو ڇڏي ڏيڻ بہ صدقو آهي.

آئون (مخدوم هاشم ٺٽوي) چوان ٿو تہ صحيح بخاري ۾ ابو موسيٰ اشعري  کان ان معنيٰ سان اها حديث مبارڪ آئي آهي.ان حديث مبارڪ جي منڍ ۾ آهي تہ: هر مسلمان تي صدقو ڪرڻ لازم آهي.

ان حديث جي آخر ۾ آهي تہ پوءِ جنهن ماڻهو وٽ صدقي ڏيڻ لاءِ مال متاع نہ هجي. تہ نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ برائي کان روڪي ڇاڪاڻ تہ اهو بہ صدقو آهي.

**سمجهاڻي:** مشهور حديث مبارڪ آهي تہ ” صدقو مصيبت ٽاريندو آهي.“ صدقو مال ملڪيت ڏيڻ سان بہ ٿيندو آهي.برائيءَ کيجڻ ۽ چڱائيءَ جو امر ڪرڻ ۽ صدقو آهي.جيئن هن حديث مبارڪ جي لفظن ۾ آيل آهي مسلمان ڀاءُ کي سلام ڪرڻ ناهه ڪرائڻ سهڻو ڳالهائڻ، رستي تان ڪنڊو، ڪکر پٿر ۽ تڪليف ڏيندڙ شيءِ پري ڪرڻ ، وڻ پوکڻ، ماڻهن سان خنده پيشاني سان مرڪي ملڻ، خدمت ڪرڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ بہ صدقو آهي. بهتر آهي تہ پنهنجو پاڻ کي برائيءَ کان بچائي، صدقي جو ثواب حاصل ڪجي.

شاهہ پٽائي بہ ڪنوار کي ڪسر ڇڏڻ ۽ چڱي ڪم ۾ وک وڌائڻ جو چيو آهي

”ڪسر ڇڏ ڪنوار“ وڪون وجهہ وڌنديون  
سنئين سپيرين جي، ونگي پاڻ مَ واٽ  
ڇڏ جهوري ڏي جهاٽ، نہ هونديءَ رات هت مڙون  
(شاهہ)

# مٽئي تي موهجي

تُنْكَحُ الْمَرْاَةُ لِجَمَالِهَا وَ دِيْنِهَا وَحَسَبِهَا فَاظْفَرْ بِذَاتِ الدِّيْنِ تَرِبَتْ يَدَاكَ

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽ مسلم ابو هريره ڪان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: عورت سان نڪاح هنن چئن ڳالهين جي ڪري ڪبو آهي. عورت جي سونهن، ان جي مال، ان جي دين ۽ سندس حسب جي ڪري.ان ڪريتون ديندار عورت کي ترجيح ڏئي ڪاميابي ماڻ. شل هٿ مٽي هاڻا ٿينئي.

**سمجهاڻي :** گهڻو ڪري هن دنيا ۾ ماڻهو حسن جمال ۽ دنيا دولت جو طالبو آهي. دينداري کو ماڻهو چاهيندو آهي. حسن ۽ دنيا ته عارضي ۽ بي وفا بي بقا آهي.اصلشيءِ ۽ پائيدار ته دين آهي.

اسلام نيڪ صالح ، ديندار ۽ بااخلاق عورت کي ترجيح ڏني اهي. حديث نبويءَ ۾ ائين به آيو آهي ته عورتن سان سونهن جي ڪري شادي نه ڪريو.جو ته سونهن بي بقا آهي. جڏهن حسن هليو ويو ته محبت به هلي ويندي. مال ملڪيت جي ڪري به شادي نه ڪريو ڇاڪاڻ ته مال جي ڪري عورت وڏ ماڻهپائي ڪندي ۽ ان ۾ سرڪشي پيدا ٿيندي.پوءِ اهڙي عورت سان گڏ گذارڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان ڪري ديندار عورت سان شادي ڪجي.پوءِ ڪٽي عورت رنگ جي ڪاري چو نه هجي.

شاهه پٽائي به سر ليلا چنيسر ۾ چيو آهي ته هار سينگار ۾ مٽئي ۽ ظاهري حسن جمال جي طالب کي آخر ڏنون ڏهاڳ جو ڏسڻو ۽ پڇتائڻو پوي ٿو

”مٽئيتي موهجي“ موڙهي ڪيئي مرڪ
چئي چنيسر جام جي وڏو تو فرق
وري ويو ورق، آيئي ڏنون ڏهاڳ جو
(شاهه)

# جُفَّ الْقَلَمُ.......وهي قلم ويو

جُفَّ الْقَلَمُ بِمَا اَنْتَ لَاقٍ

(هيءَ لفظ القسطلاني ”مواهب“ ۾ حوالي ۽ اصحابي کان سواءِ آندا آهن.)

ترجمو: جا شيءِ توکي ملندي، ان بابت قلم سڪي چڪو آهي.

**سمجھاڻي :** الله تعاليٰ جي چڱي مَني تقدير تي ايمان آڻڻو آهي. الله تعاليٰ ظاهر ۽ ڳجھ جو ڄاڻندڙ آهي. ان جو علم وسيع آهي. الله تعاليٰ پنهنجي وسيع علم ۽ قدرت سان انسان جي تقدير لکي آهي. انسان کي جو ڪجھ پهچڻو آهي. تنهن بابت تقدير ۾ لکجي چڪو آهي.

ان هوندي به انسان مجبور ۽ بي اختيار ڪونهي. عمل ڪرڻ جي ڪيس طاقت آهي. ڪوشش جو ڪيس فائدو ملڻو آهي. لوچيو ته لهبو. ڪوشش ۾ ڪمائڻ انسان جي وس ۾ آهي.

الله تعاليٰ ازلا کان وٺي هر شيءِ بابت ڄاڻي ٿو. هو عالم الغيب والشهادة ۽ هر شيءِ تي قادر آهي. خير ۽ شر سڀ الله تعاليٰ جي طرفان آهي. تقدير تي ايمان ۽ يقين رکڻو آهي.

تقدير جي معنيٰ آهي اندازو ڪرڻ ۽ ان اندازي جي مطابق فيصلو ڪرڻ شريعت ۾ الله تعاليٰ جي ان فيصلي کي تقدير چئبو آهي. جو ان ڪائنات مخلوقات ۽ خاص ڪري انسان جي باري ۾ ڪيو آهي ۽ آئندي به ڪندو. تقدير جا ٻه قسم آهن.هڪ مبرم، جنهن ۾ ڪا به تبديلي ڪانه ٿي سگھندي. ٻي تقدير معلق جنهن جو واسطو اعمال ۽ دعائن سان آهي ۽ الله تعاليٰ انهن جي مقبوليت تي ردوبدل به ڪندو آهي. بهرحال تقدير کي تسليم ڪرڻو ۽ ان تي ايمان آڻڻو آهي.

قيد الماءُ ڪهن جو سو مون پاند پيو
”جف القلم بما هو ڪائن“وهي قلم ويو
اي قضا ڪم ڪيو، جئن تر مارو آئون ماڙيين
(شاهه)

# قلب ساڻ لسان

## جَمَالُ الِانْسَانِ فَصَاحَةُ لِسَانِهِ

( هيءَ حديث مبارڪ ضعيف سند سان القضاعي ۽ العسڪري حضرت جابر بن عبدالله  ڪان روايت آندي آهي.)

ترجمو: انسان جي سونهن سوڀيا زبان جي فصاحت ۾ آهي.

**سمجهاڻي:** ماڻهو ڪٽي کهڙو به سهڻو سيبتو ۽ وڏي مان مرتبي وارو هجي.پر زبان جو سخي ۽ ڳالهائڻ جو منو ۽ سنجيدو نہ آهي تہ ٽڪو ئي نہ لهي. زبان جي تيزي ،ڳالهائڻ جي تندي ۽ زبان ۾ ڪڙاڻ هوندي تہ سڀ ڪو پيو ٿهندو. پراوا تہ پراوا پر پنهنجا بہ زبان جي ڪڙاڻ ۽ ڪنجوسائپ ڪان وونئن پيا ويندا ۽ تکي زبان واري ماڻهو جي پاڇي ڪان بہ پڄندا.

زبان جي سخاوت، قابليت ،مهارت ،فصاحت ۽ بلاغت انسان جي سونهن آهي. ماڻهو ڪٽي غريب هجي پر زبان جو سنو ڳالهائڻ جو سخي ۽ سهڻو ۽ مٺڙا ٻول ٻوليندڙ ڪي هر ڪو جيءُ ۾ جايون ڏيندو آهي.

اها زبان اس۾ بہ ويهاري تہ ڇانءِ ۾ بہ ويهاري. مشهور آهي تہ تلوار جو زخم ڇٽي ويندو.پر زبان جو ويڙ مرڻ گهڙي تائين نہ وسرندو آهي.

ان ڪري اسلام ۾ حسن اخلاق ۽ سهڻي ۽ مٺي ڳالهائڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. هن حديث مبارڪ ۾ بہ انسان جي سونهن سوڀيا جو دارومدار زبان جي فصاحت تي رکيو ويو آهي.

شاهہ پٽائي بہ الله ۽ رسول تي ايمان آڻڻ لاءِ دل سان گڏ زبان جو اقرار لازمي قرار ڏنو آهي.

وحده لا شريڪ لہ، جن اتوسين ايمان
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان
(شاهہ)

# ماڙهو ڏيئي مهڻا، مون کي ڪندا ڪوهه!

حُبُّكَ الشَّيۡءِ يُعۡمِيۡ وَيُصِمُّ

( هيءَ حديث مبارڪ ابو دائود، العسڪري ۽ امام احمد حضرت ابو درداء  کان روايت آندي آهي)

ترجمو: ڪنهن شيءِ سان تنهنجي محبت ڪرڻ توکي انڌو ۽ ٻوڙو ڪري ٿي ڇڏي.

**سمجهاڻي :** در حقيقت انساني فطرت آهي تہ ماڻهو جنهن سان گهڻي محبت ڪري ٿو.تہ ان جي چاهت ۾ اهڙو تہ قابو ٿيووڃي. جو ان جا عيب صواب سڀ سونهن ۽ سوڀيا وانگر پيا نظر ايندا. ان جون ڏنگايون بہ پيار ۽ پاٻوهہ پيا ڀائنبا. محبوب جي ڪارڻ بہ اجاڻ پئي معلوم ٿيندي.

مثال طور عرب جي مشهور عاشق قيس ( مجنون) کي چيائون تہ تنهنجي محبوب ليليٰ تہ ڪاري رنگ جي آهي.مجنون عاشق چوڻ لڳو تہ توهان کي ڏسڻ واري اها اک ناهي. منهنجي عشق واري اکسان ڏسو تہ ليليٰ ڇا آهي.

هن حديث مبارڪ ۾ بہ ان انساني فطرت جو احوال آهي تہ انسان جي جنهن سان دللڳندي آهي تہ محبوب کان سواءِ ٻي ڪابہ سونهن ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي ۽ ان جي ڪچاين عيبن ڏسڻ کان گويا انڌو ٿي پئبو آهي.

محبوب جي محبت ۾ ڦاسائڻ کان پوءِ ڪنهن جي نصيحت، ملامت هدايت ۽ مذمت ٻڌڻ کان ماڻهو ٻوڙو ٿي پوندو آهي. ماڻهو ڪنهن جي محبت ۾ ڦاسڻ کان پوءِ گويا ان جي عيبن ڏسڻ کان انڌو ۽ ملامت نصيحت ٻڌڻ کان ٻوڙو ٿي ويندو آهي ۽ ڪابہ نيڪ نصيحت اثر نہ ڪندي آهي.

شاهہ ڀٽائي بہ سسئي جي پنهون سان محبت جو مثال ڏئي چيو تہ ڀنيور جا ماڻهو جبل جي اڙانگي پنڌ کان ڪيس جهلين پيا. پي سسئي جو جواب هي هو:

”ماڙهو ڏيئي مهڻا،مون کي ڪندا ڪوهہ
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوهہ، سا پٿون ٿيندي پير تي
(شاهہ)


هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# ٻول مُ وساريج

## حُسْنُ الْعَهْدِ مِنَ الْاِيْمَانِ

( هن حديث مبارڪ کي امام حاڪم مستدرڪ ۾ روايت ڪيو آهي ۽ ڇيائين تہ بخاري ۽ مسلم جي شرط تي صحيح آهي حافظ ذهبي بہ ائين چيو آهي.)

ترجمو: سهڻي نموني وعدو وفا ڪرڻ ايمان آهي.

**سمجهاڻي:** عهد اقرار ، قولقرار، عهد نامہ ۽ تحريري معاهده کي چئبو آهي وعدو وفا ڪرڻ ايمان جي نشاني آهي.

قرآن مجيد ۾ بہ ارشاد آهي:

وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا

ترجمو: ۽ توهان پنهنجا ڪيلوعدا پورا ڪريو، بيشڪ وعدن بابت توهان کان سوال ڪيو ويندو.( پاره 15 سوره بني اسرائيل آيت33)

هڪ وعدو تہ الله تعاليٰ سان آهي. ان جي عبادت ڪئي وڃي. هڪ اهو وعدو آهي جو عام انسانن جي وچ ۾ ڪيووڃي. انهن سڀني وعدن بابت پڇاڻو ٿيندو.

ماڻهن سان خوش اخلاقي،محبت خلوص، عزت احترام سان پيش اچڻ بہ حسن العهد آهي.مسلمان ڀائرن سان عزت احترام سان پيش اچڻ بہ حسن العهد آهي.وعدي نہ پاڙڻ بابت تنبيهہ بہ آهي تہ جيڪو وعدو نہ ٿو پاڙي ان جو ڪوبہ دين نہ آهي.بهرحال دين دنيا خالق ۽ مخلوق سان ڪيل وعدو پاڙڻ ئي ”حسن العهد“ آهي.

شاهہ ڀٽائي بہ ٻول ۽ قول نہ وسارڻ ۽ هوت سان ڪيل وعدو ياد ڏياريو آهي.

ڀـــرين تـــون پـــاريج ، پـــارڻ پـــوءِ پنهـــون تـــي
” ٻـــول مَ وســـاريج“ هـــو جـــو ڪيـــوءِ هـــوت ســـين
( شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# وچ ولهين ڏينهڙين

خَيْرُالْاُمُوْرِ اَوْسَطُهَا

( حديث مبارڪ جا هي لفظ ابن سمعاني پنهنجي ڪتاب الذيل ۾ علي بن ابو طالب  ڪان روايت ڪيا آهن.)

ترجمو: ڀلي ۾ ڀلو ڪم وچٿرو آهي.

**سمجهاڻي** : انسان کي هميشه ٿڌي طبيعت ۽ هر ڪم ۾ درميانو رستو اختيار ڪرڻ کپي. اجايو جوش ڪري هوش نه وڃائجي ۽ وري فضولخرچي ڪري قرضدار به نه ٿجي. نه وري وسعت کان وڌيڪ ڪم ڪري پاڻ کي ٿڪائي وجهجي.پر هن حديث مبارڪ جي روشنيءَ ۾ ماٺهو دين ۽ دنيا جي ڪم ڪار ۽ ڪار وهنوار ۾ وچٿري نموني هلي.دنيا ۽ آخرت کي سنواري اجايو تڪڙ ۽ جلد بازي افراط ۽ تفريط کان پاڻ بچائجي.درمياني واٽ ۾ ئي برڪت ۽ سلامتي آهي.

جيــن ســي ســنگهار، اجهــي جــن جــي گهاريــان
مـــان لهنئـــون ســـار، ”وچ ولهـــين ڏينهـــڙين“
(شاهه)

# پاڻي پوڄ پٽن ۾

خَيْرُ الْاَعْمَالِ عَيْنٌ سَاهِرَةٌ لِعَيْنٍ نَائِمَةٍ

(حديث مبارڪ جا هي لفظ امام قسطلاني مواهب اللدنيہ ۾ آندا آهن پرحوالو ۽ اصحابي جو نالو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي.)

ترجمو: پلي ۾ پلو مال ملڪيت پاڻيءَ جو چشمو آهي جيڪو هميشہ جاڳندڙ يا وهندڙ هجي. جڏهن جو ڏٺي ننڊ ۾ هجي.

**سمجهاڻي:** پاڻي الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي. هر شيءِ جو ٻج پاڻي آهي. پاڻي پيارڻ بہ وڏو اجر ثواب آهي. جنهن ماڻهو وٽ پاڻي جو وهندڙ چشمو هجي يا کوھ هجي ۽ ان پاڻي مان الله تعاليٰ جي مخلوق وضوء غسل ڪري عبادت ڪن يا زرعي زمين آباد ٿيندي رهي. يا انسان حيوان جيت جٽيا، وڻ ٽڻ سيراب ٿيندا رهن.تہ اهو ان ماڻهو جو پاڻي جو گويا "صدقہ جاريہ" آهي.

ابو دائود ۾ مشهور حديث مبارڪ بہ آهي تہ: ماڻهو جي مرڻ ڪان پوءِ ان جو عمل بند ٿي ويندو آهي. پر هي ماڻهو آهن جن جو وفات کانپوءِ بہ عمل ۽ ثواب جاري رهي ٿو.

1. اهو ماڻهو جيڪو الله جي واٽ ۾ تياري ڪندي وفات ڪري ويو.
2. اهو ماڻهو جنهن ڪنهن کي علم سيکاريو تہ ان جو اجر بہ جاري رهي ٿو جيسيتائين ان علم تي عمل ٿيندو رهي.
3. اهو ماڻهو جنهن پنهنجي پويان صالح اولاد ڇڏيو. جيڪو ان لاءِ دعا گهرندو رهي.
4. اهو ماڻهو جنهن جاري رهڻ وارو صدقو ڪيو.ان جو بہ اجر جاري رهي ٿو.جيسيتائين اهو صدقو جاري رهي ٿو.

هن مان ظاهر آهي تہ جنهن ماڻهو صدقہ جاريہ موجب واهہ کٽايو کوھ کوٽايو يا پاڻيءَ جو پيو کو بندوبست ڪيو ۽ سڀ ان پاڻي مان فائدو حاصل ڪن ٿا تہ اهو پوءِ بنا تڪليف جي سندس اجر جاري رهي ٿو.

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڃين جي
"پاڻي پوڄ پٽن ۾" ارزان ان ڪريج
وطن وسائيج،تہ سنگهارن سک ٿئي.



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# گهوڙن ۾ گهوٽن

خَيْرُ مَالِ الْمَرْءِ مُهْرَةٌ مَامُوْرَةٌ اَوْ سِكَّةٌ مَأْبُوْرَةٌ

( هي لفظ مبارڪ امام احمد مسند احمد ۾ ۽ الطبراني المعجم الڪبير ۾ سويد بن بصيرة کان روايت ڪيا آهن.)

ترجمو: ماڻهو جو پلي ۾ پلو مالاهڙو گهوڙو آهي جيڪو نسل وارو هجي يا نر ڏنل ڪجين جون قطارون.

**سمجهاڻي :** گهوڙو مجاهد لاءِ سواريءَ جو سهڻو ذريعو ۽ هٿيار آهي. جهاد لاءِ گهوڙو ڏارڻ اجر ۽ ثواب آهي. ان ۾ برڪت به آهي. مال غنيمت به ملي ٿو. پلي نسل واري گهوڙي تي سواري ڪرڻ مجاهد جي نشاني آهي. سوره العاديات ۾ به جنگي مجاهدن جي گهوڙن جي مختلف ادائن جو الله تعاليٰ قسم ڪنيو آهي.

حديثن ۾ ڪجيءَ جي وڻ بابت فضيلت آيل آهي. ڪجيءَ جو وڻ، ڪجور ۽ پن به انسانن لاءِ بيحد ڪارائتا ۽ فائيمند آهن. ڪجيءَ جي وڻ ڪي انسان جي پڦي چيوويو آهي. پلي پار حرمين شريفين ۾ ڪجيءَ جا باغات ۽ ڪجور جا ڪارخانا آهن. حاجي سڳورا برڪت لاءِ پلي پار مان ڪجور سوکڙي طور آڻيندا آهن.ڪجور ۾ شفا ۽ برڪت آهي. سنڌ ۾ به خيرپور ضلعي ۾ ڪجيءَ جا گهڻا باغ آهن. انهن مان باغ ڌڻي ،مزدور به وڏو فائدو حاصل ڪن ٿا.

مطلب ته پلي نسل جا گهوڙا ۽ ڪجيءَ جي وڻن جون قطارون ۽ باغ انسانن لاءِ برڪت ئي برڪت آهن.

شاهه پٽائي به مجاهدن جي گهوڙن ۽ گهوٽن جو ذڪر ڪيو آهي.

گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئن تورا ڏينهڙا<br>
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا<br>
(شاهه)

# سسئي آڻ مَ شڪ

دَعْ مَا يُرِيْبُكَ اِلٰى مَا لَا يُرِيْبُكَ

(حديث مبارڪ جا هي لفظ مبارڪ الترمذي، النسائي، امام احمد ابن حبان ۽ الحاڪم حسن بن علي ڪان روايت ڪيا آهن. الترمذي چيو تہ هي حديث حسن صحيح آهي. امام احمد ، حضرت انس ڪان ۽ الطبراني المعجم الصغير ۾ ابو هريره ڪان بہ هي لفظ روايت ڪيا آهن.)

ترجمو: جا شيءِ توکي شڪ ۾ وجهي ان کي ڇڏي ڏي جا شيءِ شڪ ۾ نہ وجهي (ان کي وٺ)

**سمجهاڻي:** انسان جي دل سندس بهترين قاضي آهي. ماڻهوءَ جيڪو ڪم ڪري ۽ ان مان دل مطمئن رهي تہ اهو ڪم ڪجي ۽ دل کي اطمينان ڏيارجي.

ڪنهن ڪم ڪندي دل ۾ شڪ يا ڪُتڪو ٿئي تہ اهو ڪم نہ ڪجي. ڇاڪاڻ تہ شڪ ۽ ڪُتڪو چڱو ناهي ۽ ان سان اطمينان قلبي نہ ٿيندو.

جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جا حڪم ظاهر آهن.حلال ۽ حرام بہ چٽو آهي. ان ڪري شڪ کان بچڻ بهتر آهي. جتي دل صحيح فتويٰ ڏئي. اهو ڪم ڪجي.گناهہ ۽ شڪ واري ڪم کي نہ ڪجي ۽ ان کي ڇڏي ڏجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ شڪ وڃائڻ جو ڏس ڏنو آهي.

ڏسڻ جي ڏسين، تہ همہ کي حق چوين
شارڪ شڪ مَ ني، انڌا انهي ڳالهہ ۾
(شاهہ)

ڏسڻ ڏِکان اڳرو، "سسئي آڻ مَ شڪ"
(شاهہ)

# مُنهن ۾ مسلمان

ذُوْ الْوَجْهَيْنِ لَا يَكُوْنُ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهاً

( هيءَ حديث مبارڪ ابو دائود روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: ٻه مُنهون شخص الله تعاليٰ وٽ عزت وارو نه هوندو.

**سمجهاڻي:** ٻه مُنهون يا ٻه چاپڙو ماڻهو اهو آهي.جيڪو دل ۾ هڪ ته زبان تي ٻي ڳالهه آڻي. هڪڙي سان هڪڙي ڳالهه ته ته پاڻ وٽائڻ لاءِ ٻي سان ٻي ڳالهه ڪري، پنهنجو ڪم ڪڍي ۽ فائدو حاصل ڪري.

اسلام ۾ اهڙي ماڻهو کي منافق چئبو آهي. منافق ماڻهو دين دنيا ۾ بدنام هوندو آهي. ڪوبه ان کي چڱيءَ نظر سان نه ڏسندو آهي.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته منافق دوزخ جي هيٺين تري ۾ ويندا:

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ

ترجمو: بيشڪ منافق دوزخ جي باهه جي هيٺئين طبقي ۾ آهن.

(پ 5النساء، آيت145)

بين حديثن مبارڪن ۾ ٻه منافق جي ڪردار کي ننديو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻه دل ۾ دغا ۽ منهن ۾ مسلمان سڏائي منافقي ڪندڙ کي ٻت تراش آذر سڏي ننديو آهي.

ان پر نه ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
”منهن ۾ مسلمان“ اندر آذر آهين
(شاهه)

# ٻهران زيب زبان سين

ذُو اللِّسَانِيْنِ فِي النَّارِ

( هيءَ حديث مبارڪ جا لفظ ابو دائودروايت ڪيا آهن.)

ترجمو: ٻه زبانو شخص ٻه باهه ۾ ويندو

**سمجهاڻي:** ٻه زبانو ماڻهو ٻه ڪوڙو ۽ وعدي خلافي ڪندڙ هوندو آهي. ٻه زبانو شخص ٻه منافقن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. هڪ ماڻهو سان هڪ ڳالهه تہ ٻي ماڻهو سان ٻي ڳالهه ڪري پنهنجو مطلب ۽ مفاد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر نيت پنهنجي ٻه زباني ڪردار ڪري ظاهر تي پوندو آهي ۽ دنيا ۾ ٻه بدنام تي پوندو آهي. ٻه زباني ماڻهوءَ جي ڪردار ڪي " ٻه مُنهين بلا" چيو ويندو آهي. دنيا ۾ ڪٿي تورو گهڻو مطلب حاصل ڪندو آهي پر آخرت ۾ وجي پوندو. اتي پيو سڙندو پچرندو ۽ ٻه زباني ڪردار جي سزا لوڙيندو، الله تعاليٰ مسلمانن کي ٻه مُنهين ۽ ٻه زباني ڪردار کان بچائي. هڪ سختو ۽ سچو باڪردار مسلمان بنائي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻه اهڙي ماڻهو کي ٻاهران زيب زبان سين ۽ قلب جو ڪارو ۽ دل ۾ هچارو سڏيو ۽ ان جو بدڪردار وائکو ڪيو آهي:

مُنهن تہ آهيريانئي اجرو، قلب ۾ ڪارو
"ٻهران زيب زبان سين" دل۾ هچارو
ان پر ويچارو، ويجهو ناهہ وصال کي
(شاهه)

# مون پريان جي ڳالهڙي

رَحِمَ اللّٰهُ عَبْدًا قَالَ خَيْرًا فَغَنِمَ أَوْ سَكَتَ عَنِ الشَّرِّ فَسَلِمَ

(هي لفظ مبارڪ " مسلم" ۽ ابو الشيخ "الثواب" ۾ ابي امامة کان ۽ الديلمي، حضرت انس بن مالڪ کان روايت ڪري آندا آهن.)

ترجمو:الله تعاليٰ ان ٻانهي تي رحم ڪري، جيڪو سھڻو ڳالهائي ڪتي ويو يا بري ڳالهائڻ کان ماٺ ڪري سلامت رهيو.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ مان ظاهر آهي تہ، ڳالهائجي تہ سچ ۽ سهڻو ڳالهائجي. الله ۽ رسول کي راضي ڪري ڪاميابي ماڻجي.

ٻي صورت ۾ خراب ڳالهائڻ کان پاڻ پلي، صبر ۽ سکوت ڪري ويهجي ۽ سک۽ سلامتي حاصل ڪجي.

مشهور آهي تہ سهڻو ڳالهائڻ چاندي آهي تہ چپ يا سکوت سون برابر آهي.

الله تعاليٰ بہ قرآن مجيد ۾ بااخلاق ۽ سهڻي ڳالهائڻ جو امر فرمايو آهي: و قولو للناس حسنا (پ 1 سوره البقره، آيت 83)ترجمو: ۽ ماڻهن سان سهڻو ڳالهايو.سنڌي ۾ بہ پهاڪو آهي تہ "ڪن ماڻهن جو روئڻ راحت ۽ ڪن ماڻهن جو کلڻ خواري".

سهڻي ڳالهائڻ جي اسلام ۾ ترغيب آيل آهي ۽ نہ تہ سکوت جو شان سوايو آهي. امام غزالي رح جڳ مشهور ڪتاب "احياء علوم الدين"۾ سهڻي ڳالهائڻ ۽ خاموش رهڻ بابت تفصيل لکيو آهي.

پڪليا پوڻن ڏڙ ڪي گڏيو ڏوڙسين
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نہ ڪن ۽
ڪامل آهي تن، "مون پريان جي ڳالهڙي"
(شاهہ)

# مون پريان جي ڳالهڙي

رَحِمَ اللهُ عَبْدًا قَالَ خَيْرًا فَغَنِمَ أَوْ سَكَتَ عَنِ الشَّرِّ فَسَلِمَ

( هي لفظ مبارڪ " مسلم " ۽ ابو الشيخ "الثواب" ۾ ابي امامة ڪان ۽ الديلمي، حضرت انس بن مالڪ ڪان روايت ڪري آندا آهن.)

ترجمو:الله تعاليٰ ان ٻانهي تي رحم ڪري، جيڪو سهڻو ڳالهائي ڪتي ويو يا بري ڳالهائڻ ڪان ماٺ ڪري سلامت رهيو.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ مان ظاهر آهي تہ، ڳالهائجي تہ سچ ۽ سهڻو ڳالهائجي. الله ۽ رسول کي راضي ڪري ڪاميابي ماڻجي.

ٻي صورت ۾ خراب ڳالهائڻ ڪان پاڻ پلي، صبر ۽ سکوت ڪري ويهجي ۽ سک۽ سلامتي حاصل ڪجي.

مشهور آهي تہ سهڻو ڳالهائڻ چاندي آهي تہ چپ يا سکوت سون برابر آهي.

الله تعاليٰ بہ قرآن مجيد ۾ بااخلاق ۽ سهڻي ڳالهائڻ جو امر فرمايو آهي: و قولو للناس حسنا (پ 1 سوره البقره، آيت 83)ترجمو: ۽ ماڻهن سان سهڻو ڳالهايو.سنڌي ۾ بہ پهاڪو آهي تہ "ڪن ماڻهن جو روئڻ راحت ۽ ڪن ماڻهن جو کلڻ خواري".

سهڻي ڳالهائڻ جي اسلام ۾ ترغيب آيل آهي ۽ نہ تہ سکوت جو شان سوايو آهي. امام غزالي رح جڳ مشهور ڪتاب "احياء علوم الدين"۾ سهڻي ڳالهائڻ ۽ خاموش رهڻ بابت تفصيل لکيو آهي.

پڪليا پوٽن ڏڙ کي گڏيو ڏوڙسين
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نہ ڪن
ڪامل آهي تن، "مون پريان جي ڳالهڙي"
(شاهہ)

# وِڇڙ در دوستن جي، هرهر هُوڙائي

زُرۡغِباًتَزۡدَدۡحُبًّا

( هي لفظ مبارڪ ابو هريره  ڪان البزار، البيهقي، مسند الحارث بن ابي اسامہ ۽ ابو نعيم حليهالاولياء ۾ آندا آهن. حافظ السخاوي چيو آهي تہ هيءَ حديث ضعيف آهي.پر مجموعي طور قوي آهي.)

ترجمو: دير سان ملاقات يا زيارت ڪندو ڪر. تہ محبت ۾ واڌارو ٿئي.

**سمجهاڻي:** هن حديث نبويءَ جا سهڻا لفظ اسان ننڍي هوندي شيخ سعدي شيرازيءَ جي فارسي ڪتاب ”گلستان“ ۾ ابو هريره  جي حوالي سان پڙهيا ۽ استادن ان جي سهڻي سمجهاڻي ٻڌائي.

اسان عام ماڻهو سمجهندا هئاسون تہ دوستن سان گهڻو ملڻ تہ پڪي دوستي ۽ گهڻي قرب جي نشاني آهي. پر اڳتي هلي حديث نبوي جي سچائي ۽ استادن جي سمجهاڻي جي گهرائي سمجهہ ۾ آئي.

اصل ۾ ڳالهہ هن طرح آهي تہ هڪ دفعي حضرت نبي پاڪ ﷺ اصحابي ابوهريره  ڪي مجلس ۾ غير حاضر ڏسي ان بابت پڇيو. اصحابي عرض ڪيو تہ سائين! مائٽن سان ملڻ ويو هوس. پاڻ سڳورن ﷺ ان تي ڪيس فرمايو تہ ” دير سان ملڻ ويندو ڪر. تہ محبت وڌندي.“

هيءُ محبت جو هڪانمول اصول آهي تہ دوستن توڙي عزيزن قريبن وٽ گهڙي گهڙي وڃبو ۽ اڻ ڪونيو مهمان پيو ٿبو. تہ اها محبت ۽ عزت نہ رهندي.پر جي دير دير سان دوستن توڙي مٽن مائٽن وٽ وڃبو تہ اهميت ۽ عزت ۾ اضافو ٿيندو ۽ سڪ بہ سرس رهندي ۽ ملڻ لاءِ دل پئي گهرندي.

شاهہ پٽائي بہ دوستن جي در تي هر هر وڃڻ ڪي هُوڙائي سڏيو آهي.

” وِڇڙ در دوستن جي، هر هر هُوڙائي“

پاڙي ڏانهن پرين جي، اجهہ مَ اوائي

الڙ تي مَ آچ تون، واٺهڙن وائي

لائيندءِ لطيف چئي سورا سرهائي

ڳجهو ڳالهائي، پرت وڃي پاڻ ۾

# پري جام جنت جو

سَبَقَكَ بِهَا عُكَاشَةُ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن عباس کان البخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي. ( سڄي حديث خود مخدوم هاشم ٺٽوي جي سمجهاڻي سان ترجمي ڪان پوءِ آيل آهي.)

ترجمو: عڪاشہ توکان اڳرائي ڪري ويو.

عربن سڳورن ۾ هي حديث پهاڪو ان وقت ڏيندا آهن.جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي کان اڳرائي ڪري ڪم ۾ گوءِ ڪٽي ويندو آهي.

مخدوم هاشم ٺٽوي حديث مبارڪ جي هيٺان سمجهاڻي طور پوري حديث هن ريت لکي آهي" هڪ ڀيري نبي پاڪ ﷺ فرمايو: ستر هزار ماڻهو بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ ويندا. اتي اصحابي عڪاشہ ويٺو هو. ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ الله کان دعا گهرو تہ آئون بہ انهن بغير حساب ڪتاب وارن جنتين مان ٿيان."

پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس فرمايو تہ تون انهن جنتين مان آهين.

اها ڳالهہ ٻڌي ٻيو شخص بہ اتي ساڳئي نموني عرض ڪرڻ لڳو. ان کي نبي پاڪ ﷺ فرمايو تہ ( جنت ۾ داخل ٿيڻ بابت اڳواٽ سوال ڪري) توکان عڪاشہ اڳرائي ڪري ويو.

**سمجهاڻي:** حضور ﷺ جن جي زبان ڪُن جي ڪنجي آهي.سندن هر فرمان مندبي تي ٽڪ آهي.

وحده لا شريڪ لہ، اي وهائج ويءُ
ڪتين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ
پاڻان چوندءِ پيءُ " پري جام جنت جو"
(شاهہ)

# هوندگوليءَ تي گذاريان

## سَيِّدُالْقَوْمِ خَادِمُهُمْ

(حديث مبارڪ جا هي لفظ هنن ڪتابن ۾ روايت ڪيل آهن. عبدالرحمان السلامي” آداب الصحبة“ ابن عساڪر ابن عباس کان.ٻ ابو نعيم حلية الاولياء ۾ انس کان، الحاڪم التاريخ، البيهقي ۽ الديلمي سهل بن سعد کان رضي الله عنهم. جعيتوٽيڪ هن جي سند ضعيف آ.پر ڪثرت ڪري حسن لغيره آهي.)

ترجمو: قوم جو سردار انهن جو خادم آهي.

**سمجهاڻي:** الله تعاليٰ پنهنجي فضلو ڪرم سان ڪنهن کي عزت ۽ سان، مرتبي ۽ مان ۾ وڏو ڪيو آهي تہ اهو بہ پنهنجي اوڙي پاڙي، عزيزن ، قريبن،قوم ۽ ملڪ جي دل و جان سان خدمت ڪندو رهي. چاڪاڻ تہ خدمت ئي اهڙو سلسلو آهي. جنهن سان ماڻهو خدام مان مخدوم بنجي ٿو. فارسي ۾ بہ آهي تہ:

هرکه ح ، خدمت کرداو مخدوم شد
هرکه خودراد، ، یداو محروم شد

مطلب تہ جيڪو بہ خدمت ڪندو.اهو ئي خدمت جي عيوض مخدوم ٿيندو. باقي جيڪو خدمت نہ ڪندو. رڳو پاڻ پيو پائيندو. تہ اهو ضرور نااميد رهندو.قوم جي سردار کي اها بي لوث خدمت سفر ۽ حضر ۾ هر وقت ڪرڻي آهي. الله تعاليٰ جي شڪراني طور خدمت بجا آڻيندو رهي. خدمت ڪرڻ ۾ ئي دين ۽ دنيا جي ڀلائي آهي.سر بروو سنڌي م شاهه ڀٽائي بہ گوليءَ تي گزارڻ ۽ خدمت ڪرڻ جي تمنا ڪئي آهي.

اچين جي هيڪار،مون سارينديَن سپرين
پيرين ڏريان پنبڙيون هنڌ وڇايان وار
ساجن سڀ جمار، ”هوند گوليءَ تي گذاريان“
(شاهه)

# ڳنڍين سارو ڏينهن

صَنَائِعُ الْمَعْرُوْفِ تَقِي مَصَارِعَ السُّوْءِ وَصَدَقَةُ السِّرِّ تُطْفِيءُ غَضَبَ الرَّبِّ وَصِلَةُ الرَّحِمِ تَزِيْدُ فِي الْعُمُرِ

( هن حديث مبارڪ کي امام الطبراني " المعجم الڪبير" ۾ سند حسن سان ابي امامه کان ۽ " المعجم الاوسط" ۾ ام سلمه رضي الله عنها کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: نيڪين جا ڪم مصيبت جي ميدانن ۾ بچائيندا آهن ۽ لڪي صدقو ڏيڻ الله پالڻهار جي ڏمر کي اجهائيندو آهي ۽ مائٽي ڳنڍڻ سان عمر ۾ برڪت پوندي آهي.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ نبي پاڪ ﷺ ٽي سهڻيون فائدي وارين ڳالهيون ٻڌايون آهن ته:

1. نيڪي ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ سان مشڪلاتون دور ٿينديون آهن
2. الله جي نالي لڪي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان الله تعالىٰ خوش راضي ٿيندو آهي ۽ ڏمر ۽ قهر به ٽري ويندو آهي.
3. مٽي مائٽي ڳنڍڻ سان عمر ۽ رزق ۾ برڪت پوندي آهي. چاڪاڻ ته ڇنڻ ڪان ڳنڍڻ ڀلو ڪم آهي. جنهن ماڻهو جا مٽ مائٽ ۽ دوست عزيز ساڻس راضي آهن ته اهو ماڻهو بي فڪر ۽ خوش پيو گذاريندو. جيڪڏهن ڪنهن کان مٽ مائٽ ۽ يار دوست ناراض آهن ته اهو ماڻهو هميشه پريشان پيو رهندو. سندس ڪوبه تعاون لاءِ تيار نه هوندو. شاهه ڀٽائي به ڪپڙي اٽنڊڙ ڪورين جو مثال ڏئي چيو آهي:

هلو هلو ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن
"ڳنڍين سارو ڏينهن" ڇنڻ مور نه سگهيا
(شاهه)

# صاحب تنهنجي صاحبي، عجب جهڙي آهه

عَجِبَ رَبُّكَ مِنْ كَذَا

( هن حديث مبارڪ کي امام بخاري ۽ ٻين مختلف راوين کان ڪجھ ٻيرا آندو آهي.)

ترجمو: تنهنجي الله پالڻهار کي فلاڻي ڳالهه عجب ۾ وڌو.

**سمجهاڻي :** الله تعاليٰ پاڪ پروردگار عجب ۽ اچرج ڪرڻ کان پاڪن پاڪ آهي.هجتي عجب جو مطلب هي ٿيندو تہ الله تعاليٰ کي ٻانهي جي ڪا ڳالهه پسند آئي، تہ خوش ۽ راضي ٿيندو آهي.ڇوتہ انسان ۽ الله تعاليٰ جي هر ڳالهه ۾ فرق آهي. الله تعاليٰ کي هر شيءِ جو علم آهي ۽ ٻانهن جي دل جون ڳالهيون بہ ڄاڻي ٿو. ان ڪري هن حديث مبارڪ جي روشني ۾ ائين چئبو تہ الله تعاليٰ ٻانهي جي فلاڻي چڱي ڪم کان خوش ۽ راضي ٿيو.

شاهہ ڀٽائي بہ سر ڏهر ۾ صاحب جي صاحبي کي عجب سڏيو آهي.

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون
پن ٻوڙي پاتال ۾، پهڻ تارين تون
جيڪر اچين مون، تہ ميريائي ماڻُ لهان
(شاهہ)

*

” صاحب تنهنجي صاحبي، عجب جهڙي آهہ “
وڏي سگهہ سنڌياءِ، پاڻ وهيٽو آهين
(شاهہ)

# سمند سيويو جن

## فَضْلُ الْعِلْمِ خَيْرٌ مِنْ فَضْلِ الْعِبَادَةِ

( هن حديث مبارڪ کي الطبراني المعجم الاوسط ۾ ۽ البزار حذيفة کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: علم جي ڀلائي عبادت جي فضيلت کان ڀلي آهي.

**سمجهاڻي:** علم نبين سڳورن جو ورثو آهي. علم انسان کي حق ۽ هدايت جي روشني عطا ڪري ٿو. گمراهي ۽ جهالت کان بچائي ٿو. علم ئي انسان جي ترقي جو سر چشمو آهي.

عبادت به چڱي آهي، پر ان سان رڳو پنهنجو پاڻ کي فائدو ۽ ثواب ملي ٿو. علم اهڙي شمع آهي جو ان جي روشني تي هزارين پروانا اچي مڙن ٿا ۽ طالب، عالمن کان فيض پرائين ٿا.رآن مجيد ۾ به علم ۽ عالمن جو وڏو شان بيان ٿيل آهي:وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ(پاره 28 سوره المجادلہ آيت 8)

ترجمو: جن کي علم آهي انهن جا درجا بلند ڪيا ويا آهن.

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا(پاره ٢٣ سوره فاطر آيت 28)

ترجمو: الله تعاليٰ جي ٻانهن مان الله کان اهي ڊڄن ٿا جيڪي علم وارا آهن.

خود نبي ﷺ جن به علم جي واڌاري لاءِ دعا گهري آهي:

رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا (پاره 16 سوره طٰهٰ آيت 114)

ترجمو: منهنجا پالڻهار! منهنجي علم ۾ زياده اضافو ڪر.

پاڻ سڳورن ﷺ عالم ۽ عابد جو مثال ڏئي فرمايو آهي ته هڪ فقيه عالم،شيطان تي هزار عابدن کان وڌيڪ سخت آهي (الترمذي) مقصد ته عبادت به ڀلي پر علم جو شان نرالو آهي.شاهه ٻڌائي ٿو ته علم کي سمند سڏيو آهي:

سي پوڄارا پُر ٿيا، "سمند سيويو جن"
آنڌائون عميق مان، جوتي جواهران
لڌائون لطيف چئي لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن،ملهه مهانگو ان جو
(شاهه)

# مرڻ تن مشاهدو

## قُتِلَ صَبۡرًا

( هي حديث مبارڪ البزار ابو هريره ڪان روايت ڪئي آهي ۽ پڻ حضرت عائشهؓ کان ثقہ رجال جي سند سان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: ماٺيءَ صبر ۾ قتل ٿي ويو.

**سمجهاڻي :** حديث مبارڪ جا لفظ تمام مختصر آهن. پر وڏي معنيٰ تي دلالت ڪن ٿا. جيڪو ماڻهو بنا ڏوهه ڏنڊ جي مارجي وڃي يا ڪو بي گناهه قتل ٿي وڃي. تہ الله تعاليٰ ان بي گناهه مقتول کي معافي ڏئي ٿو ڇڏي. جيتوٽيڪ اهو ڪٿي گنهگار هجي. تہ بہ الله پنهنجي فضل ڪرم ۽ ان جي بي گناهه مارجڻ ڪري سندس گناهه معاف ڪري ٿو ڇڏي.

اسلام ۾ ڪنهن مسلمان ڀاءُ کي بي گناهه مارڻ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي.
فتنو فساد، خونريزي ڪرڻ اسلام ۾ حرام آهي ۽ ڪنهن کي ناحق مارڻ منع آهي.

اسلام تہ اهو سبق ڏنو آهي تہ ڀلو مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ماڻهو سلامت رهن. هٿ تہ وڏي ڳالهه آهي. پر ڪنهن کي زبان سان بہ گهٽ وڌ نہ ڳالهائجي.

شاهہ ڀٽائي عشق حقيقي ۽ ناحق مارجڻ کي مان ۽ مشاهدو سڏيو آهي:

هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٽيڪ مَ تورو لاءِ
پرين تنهنجي گهاءِ، مران تہ ماڻُ لهان
(شاهہ)

*

سوري جنين سيج، " مرڻ تن مشاهدو"
(شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# پلائي آهين، پرين پلائي پانهنجي

كُلُّ الصَّيْدِ جَوْفِ الْفَرَى

( هن حديث مبارڪ کي الرامهرمزي ڪتاب ” امثال الحديث“ ۾ نصر بن عاصم الليشي التابعي کان روايت ڪيو آهي. سند ان جي جيد پر مرسل آهي ۽ العسڪري بہ هن کي روايت ڪيو آهي).

ترجمو: سمورو شڪار گورخر جي پيٽ ۾ آهي.

الفري: جهنگلي گڏهہ کي چئبو آهي.

**سمجهاڻي:** اصل ۾ هي عربي پهاڪو آهي جيڪو نبي پاڪ ﷺ جن ان وقت ڳالهايو هو جڏهن ابو سفيان مسلمان ٿيو هو. ۽ ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ سان ملڻ لاءِ اجازت گهريائين. ٻين قريشن اڳ ۾ حضور ﷺ جن سان ملاقات ڪئي ۽ ابو سفيان کي آخرت ۾ ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. ان تي ان انساني فطرت موجب سمجهيو تہ مون کپي سيني کان پڇاڙي ۾ وارو مليو آهي. سو ملاقات کان رهجي نہ وڃان.

پلاري رحمت واري نبي ﷺ جي ڳالهہ پروڙي ڪيس دلجاءِ ڏئي فرمايو تہ تون مون وٽ ايئن وڏي عزت وارو آهين. جيئن پهاڪو آهي: ”گورخر شڪار ٿيو، تہ سڀ شڪار ٿي ويو.“

هونئن بہ زماني جو دستور آهي تہ ننڍيون ننڍيون ضرورتون پوريون ٿيون تہ بہ خير آهي. پر هڪ تمام وڏي ضرورت يا ڪم پورو ٿيندو آهي تہ ننڍيون ڳالهيون ياد نہ رهنديون آهن ۽ گهٽو ڪري تمام وڏو ڪم پڇاڙي مڪمل ٿيندو آهي. مطلب تہ ٻيا قريشي ملي ويا تہ بہ چڱو. پر ابو سفيان وڏي ماڻهو جو آخر نويڪلائي ۾ ملڻ ئي سندس شايان شان هو.

”پلائي آهين، پرين پلائي پانهنجي
سباجها سر چڙهيو، ڏوراپو نہ ڏين
مون ڏي مديون ٿين، سجڻ سجاين ۾
(شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# چڱاڪن چڱايون

كُلُّ مَعْرُوفٍ صَدَقَةٌ

(هن حديث مبارڪ کي الطبراني المعجم الاوسط ۾ ام سلمة ؓ کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: هر چڱائي صدقو آهي.

**سمجهاڻي:** حديث پاڪ ۾ اڳ ۾ گذري آيو تہ صدقو مصيبتون ۽ الله جو غضب ٽاريندو آهي. ان ڪري هر چڱي ڪم کي صدقو سڏيو ويو آهي.پاڻ سڳورن ﷺ صدقي جا گهڻا ڪم ٻڌايا آهن.

مثال طور:

- هر چڱائي صدقو آهي.
- پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان مُرڪي ملڻ بہ صدقو آهي.
- ٻليل کي وات لائڻ بہ صدقو آهي.
- اکين سجي نابين کي رستو ڏيکارڻ صدقو آهي.
- رستي تان ڪنڊا ڪرڙ تڪر پٿر پري ڪرڻ بہ صدقو آهي.
- ۽ مسلمان ڀاءُ کي پاڻي پيارڻ بہ صدقي ۾ شمار آهي.

مطلب تہ خير جو هر ڪم الله تعاليٰ کي وڻي ٿو. سهڻو اخلاق ۽ ڀلائي جا ڪم ڪرڻ سان الله تعاليٰ راضي ٿئي ٿو. سندس رحمت وسيع آهي.چڱن ڪمن ڪري بهشت نصيب فرمائيندو.

شاهہ ڀٽائي بہ سر سريراڳ ۾ چڱائي ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

"چڱا ڪن چڱايون" مٺايون مَنَن
جو وڙي جُڙي جن، سوروڙ سيئي ڪن

(شاهہ)

# موٽائي ھٽنئي نہ مُنھن جي

## كَمَاتَدِيْنُ تُدَانُ

( ھن حديث مبارڪ کي عبدالرزاق الدياسي ۽ ٻين روايت ڪيو آھي.)

ترجمو: جھڙي ڪندين تھڙي لوڙيندين

**سمجھاڻي :** پاڻ سڳورن ﷺ جو پورو فرمان مبارڪ ھن ريت آھي تہ نيڪي پراڻي ڪانہ ٿيندي. گناھ ڪونہ وسرندو.الله قھار ڪونہ مرندو يعني ھميشہ آھي پوءِ جيئن وڻئي تيئن ڪر، جھڙي ڪندين تھڙي لوڙيندين.

مطلب تہ الله تعاليٰ ھميشہ زنده قادر قھار آھي. ان کان غافل نہ ٿي. ھر ڪم سنڀالي ڪر. چڱو ڪم ڪندين تہ چڱو.خراب ڪم ڪندين تہ برو بدلو ملندو. ان ڪري الله تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي چڱا ڪم ڪر ۽ برائين کان پاڻ بچاءِ.

سوره الزلزال ۾ بہ ارشاد رباني آھي:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَه۔ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَه

(پ 30، سوره الزلزال آيت 7،8)

”ترجمو: پوءِ جنھن ماڻھو واريءَ جي ذري جيتري چڱائي ڪئي ھوندي.اھو ان کي ڏسندو ۽ جنھن ماڻھو واريءَ جي ذري جيتري برائي ڪئي ھوندي اھو ان کي ڏسندو.“

شاھ يٽائي بہ سر ڪاپائتي ۾ چيو آھي تہ صراف سياڻي ڪچو ڪم يا سستي ڪندين تہ موٽائي منھن ۾ ھٽندئي يعني جھڙو ڪم ڪبو.اھڙو ئي نتيجو ملندو.

ھي ھڏ وھاڻي، ڪڙھہ ڪالھوڻي ڏينھن کي
اتي اور ارت سين، ويھہ مَ ويڳاڻي
تہ صراف سياڻي، ” موٽائي ھٽنئي نہ منھن تي“
(شاھ)

# مانجهاندي جو ماڳ

كُنْ فِي الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيْبٌ أَوْعَابِرُسَبِيْلٍ وَعُدَّ نَفْسَكَ فِيْ اَهْلِ الْقُبُوْرِ

( هن حديث مبارڪ کي البيهقي شعب الايمان ۾ ۽ العسڪري عبدالله بن عمر كان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: دنيا ۾ ائين رهه جيئن مسافر آهين. بلڪ رستو پار اڪرندڙ جيان رهه ۽ پاڻ کي قبرن وارن ۾ سمجهه.

**سمجهاڻي** : هيءَ دنيا مانجهاندي جو ماڳ آهي. هتي هر هڪ ڪجهه وقت لاءِ مسافر تي آيو آهي.پوءِ مسافر يا واٽهڙو لاءِ اهو مناسب ڪونهي. تہ رستي تي گهر ناهي ويهي رهي. ۽ پنهنجو اصلي وطن وساري ڇڏي. ان ڪري انسان کي گهرجي تہ فاني دنيا جي شين سان دل نہ لڳائي. پر اصل ماڳ آخرت واسطي چڱن عملن جي موڙي گڏ ڪندو رهي.

شاهہ ٻڌائي ٿو هن دنيا کي مانجهاندي جو ماڳ سڏيو آهي:

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
تو جو ساٿيهہ پانئيو، "سو مانجهاندي جو ماڳ"
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي
(شاهہ)

فارسي شاعرجامي بہ سهڻي ڳالهہ ڪئي آهي:

ترجمو: اي دل! ڪيترو وقت ٻارن وانگر هن مجازي دنيا ۾ مٽيءَ جون ماڙيون اڏيندو ۽ ڊاهيندو رهندين.هن مٽيءَ مان پرڙا چندي اصل آخرت واري ماڳ ڏي موٽڻ جي ڪر.( يوسف زليخا فارسي)

حديث مبارڪ ۾ بي ڳالهہ آهي تہ پاڻ کي قبر وارن يا مئلن ۾ شمار ڪرڻ. حقيقت بہ اها آهي تہ نفس کي ماري دنيا سان گهٽ واسطو رکي آخرت لاءِ توشو گڏ ڪجي. شاهہ طيف بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهجي

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جيا
(شاهہ)

# ساڻ امانت اچ

لَاۤ اِيْمَانَ لِمَنْ لَاۤ اَمَانَةَ لَهٗ، وَلَا دِيْنَ لِمَنْ لَا عَهْدَ لَهٗ

(هن حديث مبارڪ کي الامام، ابو يعليٰ پنهنجي مسند ۾ البيهقي شعب الايمان ۾ انس بن مالڪ کان روايت ڪيو آهي. حافظ ذهبي چيو آهي ته هن حديث جي سند قوي آهي ۽ ابن حبان به ان کي صحيح چيو آهي.)

ترجمو: جنهن ۾ امانتداري نه آهي، ان جو ايمان ڪامل نه آهي ۽ جنهن ۾ وعدي وفائي نه آهي ان جو دين پورو نه آهي.

**سمجهاڻي:** مؤمن ايمان ۽ ايمانداري هڪ ڳالهه آهي. سچي مؤمن جي اها ئي نشاني آهي. ته هو امانتدار هجي. خود اسان جو نبي محمد ﷺ اعلان نبوت کان به اڳ عرب دنيا ۾ ”صادق“ ۽ ”امين“ مشهور هئا.

قرآن شريف ۾ به الله تعاليٰ امانتن ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَا(پارو 5 سوره النساء آيت 58)

ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ حڪم فرمائي ٿو توهان کي ته جن جون امانتون آهن. انهن جي حوالي ڪريو.

مقصد ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ امانتداري ڪرڻ لازمي آهي.

حديث مبارڪ ۾ وعدي پوري نه ڪرڻ واري کي تنبيهه ڪري ڪيس بي دين چيوويو آهي. انسان کي سڀ واعدا پورا ڪرنا آهن. عالم ارواح ۾ جيڪي وعدا ۽ اقرار ڪيا ويا آهن يا هن دنيا جي ڪم ڪار ۾ انجام ڪياويا آهن انهن سيني کي وعدن پورن ڪرڻ جو پڇاڻو ٿيندو. ان ڪري وس وت آهر وعدي وفائي ڪرڻ مؤمن جو حق آهي.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ وعدي وفائيءَ لاءِ به هي حڪم ڏنو آهي

وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْئُوْلًا(پارو 15 سوره بني اسرائيل آيت 34)

ترجمو: وعدو پورو ڪريو. ڇاڪاڻ ته وعدن بابت اوهان کان پڇاڻو ٿيندو.

ووٽ ڏيڻ به امانت آهي ووٽ مفاد پرست کي نه ڏجي. پر ايماندار ۽ حقدار کي ڏجي.

سَتي تنهنجي ست ۾، ڳالهه گهرجي ڳچ
وڏيو چڙيو چيريو، پر ۾ ايي پچ
" ساڻ امانت اچ" ته تيين سمناي ساٿيهه ۾
(شاهه)

سنڌ سلامت

# ادب ۽ اخلاق جا سڙھ ٻڌج سوري

لَاتَرْفَعْ عَصَاكَ عَنْ اَھْلِكَ اَدَبًا

( ھن حديث مبارڪ کي امام احمد بن حنبل روايت ڪيو آھي.)

ترجمو: پنھنجي اهل عيال تان ادب سيکارڻ لاءِ لٺ پري نہ ڪر.

**سمجھاڻي:** پيءُ ماءُ جي مٿان اولاد جو حق آھي تہ ان جو نالو سٺو رکي. سٺي تعليم تربيت ۽ شادي ڪرائي. گھڻو پيار ۽ لاڏ ڪوڏ ٻار کي سست ڪاهل ۽ ڪاري خراب ڪري ڇڏيندو آھي.ان ڪري پنھنجي اولاد جي تعيلم سان گڏ سھڻي تربيت جو بہ وڏ ۾ وڏ خيال رکجي.اولاد کي ادب احترام سيکارڻ لاءِ ڪجھ سختي ڪرڻي پوي تہ دڙڪو دھمان ۽ لٺ ۽ چٺ بہ ڏيکارجي. پرڏاھپ ۽ حڪمت عملي، شفقت ۽ سختي سان ٻار جي سنوار ڪجي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي ابودائود۾ بہ حديث آھي تہ:

” پنھنجي اولاد کي ستن سالن جي عمر ٿيڻ تي نماز جو حڪم ڪريو.
ڏھن سالن جا ٿين.نماز نہ پڙھن. تہ کين مار ڏيو ۽ سندن ھنڌ جدا ڪريو.“

اولاد جي تعليم سان گڏ سھڻي تربيت ڪير ۽ کنڊ برابر آھي.

اولاد جي مٿان بہ والدين جو حق آھي تہ پيءُ ماءُ جي فرمانبرداري ڪري.

دين دنيا ۾ سندن دعائون کڻن ۽ اجر دارين حاصل ڪن.

شاھ ڀٽائي بہ ادب ۽ اخلاق جي تلقين ڪئي آھي.

تن ۾ ترازو توھ جي، گھڻون لھ گھوري
” ادب ۽ اخلاق جا سڙھ ٻڌج سوري“
(شاھ)

# ولهيون ڍڪين ولَها

لَا تُظْهِرِ الشَّمَاتَةَ لِأَخِيكَ فَيُعَافِيهُ اللهُ وَيَبْتَلِيكَ

( هيءُ حديث مبارڪ الترمذي روايت ڪئي آهي.واثلہ بن الاسقع ان حديث کي حسن چيو آهي.)

ترجمو: پنهنجي ڀاءُ جو عيب ظاهر نہ ڪر. ڇاڪاڻ تہ پوءِ الله ان کي معاف ڪري، توکي ان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو.

**سمجهاڻي :** الله تعاليٰ ستار غفار آهي. پنهنجي فضل و ڪرم سان ٻانهن جا عيب ڍڪي معافي ڏيندو آهي.

هن حديث مبارڪ ۾ ہ مسلمان ڀاءُ جي پرده پوشي ڪرڻ جو حڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪو ٻين جا عيب ڍڪيندو تہ الله تعاليٰ ان جا بہ عيب ڍڪيندو ۽ جيڪو ٻين جا عيب کوليندو تہ الله تعاليٰ ان جا بہ عيب کوليندو. ان ڪري ڪنهن جا عيب کولڻ نشانو بنائڻ ۽ گلا غيبت ڪرڻ اسلام ۾ منع آهي. هميشہ باوقار صبر شڪر ۽ خوش اخلاقي سان رهجي. ڪنهن جي نڪتہ چيني ۽ عيب جوئي نہ ڪجي. هونئن بہ راز کولڻ کان ڍڪڻ ڀلو آهي.

شاهہ ڀٽائي بہ رسالي ۾ الله تعاليٰ کان عيب ڍڪڻ ۽ پرين کي پت رکڻ جي پارت ڪئي آهي

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سڄاڻج سپرين
اصل اواڻن جا، عيب ڍڪين تون ات
اي پرين تنهنجي پت، ” جيئن وِلهيون ڍڪين ولها“
(شاهہ)


هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# يارسڏائي سيڪو

لَا خَيْرَ فِيْ صُحْبَةِ مَنْ لَا يَرٰى لَكَ مَا تَرٰى لَهُ

( هن حديث مبارڪ کي ابن عدي انس کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: ان ماڻهو جي سنگت ساٿ ۾ چڱائي نه آهي جنهن لاءِ تون ته چڱائي سوچين ۽ هو تولاءِ چڱائي نه سوچي.

**سمجهاڻي :** ڏاهي ماڻهو جو ڪم آهي ته هر ڪم ۾ سوچ ويچار ڪري. اهڙي ريت قرب ۽ محبت ، سنگت ۽ صحبت به سٺن ۽ صالحن جي اختيار ڪجي. مفاد پرست ۽ جير ڪاڻ ٻڪري کهندڙ جي پاڇي کان به پاسو ڪجي. دوستي به ڪس ڪسر ڪائيندڙ ۽ وفادر سان رکجي.

جيڪو پرپٺ ڪڏون ڪوتيندو رهي ۽ دوستي جو ننگ نه رکي. رڳو هميشه پنهنجي سوائي جو يار هجي. ان جي دوستي کان ڪوهين دور رهجي ۽ پاڻ بچائجي ۽ ان ۾ ئي ڀلائي آهي. چوٽي آهي ته وفادار دوست سون برابر ۽ مفاد پرست ماڻهو قاتل زهر آهي.

شاهه ڀٽائي به لک جي ڳالهه ڪئي آهي:

” يار سڏائي سيڪو“ جاني زباني
آهي آساني، ڪم پوي ته ڪل پوي
(شاهه)

# وجي ڪجي وس

لَاعَقْلَ كَالتَّدْبِيْرِوَلَاكَالْكَفِ وَلَاحَسَبَ كَحُسْنِ الْخُلُقِ

( هن حديث مبارڪ کي ابنماجه پنهنجن سنن ۾ ۽ البيهقي شعب الايمان ۾ ابوذر کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: تدبير ڪرڻ جهڙو عقل نہ آهي ۽ گناهن کان رڪجي پوڻ پرهيزگاري نہ آهي ۽ سهڻي اخلاق جهڙو حسب نہ آهي.

**سمجهاڻي :** حقيقت ۾ تدبير،ڏاهپ۽ حڪمت عملي، بردباري ۽ سوچ ويچار سان ڪم ڪرڻ ۽ ان ڪم جي انجام ۽ نتيجي تي نظر ڪري دور انديشيءَ کام ڪم وٺڻ کي تدبير چئبو آهي. جيڪو بہ ماڻهو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم بہ غور فڪر، ڏاهپ حڪمت عملي ۽ صلاح تدبير سان ڪندو.تہ سڀ ڪم سهنجا ۽ سولا ٿي پوندا.البت اٻهرائي سان ناڪامي پلئہ پوندي آهي.

هر چڱي عمل جو بنياد پرهيزگاري آهي. مڪروهہ ۽ حرام ڪمن کان بچڻ پرهيزگاري آهي. احتياط ۽ پرهيزگاري ڪرڻ جهڙي ڪابہ تقويٰ نہ آهي. گناهن ۽ حرام ڪمن کان بچڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ:اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ اَتْقَاكُمْ (پ 26 سوره الحجرات آيت 13)

” بيشڪ الله تعاليٰ وٽ توهان مان وڏيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڏيڪ پرهيزگار آهي.“

حسب نسب ۽ ذات پات تي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ ۽ ٻي کي گهٽ سمجهڻ جي اسلام ۾ منع آهي. اصل ۾ سهڻا اخلاق ئي خانداني شرافت آهن. مطلب تہ انسان جي شرافت ۽ عزت ان جي سهڻن اخلاقن ۾ سمايل آهي. ڇاڪاڻ تہ اسلام ۾ ڪاري ۽ گوري، عربي ۽ عجمي تي هڪ ٻي کي فضيلت ڪانهي. پر پرهيزگاري ۽ سهڻا اخلاق ئي خانداني شرافت ۽ عزت جو سبب آهن.

شاهہ ڀٽائي بہ تدبير کي وس ۽ ڪوشش چئي سسئي کي صلاح ڏني آهي.

سيٽن ڪارڻ سسئي، وجي ڪجي وس
جم ورچي ڇڏيين سندو ڳنگن ڳس
ڏوتي ڏيندءِ ڏس، اڳيان پاروچن جو.(شاهہ)

# ڪاند وڏيائي ڪيڻ

لَا فَقْرَ اَشَدُّ مِنَ الْجَهْلِ وَلَا مَالَ اَعَزُّ مِنَ الْعَقْلِ وَلَا وَحْشَةَ مِنَ الْعُجْبِ

(هن حديث کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: جهالت کان وڌيڪ ڪا سڃائي نہ آهي ۽ عقل کان وڌيڪ ڪا ملڪيت نہ آهي ۽ وڏائي کان وڌيڪ ڪا وحشت يا ڏاهيندڙ نہ آهي.

**سمجهاڻي:** علم روشني ۽ انسان جو سينگار آهي. جاهل ۽ بي علم ماڻهو گهڻو ڪري اڻ ڄاڻائي ڪري پيو. جهالت ۽ گمراهي ۾ ڏاڪوڙا هڻندو ۽ گناهن جا ڪم ڪندو. ڪيس ڪابہ ندامت ڪانہ ٿيندي.

علم وارو ماڻهو علم جي برڪت سان هر جڳهہ عزت ۽ مانُ لهندو آهي. علم جي سوجهري سان جڳ کي پيو جرڪائيندو آهي. گويا بي علم سڃو ۽ علم وارو شاهوڪار آهي.

عقل بہ الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي. ماڻهو عقلمندي ۽ ڏاهپ سان ڪم ڪري. خوشحال زندگي گذاريندو آهي. بي عقلي سان سنئون ڪم بہ اونڌو ٿي پوندو آهي. ان ڪري چئبو تہ عقل الله تعاليٰ جي وڏي نعمت ۽ دولت آهي.

شيخ سعدي چواڻي: تڪبر عزازيل را خوار ڪرد. تڪبر ۽ وڏائي، آڪڙ ۽ هوڙيائي اسلام ۾ حرام آهي. مغرور ماڻهو هميشہ ٻين کي گهٽ پيو ڄاڻندو ۽ غريب تي اک ڪانہ ٻڏندي اٿس. انڪري مغرور ماڻهو شيطان وانگر هن دنيا ۾ بہ خوار ۽ آخرت ۾ بہ عذاب ۾ ورتل هوندو. وڏائي واري ماڻهوءَ کان هر ڪو پري ڀڄندو آهي ۽ هو اڪيلو رهجي ويندو آهي.

ٻي پاسي نياز نوڙت ۽ پيار محبت واري ماڻهو ماڻهو کي هر ڪو جيءَ ۾ جايون ڏيندو آهي. شاهہ ڀٽائي بہ چيو آهي.

هون چون ئي تون مَ چئہ واتان ورائي ويڻ
سيني سين سيد چئي، مَن ماري ڪر ميڻ
”ڪاند وڏيائي ڪاڻ“ ڪيني منجهان ڪين ٿئي.
(شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# هٿان تو پيئي

لَا يَجْنِيْ عَلَى الْمَرْءِ اِلَّا يَدُهٗ

( امام بخاري ، امام مسلم، احمد ۽ ابن ماجه هي حديث عمرو بن الاحوص الجشمي  کان انهي معنيٰ سان روايت آندي آهي.)

ترجمو: ماڻهو چٽي پنهنجي هٿن جي ڪري پوندي آهي.

**سمجهاڻي :** انسان کي نفس ڀُڏا ڪم ڪرائي تباهه برباد ڪندو آهي. پوءِ پنهنجي نفس جون چٽيون ڀري پيو لوڙيندو آهي. هر انسان کي پنهنجن هٿن جي ڪمائي سامهون ايندي آهي. جي گناهه جا ڪم ڪندو ته هن دنيا ۾ به خوار، خراب ۽ آخرت ۾ عذاب ڀوڳيندو. پر جيڪڏهن هنن هٿن سان چڱا ڪم ڪندو ته جڳ ۾ نيڪي ۽ آخرت ۾ خوشي ۽ جنت ماڻيندو.

دنيا جو اصول آهي ته” جو ڪري سو لوڙي، جو ڪري سو ڀري“ ايئن ڪونهي ته ”چٽي ٻئي چاڪر تي، ڀر وتايا تون“الله تعاليٰ به قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي، ” نه تو گناهه ڪري انسان، مگر ان جي جزا ان تي آهي ۽ ڪوبه ماڻهو منهن جو بار نتو کڻي“.

وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى( پ ٨ سوره الانعام آ يت 164)

ترجمو: هر ڪو ماڻهو جيڪي به ڪجهه به ڪمائي تو ان جو ذميواري هو پاڻ آهي.ڪوبه بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نتوکڻي.

شاهه عبدالطيف ڀٽائي به سر ڪوهياري ۾ سسئي کي پنهنجي غفلت ۽ ننڊ جي ميار ڏئي چيو آهي.

”هٿان تو پيئي“ تي ڪچو ڪيچين کي ڪرين
(شاهه)

# اُيو آچيو اچ

لَايَكْمُلُ اِيْمَانُ الْمَرْءِ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبَّ لِنَفْسِهٖ

( امام بخاري، مسلم، الترمذي، النسائي ۽ ابن ماجه سيني انس بن مالڪ ڪان روايت آندي آهي.)

ترجمو: ڪامل ايمان وارو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اها شيءِ پسند ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪري.)

**سمجهاڻي :** ڪامل ايمان وارو ماڻهو اهو آهي جيڪو سيني جو خير خواهه ۽ گهڻگهرو هجي. پنهنجي لاءِ هر ڪو چڱو ڪم پسند ڪندو آهي ۽ ايمان دار مومن جي ٻه اها نشاني آهي ته جيڪا شريعت اسلام ۾ شيءِ حلال ۽ جائز آهي. اها پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو ته ٻين مسلمان ڀائرن لاٰ ٻه اها شيءِ پسند ڪري ۽ مومن ٿيڻ جو ثبوت ڏئي.برائي ٻچڙائي ڪان پاڻ ته بچجي. پر پنهنجن عزيزن قريبن يارن دوستن ۽ سيني ماڻهن کي برائي ڪان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪجي. چڱي ڪم ۾ سيني کي ڀاڱي وار ڪري ثواب دارين حاصل ڪجي.

شاهه ٻڌائي ٿو ته ميهار جي روپ ۾ ملاحن کي سڏي رچ وجهڻ جي ڳالهه ٿو ڪري ته آئون پڻ هٿ ٿووجهان.اوهين پڻ ۾ رچ وجهو يعني جيڪو ڪم آئون پسند ٿو ڪريان. اوهان کي ٻه اها صلاح ٿو ڪريان.

ميهار ملاحن کي ”ايو آچي اچ“
آئون پڻ وجهان هٿڙا،اوهين پڻ وجهو رچ
سندي ڪُن ڪڇ، مان هون سلامت سپرين
(شاهه)

# هي جا لياڪا لوڪ جا

لَا يُلْدَغُ الْمُؤْمِنُ مِنْ جُحْرٍ مَرَّتَيْنِ

( هن حديث مبارڪ کي امام بخاري ابن عمر  کان روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: مؤمن هڪ سوراخ مان ٻه ڀيرا نه ڏنگبو آهي.

**سمجهاڻي:** مومن ماڻهو پنهنجي سچائي ايمانداري ۽ ويساهه جي ڪري سيني کي چڱو سمجهندو آهي.پر هن حديث مبارڪ ۾ مکيه اصول ڏسيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪو هڪ دفعو اوهان سان دوکو نڳي يا زيادتي ڪري. ته وري ٻيو ڀيرو ان جي مِٺين ڳالهين تي لڳي.ان جي چڪر ۾ نه اچو ۽ پاڻ بچايو. ڀلا جيڪو هڪ دفعو ڪنهن ٻِر مان ڏنگبو ۽ وري ويندو ان ٻر ۾ هٿ وجهندو. ته اهو عقلمند ته نه چئبو. پر ضدي ۽ هٺ ڌرم ٿيو. جتان دوکو ڪائجي. ان کي بار بار نه آزمائجي.

ميهار ملاحن کي ”ايو آجي اڄ“
آئون پڻ وجهان هٿڙا،اوهين پڻ وجهو رڄ
سندي ڪُن ڪڇ، مان هون سلامت سپرين
(شاهه)

# ڏک مَ پسو ڏوٿيا

لَايَنْتَطِحُ فِيْهَا عَنْزَانِ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن عساڪر ابن عباس  کان آندي آهي.)

ترجمو: ان ۾ ٻہ ڇٽا نہ وڙهن.

مخدوم ٺٽويءَ پاڻ حديث مبارڪ جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي تہ ” حديث ۾ آيل لفظ ” فيها“ ۾ ”ها“ ضمير، يهودي عورت عصماء ڏيءَ مروان ڏي وري ٿو. جيڪا نبي پاڪ ﷺ کي گاريون ڏيندي هئي. پوءِ نابين اصحابي عمير پٽ عدي  ان يهودي عورت کي پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم سان قتل ڪيو.

**سمجهاڻي :** اها يهودي عورت عصماء اسلام ۽ نبي ﷺ جي سخت دشمن ۽ شعر ٺاهي ماڻهن کي پئي ڀڙڪائيندي هئي.

نبي سائين ﷺ جوعاشق اصحابي عمير سڳورو  جيتوڻيڪ نابينو هو.پر دل جو سچو هو. سو چيائين تہ جنگ بدر مان حضور ﷺ جن خير سان موٽي ايندا تہ، ان نبي ۽ اسلام دشمن يهودي عورت کي ماريندس. رات جي وقت يهودي عورت عصماء کي ماري وڌائين. صبح جو نبي سائين ﷺ ان کي فرمايو تہ تون ڪوبہ  ڪنڪو نہ ڪر. يعني توتي ڪوبہ ڏنڊ ڏوهہ ڪونهي.

هلـــو ۽ ملهـــو، ”ڏک مَ پســـو ڏوٿيـــا“.
ســونهون جوســات جــو، ســو مــون هــوت ســلو
آن پــڻ ٿئــي پلــو، آئــون بــہ گــڏجان پــرين کــي
(شاهہ)

# چُپ ڪر چپ مَ چَور

لَعَلَّهُ كَانَ يَتَكَلَّمُ بِمَا لَا يَعْنِيهِ وَيَبْخَلُ بِمَا لَا يُغْنِيهِ

( امام بيهقي شعب الايمان ۾ انس کان هي روايت آندي آهي ۽ الترمذي به هي حديث آندي آهي.)

ترجمو: شايد هن اجايو ڳالهايو هجي ۽ اهڙي شيءِ جو بخل ڪيو هجي. جا ڪيس شاهوڪار نه پئي ڪري سگهي.

مخدوم نتوي سمجهاڻي ۾ چيو ته“ هي قول نبي ﷺ اهڙي ماڻهوءَ جي باري ۾ فرمايو. جيڪو اجايو ڳالهائيندو هو ۽ مال ۾ ڪنجوسي ڪندو هو. پوءِ ماڻهو ان کان بچي ويا ۽ پاسيرا ٿي ويا.

جامع ترمذيءَ ۾ پوري حديث هن ريت آهي:

(شايد جنگ ۾) هڪ اصحاب سڳورو گذارتي ويو، هڪ شخص چيو ته توکي جنت جي مبارڪ هجي. ان تي رسول الله ﷺ فرمايو ته توکي ڪهڙي خبر متان هن اجايو فضول ڳالهايو هجي؟ ۽ اهڙي شيءِ ڏيڻ کان بخل ڪيو هجي. جنهن سان هن کي ڪو نقصان نه ٿئي ها.

**سمجهاڻي:** مقصد ته هن حديث مبارڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته هر ڪو اجايو گهٽو ڳالهائڻ ۽ ڪنجوسپائي نه ڪرڻ گهرجي.

شاهه ڀٽائي به چپ رهڻ ۽ چپ نه چورڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

” چُپ ڪر، چَپ مَ چَور“ پور اڪيون ڏيک ڪن
پـاٽي پـي پيـٽ مَ پـر، رهـــ اڏورو اَن
تـه هوءَ منجهاران مـن، تـنهن جو مشاهدو ماڻيين
(شاهه)

# رتي علم نہ راس

مَا الْمَسْئُوْلُ عَنْهَا بِأَعْلَمَ مِنَ السَّائِلِ

(امام بخاري ۽ مسلم ابو هريره کان روايت آندي ۽ مسلم رڳو عمر بن خطاب کان روايت آندي آهي).

ترجمو: جنهن کان پڇا ڪئي وئي آهي، سو پڇاڪندڙ کان وڌيڪ نہ ٿو ڄاڻي.

مخدوم نتويءَ وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ جبرئيل عليہ السلام نبي پاڪ ﷺ کان قيامت بابت پڇيو تہ قيامت ڪڏهن ايندي؟ ان جي جواب ۾ نبي ﷺ هي جملو فرمايو هو.

**سمجهاڻي:** در حقيقت سڀ علم الله تعاليٰ کي آهي. الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان چونڊيل رسولن کي علم عطا فرمايو آهي. قرآن مجيد ۾ بہ آهي

عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ

(پ ۲۹ سورۃ الجن آیت ۲۷،۲٦)

ترجمو: الله تعاليٰ غيب جون خبرون ڄاڻندڙ آهي. پوءِ اهو پنهنجي غيب تي ڪنهن کي واقف نہ ٿو ڪري، سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي.

سوره آل عمران ۾ ارشاد رباني آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِىْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ

(پ۴ سورۃ آل عمران آیت ۱۷۹)

ترجمو: الله تعاليٰ جو شان نہ آهي جو (عام ماڻهن کي) علم غيب جو ڏئي ۽ ها الله تعاليٰ چونڊي ٿو پنهنجن رسولن مان جنهن کي چاهي.

هلـــو ۽ ملهـــو، “ ڏک مَ پســـو ڏوتيـــا”.
ســونهون جوســاٿ جـو، ســو مـون هـوت ســلو
آن پــڻ ٿئـي پلـو، آئــون بــہ ڳــڏجان پــرين کــي

(شاھ)

# خاموشي خبر تي

## لَيۡسَ الۡخَبَرُ كَالۡمُعَايَنَةِ

( ھي حديث مبارڪ احمد بن حنبل ، احمد بن منيع الطبراني ۽ العسڪري عبدالله بن عباس کان روايت آندي آھي.)

ترجمو: ٻڌل خبر يا ڳالھ ڏٺل جھڙي نہ آھي.

**سمجھاڻي :** گھڻو ڪري ٻڌل ڳالھ پڪ جھڙي نہ ھوندي آھي. ڇاڪاڻ تہ اکين ڏٺل مشاھدو ئي تصديق تيلسچو ھوندو آھي. فارسي ۾ بہ مشھور آھي تہ: ” شنيده کي بود مانند ديده“ يعني ٻڌل ڳالھ ڏٺل برابر ڪيئن ٿي سگھندي؟

قرآن مجيد جي سوره الحجرات ۾ بہ آھي تہ:

يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ جَآءَكُمۡ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوۡۤا اَنۡ تُصِيۡبُوۡا قَوۡمًۢا بِجَهَالَةٍ فَتُصۡبِحُوۡا عَلٰى مَا فَعَلۡتُمۡ نٰدِمِيۡنَ (پ ٢٦ سورة الحجرات آيت:٦)

ترجمو: اي ايمان وارو! جيڪڏھن توھان وٽ ڪو گنھگار ڪا خبر آڻي. تہ پوءِ توھان تحقيقات ڪريو، متان بي خبريءَ ۾ توھان ڪنھن قوم کي تڪليف پھچايو پوءِ توھان پنھنجي ڪيل ڪم تي پشيمان ٿيو.

ھي زندگي گذارڻ، معاملات نبيرڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جو رھنما اصول آھي تہ ھر ڳالھ جي پوري پڪ ڪري پوءِ ان ڳالھ کي مڃو. رڳو ھوائي ڳالھين ۽ افواھن تي مہ لڳو. مومن ھوئڻ بہ سوچويچار ڪندو آھي. پر ايئن ٻڌل ڳالھين تي نہ لڳندو آھي.

”خاموشي خبر تي“ مومل تي مت
صبر ٿيو سپت، منھنجي حق ميندرا
(شاھ)

# من ماري ڪر ميڻ

لَيۡسَ الشَّدِيۡدُ مَنۡ غَلَبَ غَيۡرَهٗ اِنَّمَا الشَّدِيۡدُ مَنۡ غَلَبَ نَفۡسَهٗ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن حيان پنهنجي صحيح ۾ آندي آهي.)

ترجمو: اهو ماڻهو پهلوان نہ آهي. جيڪو ٻي کان ڏاڍو ٿي وڃي.پهلوان اهو آهي، جيڪو پنهنجي نفس کان ڏاڍو ٿئي.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ نفس کي نندڻ ۽ ضابطي ۾ آڻڻ جو ڏس ڏنو ويو آهي. اجائي ويڙهہ تہ ٻورن ڍڳن ۽ جانورن جو ڪم آهي. هر ڪنهن سان زور آزمائي چڱي نہ آهي. پر پنهنجي نفس کي ماري ميڻ ڪجي. اها ئي اصلي بهادري آهي. شيطان انسان جو ازلي دشمن آهي. ان جي چنبي کان پاڻ بچائڻ پهلواني آهي. شريعت پاڪ جي حڪمن تي هلڻ سان نفس نندورو قابوءَ ۾ رهندو ۽ اجائي هوڏ ۽ هوڙ هيائي نہ ڪندو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ من کي ماري ميڻ ڪرڻ ۽ نفس کي نهوڙڻ جو ڏس ڏنو آهي.

هوچون ئي تون مَ چئو، واتان ورائي ويڻ
سيني سين سيد چئي،"من ماري ڪر ميڻ"
ڪانڌ وڏيائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي
(شاهہ)

وڏيڪ نفس کي خچر چئي، ان کي نفي جي خنجر سان نهوڙڻ جوچيو آهي:

لائي خنجر "لا" جو، هن خچر کي هڻ
سڌنم جيون سيد چئي، وٿيون سڀ وڪڻ
پير پروڙي ڪڻ،تہ هلڻ ۾ هوري وهين
(شاهہ)



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# ڏمرو ڏوڪ

لَيْسَ الشَّدِيْدُ بِالصُّرَعَةِ اِنَّمَا الشَّدِيْدُ مَنْ مَلَكَ نَفْسَهٗ عِنْدَ الْغَضَبِ

( هيءَ حديث امام بخاري ۽ امام مسلم ابو هريرهؓ کان روايت آندي آهي.)

ترجمو: اهو ماڻهو بهادر نه آهي، جيڪو ٻي کي دسي، پهلوان ته اهو آهي جيڪو پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطو ڪري.

**سمجهاڻي:** اسالم ۾ صبر ۽ شڪر، تحمل ۽ بردباريءَ جو حڪم آهي. ڪاوڙ شيطاني ٻاهه آهي. ڪاوڙ سان انسان آپي مان نڪري ويندو آهي.رڳون ڦونڊجي وينديون آهن. اکيون سرخ ۽ منهن ڳاڙهو تي بلڊ پريشر هاءِ تي ويندو آهي. طبي اصول موجب گهٽي ڪاوڙ ۽ بلڊ پريشر چڙهڻ سان دماغ جي رڳ ڦاٽي سگهي ٿي. ان ڪري ڪاوڙ کان بچڻ گهرجي. قرآن مجيد ۾ ڪاوڙ ڪائڻ جو حڪم آيل آهي ۽ اها مومن جي نشاني آهي ته ڪاوڙ ڪائي. ماڻهن کي معاف ڪندا آهن.

وَلْكَاظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ(پ۴ سورۃ آل‌عمران آيت ۱۳۴)

ترجمو: (مومن) ڪاوڙ ڪائيندڙ ۽ ماڻهن کي معاف ڪندڙ آهن ۽ الله تعاليٰ نيڪو ڪارن سان محبت رکي ٿو.

عام ماڻهو پهلوان ان کي چوندا آهن. جيڪو ٻي کي ملهه ماري وجي پر اصل پهلواني ڪاوڙ مارڻ آهي. ڪاوڙ ۾ انساني عقل به سلامت نه ٿو رهي ۽ حق ۽ ناحق ۾ به تميز نه ٿي ٿئي ۽ صحيح فيصلو به نه ٿي سگهندو. ٺڌي دل ۽ دماغ.سوچ ويچار سان ئي حق انصاف تي سگهندو ۽ ڪاوڙ ۾ اڪثر غلط فيصلا تي ويندا‌آهن. ان ڪري ڪاوڙ کي ماري، اصلي بهادري ڏيکارجي.

شاهه ڀٽائي به ڪاوڙ ۽ ڏمر کي ننديو آهي.

نمي ڪمي نهار تون، ” ڏمر وڏو ڏڪ“
منجهان صبر سڪ، جي سنواريا سمجهين

ڪاوڙ جو علاج حضور سائين ﷺ هي ٻڌايو آهي ته جي ماڻهو بيٺو آهي ته ويهي رهي. وينل هجي ته ليٽي پوي ۽ وضو ڪرڻ سان ڪاوڙ ڪافور تي ويندي.

# جي نظر تو نيڪ

لَيْسَ لِلْعَامِلِ مِنْ عَمَلِهٖ اِلَّا مَانَوَاهُ

(هي حديث مبارڪ امام قسطلاني، اصحابي ۽ حوالي ڪان سواءِ " المواهب اللدنيه" ۾ آندي آهي.)

ترجمو: عمل ڪندڙ لاءِ نيت کان سواءِ ڪوبہ عمل مقبول نہ آهي.

**سمجهاڻي:** اسلام ۾ سيني عملن جو دارومدار نيت تي رکيل آهي. اڳ ۾ حديث مبارڪ 57 ۾ اهو تفصيل گذري آيو آهي. مطلب تہ چڱي نيت هوندي تہ اجر بہ اهڙو ملندو. "جهڙي نيت تهڙي مراد" " نيت نيڪ مراد حاصل" نيت بري هوندي تہ " نيت بد روٺي بد" يا "نيت جو نانگ، ڪائيندو ڪوٺن ڪي" سنڌيءَ ۾ مشهور پهاڪا آهن جيڪي هن حديث مبارڪ جي معنيٰ ۽ مفهوم جي نشاندهي ڪن ٿا

ڪوڙئين ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪ
" جي نظر تنو نيڪ" تہ بسم الله ئي بس ٿئي.
(شاهہ)

# مري جيءُ تہ ماٺيين

مَاتَ حَتُفَ اَنُفِهِ

( هي حديث مبارڪ جا لفظ امام البيهقي، عبدالله بن عتيڪ کان روايت ڪيا آهن.)

ترجمو: نڪ جي هلاڪت کان مري ويو( يعني پنهنجي موت مري ويو)

مخدوم ٺٽويءَ لکيو آهي تہ راوي چوي ٿو تہ نبي سائين ﷺ کان اڳ ۾ مون هي لفظ ڪنهن بہ عرب کان نہ ٻڌا هئا.

**سمجهاڻي:** لڙائي دوران ماڻهو شهيد ٿي ويو تہ اهو جنتي آهي.جهاد جي ڪوشش ڪندي ڏک ڦٽ کان سواءِ بہ ڪو ماڻهو دم ڏٺي حوالي ڪري تہ ان کي بہ شهادت جو ثواب ملندو. ڇاڪاڻ تہ ان ماڻهو جا شب و روز جهاد جي ڏن ۽ ڪوشش ۽ مصروفيت ۾ گذريا.

مطلب تہ جيڪو جهاد جي ڪوشش ۾ پنهنجي موت مري ويو تہ اهو بہ ثواب جو حقدار آهي ۽ جيڪو ميدان ڪار زار ۾ مري پيو تہ. ان لاءِ بہ جنت آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ روحاني رسالي ۾ چيو آهي تہ الله جي راهہ ۾ شهيد ٿي مرڻ سان جانب جو جمال ملندو آهي.

” مــري جـــيءُ تـــہ مـــاٺيين“ جانـــب جـــو جمـــال
تيـــين هونـــد حـــلال، جـــي پنـــد اهـــائي پـــارين
(شاهہ)

# صبر ۽ شڪر ڪي، هٿ ڪيو مون هاڻ

مَا جُمِعَ شَيْءٌ إِلَى شَيْءٍ أَحْسَنَ مِنْ حِلْمٍ إِلَى عِلْمٍ

( هيءَ حديث مبارڪ الطبراني ” المعجم الاوسط“ ۾ ۽ العسڪري ” جمهرة الامثال“ ۾ علي بن ابي طالب  کان روايت آندي آهي.)

ترجمو:ڪابہ شيءِ ڪنهن بہ شيءِ سان گڏجي، پر ايتري سٺي نہ آهي جيترو علم، بردباري سان گڏجڻ پلو آهي.

**سمجهاڻي :** علم انسان جو زيور آهي. حلم ۽ بردباري سون تي سهاڳو آهي. علم کير آهي تہ حلم ۽ بردباري کنڊ مثل آهي.کير ۽ کنڊ ملڻ سان کير لذيذ مٺو، مقوي ۽ هاضمي دار ٿي پوندو آهي. اهڙي ريت جنهن عالم کي علم سان گڏ حلم ۽ بردباري آهي. تہ گويا ميوي دار ۽ سايي دار فائديمند درخت آهي.

” صبر ۽ شڪر ڪي، هٿ ڪيو مون هاڻ“
پرين اچي پاڻ، پٽي ڪي پڇيج تون
(شاھ)

# شارڪ شڪ مَ ني

مَاحَاكَ فِيْ صَدْرِكَ فَدَعْهُ

( هي حديث مبارلالطبراني المعجم الكبير ۾ ابي امامہ کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: جا شيءِ تنهنجي دل ۾ ڪٿڪي، ان کي ڇڏي ڏي.

**سمجهاڻي:** صحيح مسلم ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کان نيڪي ۽ گناهہ بابت پڇيو ويو؟ نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ نيڪي سهڻي اخلاق کي چئبو آهي. ۽ گناهہ اهوآهي جو تنهنجي دل ۾ پيو ڪٿڪي ۽ ماڻهن کي ان جي خبر پوڻ کي تون ناپسند ڪرين.

تجربو بہ اهو ئي سيکاري ٿو تہ چڱي ڪم ڪرڻ سان دل مطمئن رهندي آهي ۽ گناهہ ڪرڻ تي ضمير پيو ملامت ڪندو آهي. ماڻهوءَ جو نفس شيطان جي چنبي ۾ قاسي گناهہ جو ڪم ڪري ٿو وجهي. ان ڪري دل جي شڪ ۽ ڪٿڪي وارن ڪمن کان پاڻ بچائجي. توبهہ تائب ٿي الله تعاليٰ کان معافي جو طلبگار ٿجي.

مطلب تہ جنهن ڪم مان دل مطمئن نہ ٿئي ۽ ڪٿڪي تہ اهو ڪم نہ ڪجي.شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ڪٿڪي ۽ شڪ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

ڏسڻ جي ڏسين، تہ همہ کي حق چوين
” شارڪ شڪ مَ ني“ انڌا انهي ڳالهہ ۾
(شاهہ)

شاهہ ڀٽائي اجان وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي تہ:

ڏسڻ ڏکان اڳرو، سسئي آڻ مَ شڪ
ٿيءُ ڀانهي، ڀر اوئيون، لڌ مَ پسي لڪ
ور پنهون سين پلڪ، ڪوءِ ڀارهن ماهہ ڀين سين
(شاهہ)

# جن جي ساهڙ سان صلاح

مَا خَابَ مَنِ اسْتَخَارَ، وَلَا نَدِمَ مَنِ اسْتَشَارَ، وَلَا مَنِ اقْتَصَدَ

( هي حديث مبارڪ الطبراني، المعجم ، الاوسط ۽ الصغير ۾ آندي آهي.)

ترجمو: جيڪو ماڻهو استخارو ڪندو، اهو ناڪام نه ٿيندو. جيڪو صلاح مشورو ڪندو سو پريشان نه ٿيندو ۽ جيڪو وچٿرو هلندو سو سڃو نه ٿيندو.

**سمجهاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ زندگي گذارڻ جا ڪي قاعدا ۽ اصول ٻڌايا ويا آهن ته جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن ڪم ۾ منجهي پوي ته استخارو ڪجي يعني ٻه رڪعتون نفل نماز پڙهي استخاري جي دعا گهريسمهي پوي. ته از غيبي ننڊ ۾ ان مشڪل معاملي جو آسان ۽ حل ٿيڻ جو اشارو قدرت طرفان ملي ويندو ۽ دل مطمئن ٿي ويندي.

اهڙي طرح ڪوبه ڪم صلاح مشوري سان ڪبو ته نقصان گهٽ ۽ فائدي جي گهڻي اميد آهي قرآن مجيد ۾ به صلاح مشوري جو حڪم آيل آهي.

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ ( پ 4 سوره آل عمران آيت 159)

ترجمو: (اي نبي) ۽ انهن سان اهم ڪمن ۾ مشورو ڪريو.

مقصد ته هر ڪم ۾ مشورو همدرد وفادار عزيزن ۽ دوستن سان ڪجي ته بهتر.

هر ڪم وچٿري نموني ڪرڻ سان قناعت ڪفايت ۽ برڪت ٿيندي آهي. سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. حديث ۾ به آيل آهي ته ڀلي م ڀلو ڪم وچٿرو آهي. ان جو حديث 71 ۾ تفصيل گذري آيو آهي

پريون پر درياهه، بس جي پار پونديون
ٻڌ توڪل ترهو، آهر سان الله
” جن جي ساهڙ سان صلاح“ سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين

(شاهه)

سنڌ سلامت

# ڏول تنين جي ڏار، هيٺاهيون هلن جي

مَانَقَصَتْ صَدَقَةٌ مِنْ مَالٍ وَمَازَادَ اللهُ عَبْدًا بِعَفْوٍاِلَّا عِزًّا، وَمَاتَوَاضَعَ اَحَدٌ لِلّٰهِ اِلَّا رَفَعَهُ اللهُ

( هيءَ حديث مبارڪ مسلم ، الترمذي ۽ احمد ابوهريره کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: صدقو مال نہ گھٽائيندو آهي ۽ درگذر ڪرڻ سان الله تعاليٰ ٻانهي جي ويتر عزت وڌائيندو آهي ۽ جيڪو الله تعاليٰ خاطر نوڙت ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کي بلند ڪندو آهي.

**سمجھاڻي :** هن حديث مبارڪ ۾ ٻہ زندگي گذارڻ جا وڏيڪ اصول ٻڌايا ويا آهن تہ الله تعاليٰ جي نالي تي ڏيڻ سان مال ۾ ڪوٺ ڪانہ پوندي. ويتر واڌارو ٿيندو. يعني " ڏهہ دنياسترآخرت"

طاقت هوندي ڪنهن ڪ در گذر ڪري معافي ڏيڻ سان ويتر ماڻهن جي دلين ۾ محبت ۽ عزت ۾ واڌارو ٿيندو آهي. ابهرائي ۾ اٽلندو نفرت وڌندي آهي. درگذر ڪرڻ سان الله تعاليٰ آخرت ۾ ٻہ گھڻو اجر ثواب عطا فرمائيندو.

وڏائي ۽ تڪبر تہ حرام آهي.عاجزي انڪساري ۽ نوڙت مومن جي نشاني آهي. جيڪو بہ نياز نوڙت ڪندو تہ الله تعاليٰ ان کي اوترو بلند ڪندو. قرآن شريف ۾ نيڪ ٻانهن لاءِ ارشاد رباني آهي:

وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا ( پ 19 سوره الفرقان آيت63)

ترجمو: ۽ رحمان جا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي آهستي ۽ نوڙت سان هلن ٿا.

شاهہ ڀٽائي بہ هيٺاهين سان هلڻ جو چيو آهي.

سيبائي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرين جي، سهسين ڪن سينگار
" ڏول تنين جي ڏار، هيٺاهيون هلن جي"
(شاهہ)

# پنهون ٿيس پاڻهين

مَاهَلَكَ امْرُءٌ عَرَفَ قَدْرَ نَفْسِهِ

( هيءَ حديث مبارڪ ابن سمعاني پنهنجي تاريخ ۾ علي بن ابي طالب ڪان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: جنهن شخص پنهنجي نفس جو قدر سڃاتو، سو هلاڪت ڪان بچي ويو.

**سمجهاڻي :** نفس ڪي سڃاڻڻ جو مقصد آهي تہ ان ڪي الله ۽ سندس رسول ﷺ جي رستي ”صراط مستقيم“ سان هلائجي. گناهہ ۽ حرام ڪمن ڪان پاڻ بچائجي. ڏاهي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تهنفس تي ضابطو آڻي. ان ڪي شريعت جي قاعدن قانونن موجب هلائي ۽ حرام ڪارين ڪان بچائي. حقيقت ۾ اهائي نفس جي قدر شناسي آهي.

صوفين سڳورن بہ چيوآهي تہ ”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ مطلب تہ جنهن پاڻ ڪي سڃاتو تنهن رب ڪي سڃاتو.

شاهہ ڀٽائي بہ چيو آهي:

نِڳا! پنهنجي نفس ڪي، ڪا سنئين راهہ سونهاءِ
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نفس ڪي سڃاڻڻ وارو

مشهور عربي قول بہ پنهنجي رسالي ۾ هن ريت آندو آهي:

” پنهون ٿيس پاڻهين“ وئو سسئي جو سينگار
”من عرف نفسه فقد عرف ربه“ اهو ئي آچار
جوونڊر ۾ واپار، سو سودو سرئس هِتهين
( شاهہ)

# پر آئون ٻہ اڳيري ٿيان

مَنْ اَبْطَابِهٖ عَمَلَهٗ لَمْ يُسْرِعْ بِهٖ نَسَبُهٗ

( هيءَ حديث مبارڪ ابو هريره ڪان امام مسلم، ابودائود، ابن ماجہ ، امام احمد، العسڪري ۽ القضاعي روايت ڪئي آهي)

ترجمو: جنهن کي پنهنجي عمل پوئتي ڪري ڇڏيو، ان کي سندس نسب تڪڙو نہ ڪندو.

**سمجهاڻي** : قرآن مجيد ۾ ارشاد رباني آهي تہ:

يَاَيُّهَاالنَّاسُ اِنَّا خَلَقْنَاكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَّ قَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوْا اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ اَتْقَاكُمْ

ترجمو: اي انسانو! اسان توهان ڪلي هڪ مرد ۽ هڪ عورت (حضرت آدم ۽ بيبي حوا) مان پيدا ڪيو ۽ توهان کي ڪڙم ۽ قبيلا ڪري پيدا ڪيو تہ توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. بيشڪ الله وٽ وڏيڪ عزت وارو اهو آهي، جيڪو توهان مان سڀ ڪان وڌيڪ پرهيزگار آهي

( پ 26 سوره الحجرات آيت 13)

ذاتيون ،قومون، ڪڙم قبيلاسڀ سڃاڻپ واسطي آهي.چڱو حسب نسب بهتر آهي. جيڪڏهن حسب نسب ٻہ اعليٰ آهي ۽ عمل بہ چڱا آهن تہ پوءِ نور عليٰ نور آهي. باقي رڳو پنهنجي اچي ذات پات تي فخر ڪرڻ ۽ عمل ڪان ٻنهہ عاري ٿيڻ، تہ ان کي نسب تڪڙو نہ ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ شڪل صورت نہ ڏسندو. پر چڱا عمل ئي پرکيندو آهي. هڪ ماڻهو نيڪ صالح ۽ چڱا ڪم دل جي خلوص سان ڪري ٿو. پر سندس ذات اعليٰ نہ آهي تہ خير آهي، مگر اهو صالح شخص آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيندو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٻہ اڳيرو ٿي عمل ڪرڻ جو سعيو ڪيو آهي:

پاڙهي ايندو هوت، "پر آئون ٻہ اڳيري ٿيان"
متان چوي بلوچ، ڪميڻي منجهان ڪين ٿيو
(شاهہ)

# ڪُوڙاوڏائي ڪين ڪي

مِنۡ حُسۡنِ اِسۡلَامِ الۡمَرۡءِ تَرۡكُهٗ مَالَا يَعۡنِيۡهِ

( هن حديث مبارڪ کي الترمذي، البيهقي، الطبراني المعجم الڪبير ۽ الصغير ۾ روايت ڪيو آهي.)

ترجمو: ماڻهوءَ جي اسلامي خوبيءَ مان هيءُ بہ آهي تہ انهي شيءِ کي ڇڏيڏئي، جنهن ۾ ڪوبہ فائدو نہ هجي.

**سمجهاڻي**:انسان جو شان سرس ۽ سوايو آهي. ان ڪري ڪيس اهي ڪم ڪرڻ گهرجن. جن جي دين ۽ دنيا ۾ضرورت ۽ ڀلائي آهي. پنهنجو بہ فائدو. اوڙي پاڙي ۽ قوم ملڪ جو بہ ڀلو ٿئي. باقي اجايون ڳالهيون فضول سڏون ۽ خراب ڪم ڪرڻ سان نہ دنيا ۾ عزت ۽ فائدو ۽ نہ وري ديني ڀلائي ۽ آخرت ۾ ڪا چڱائي آهي.

ڪامل مومن بہ اهو آهي جيڪو سهڻو ڳالهائي ۽ چڱا ڪم ڪري ۽ بي فائدي ۽ اجاين ڳالهين ۽ ڪمن کان تارو ڪري پاڻ بچائي.صبر شڪر خاموشي ميٺ محبت ۽ چڱن گفتن ڳالهائڻ امر نهي ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪوششڪندو رهي. تہ دين دنيا ۾ ڀلائي ۽ ڪاميابي نصيب ٿئي.

سونهان سڏيون ڏين، هن ديواني درياهہ جيون
” ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي“ رڳوسچ سودين
عجز جو اڏ رات ڪي وڪر وهائين
سات نباهيو نين، ثابت انهي سير مان
(شاهہ)

# ٻَن ٻيائي ڪي وجهي، ڪر پريان جي تات

مَنْ غَشَّنَا فَلَيْسَ مِنَّا

( هيءَ حديث مبارڪ امام مسلم صحيح مسلم ۾ ابو هريره کان روايت ڪئي آهي ۽ ابو نعيم ۽ الطبراني ثقن راوين کان ابن مسعود کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: جنهن اسان کي دوکو ڏنو اهو اسان مان نہ آهي.

**سمجهاڻي :** اسلام حق ۽ سچ ، خلوص ۽ ديانتداري سيکاري ٿو. دوکو، ٺڳي، خيانت، ظلم سان مسلمان کي ايذائڻ حرام آهي. اسلام ۾ بنيادي شيءِ خلوص آهي. ايمان ۽ عمل ۾ خلوص، وڻج واپار، ڏيتي ليتي ۽ معاملات ۾ بہ خلوص هئڻ گهرجي. ان ڪري مومن تہ ڪنهن سان بہ هر معاملي ۾ دوکو ۽ خيانت نہ ڪندو آهي.

پوءِ جيڪو بہ مسلمان سان دوکو ۽ فريب ۽ ٺڳي ۽ خيانت ڪندو تہ اهو نبي ﷺ جي فرمان موجب "اسان مان نہ آهي." مسلمان مومن سڏائڻ جو حقدار نہ آهي. انهن ڪڌن ڪرتوتن سان معاشرو برباد ۽ تباهہ ٿي ويندو. ترقي بجاءِ تنزل جي رستي تي وڃي پهچندو. بهتر انسان اهو آهي جيڪو ٻي کي فائدو پهچائي ۽ دوکي ۽ نقصان کان بچائي. دوکيباز مسلم معاشري جو حصو ٿي نہ ٿو سگهي.

شاهہ ڀٽائي بہ دوکي ۽ ٻيائي کي ٻن وجهڻ جو چيو آهي:

کامان پچان پچران، سڙان ساري رات<br>
" ٻن ٻيائي کي وجهي، ڪر پريان جي تات"<br>
(شاهہ)

# تن ۾ تونس پرين جي، پيان نہ ڍاپان

مَنْهُمَانِ لَا يَشْبَعَانِ طَالِبُ عِلْمٍ، وَ طَالِبُ دُنْيَا

( هي حديث مبارڪ الطبراني المعجم الكبير ۾ البيهقي المدخل ۾ ۽ القضاعي عبدالله بن مسعود کان روايت آندي آهي ۽ البزار، ابن عباس کان روايت آندي آهي ۽ امام القسطلاني "المواهب اللدنيہ" ۾ هي حديث آندي آهي. تہ جيتوڻيڪ ضعيف آهي پر مجموعي طريقن سان قوي آهي)

ترجمو: ٻہ حريص اهڙا آهن، جيڪي ڍاپن نٿا هڪ علم جوطالب ۽ ٻيو دنيا جو طالب

**سمجهاڻي:** علم نور آهي.ان جي تمنا سچي طالب ۽ عالم جي نشاني آهي.جيترو بہ ماڻهو علم پرائيندو. ماڻهن کي فيض ڏيڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ ويتر سندس شوق وڌندو ويندو. ان ڪري علم جي طلب هر مسلمان تي فرض آهي. پاڻ سڳورن ﷺ بہ علم جي واڌاري لاءِ دعا گهري آهي:

رب زدني علما (پ 16سوره طه آيت 114)

ترجمو: اي منهنجا پالڻهار! منهنجي علم ۾ واڌارو ڪر.

علم سان گڏ عمل بہ هجي تہ سون تي سهاڳو ۽ دين دنيا ۾ ڪاميابي آهي. علم جي طلب سان الله تعاليٰ راضي ٿئي ٿو.

دنيا جو طالب بہ حريص هوندو آهي. رات ڏينهن مٿا ڪٽا ڏئي، رت ولوڙي دنيا جي طلب ۾ پيو لوڙيندو آهي. هزار هوندا تہ لکن جي لالچ، ڪروڙ هوندا تہ اربن جي اڻ تڻ ۾ سرگردان پيو گذاريندو. رڳو دنيا جي طلب. باقي علم ۽ دين کان دوريءَ ۽ سرڪشي رب جي ناراضپي جو سبب آهي. ها جيڪڏهن دنيا ڪي ديني ۽ چڱن ڪمن ۾ خرچ ڪيو تہ پوءِ فائديمند آهي.

ڪامان، پچان، پچران لچان ۽ لوچان
"تن ۾ تونس پرينءَ جي پيان نہ ڍاپان"
سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿئي.
(شاهہ)

# لاڪي لڄ ڪنئي

مَنْ يَضْمَنْ لِي مَا بَيْنَ لِحَيِيهِ وَمَا بَيْنَ رِجْلَيْهِ اضْمَنْ لَهُ الْجَنَّةَ

( هي حديث مبارڪ امام بخاري ۽ الترمذي روايت ڪئي آهي. حسن بن سعد سڳوري هن حديث کي حسن چيو آهي.)

ترجمو: جيڪو ماڻهو مون کي پنهنجي ٻن جاڙين ۽ ٻن ڄنگهن جي وچارن عضون جي ضمانت ڏيندو، ته آئون ان کي جنت جي ضمانت ڏيندس.

**سمجهاڻي:** زبان جي حفاظت جو مقصد آهي.زبان سان ڪوڙ ٻڌوڙ، گلا غيبت، گارگند، چغلي، عيب جوئي ۽ پرائي پچار نہ ڪجي. هميشہ زبان سان سهڻيون ڳالهيون ڪجن. امر نهي جو پيغام پهچائجي. اها ئي اصل ۾ زبان جي حفاظت آهي.امام غزالي "احياءُ علوم الدين" ۾ زبان جي حفاظت لاءِ لکيوآهي تہ:

" سعيد بن جبير روايت ٿو ڪري تہ نبي ﷺ جن فرمايو تہ: جڏهن صبح ٿئي ٿو. تڏهن سڀ عضوا گڏجي زبان کي چون ٿا تہ اسان جي بچاءَ لاءِ خدا جو خوف رکجانءِ، جيڪڏهن تون سڌيرهيئين تہ اسان بہ سڌا رهنداسون ۽ جي تون ڏنگي ٿئين. تہ اسان جو بہ اهو ئي حال ٿيندو."

اوگهڙ جي حفاظت جو مطلب هي آهي تہ زنا ۽ بدڪاري کان پاڻ بچائجي. حقيقت ۾ انسان کي تباهہ ڪرڻ وارا اهي ٻئي عضوا زبان ۽ اوگهڙ آهن. انهن جي جيڪو بہ حفاظت ڪندو تہ نبي پاڪﷺ ان لاءِ وعدو فرمايو آهي تہ آئون ان جي جنت جي ضمانت ڏيان ٿو. الله تعاليٰ زبان ۽ اوگهڙ جي حرام ڪارين کان سيڪني کي بچائي.

پٺائي صاحب بہ چيو تہ رسول الله ﷺ امت جو بار کنيو آهي يعني مثال طور لاڪيلڄ ۽ ضمانت ڪنئي آهي

"لاڪي لڄ ڪنئيءَ" اسان اوڏٺين جي
ڪندو ڪانہ ٻئي، اڳ وسوڙل آهيان
(شاهہ)

# ڪليون ٿيون ڪنبن

## نُصِرۡتُ بِالرَّعۡبِ

( هن حديث مبارڪ کي امام بخاري روايت ڪيو آهي)

ترجمو: منهنجي رعب جي ذريعي مدد ڪئي وئي آهي.

**سمجهاڻي :** هن حديث مبارڪ صحيح بخاري جي حديث جوٽڪرو آهي نبي ﷺ فرمايو آهي تہ مون کي پنج شيون اهريون مليون آهن جيڪيمون کان اڳ ڪنهن نبي کي نبي مليون آهن.

انهن ۾ پهرين ڳالھ تہ مهيني جي پنڌ تي دشمن رعب جي مدد ملي آهي يعني ايتري پنڌ تي جيڪو بہ دشمن هوندو. سو پاڻ سڳورن ﷺ کان نبوت جي ڏيا ۾ رعب کان پيو ڊجندو هو.

هڪ دفعي دشمن تلوار ڪڍي نبي سائين ﷺ جي مٿان اچي بينو. پاڻ سڳورا ﷺ ننڊ مان سجاڳ ٿيا تہ نبي سائين ﷺ جي ڏيا ۾ رعب کان دشمن جي هٿ مان تلوار ڇڏائجي وئي. الله تعاليٰ پنهنجي نبي ﷺ کي دشمن جي شر کان محفوظ رکيو. پاڻ اڪيلا هوندا هئا يا لشڪر سان پر اها رعب واري غيبي مدد هميشہ ساڻ هوندي هئن. دشمنن نبي سائين ﷺ کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ هزارين سر توڙ ڪوششون ڪيون . پر سندن الله حامي مددگار هو. رعب جي مدد شامل هئي. ان ڪري الله تعاليٰ کين هلاڪت کان محفوظ رکيو.

حديث مبارڪ ۾ باقي چار شيون هي آهن. جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ کي مليون.

1) سموري زمين حضور ﷺ جن لاءِ مسجد ۽ پاڪ ڪئي وئي.
2) حضور ﷺ جن لاءِ غنيمت جو مال حلال ڪيو ويو.
3) شفاعت جو حق پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏنو ويو.
4) حضور ﷺ جن ساري ڪائنات لاءِ نبي ڪري موڪليا ويا. رحمة اللعالمين !
5) شاھ ڀٽائي بہ چيو تہ غيبي رعدجي رڙ سان ڪليون پيون ڪنبن. اها غيبي طاقت ۽ رعب نبي سائين ﷺ کي مليل هو.

ڪٽڪن ڪانڌ چٽ ڪئو، جهڙ پسئو جهٽڪن
سٽيو رڙ رعد جي، ” ڪليون ٿيون ڪنبن“



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

# شادي ڏيندو صحت جي

نِعۡمَتَانِ مَغۡبُوۡنٌ فِيۡهِمَا كَثِيۡرٌ مِنَ النَّاسِ اَلصِّحَةُ وَالۡفَرَاغُ

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽ ٻين ابن عباس کان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: ٻه نعمتون اهڙيون آهن جو گهڻا ماڻهو انهن ۾ دوکي ۾ آهن هڪ چڱ ڀلائي ۽ ٻي واندڪائي.

**سمجهاڻي**: صحت هزار نعمت آهي. صحت سلامت ماڻهو عبادت به گهڻي ڪري سگهندو آهي. جهاد ۾ به صحتمند سگهارو ماڻهو ٻين کي همت ڏياريندو آهي. صحت مند ماڻهو دين جي ڪمن ۾ ڀرپور عملي ڪوششون ڪري اجر دارين حاصل ڪندو آهي، انڪري صحت سلامتيءَ جوقدر ڪجي. سستي ۽ ڪاهلي غفلت ۽ بيڪاري ۾ نه گذجي. پر صحت جو قدر ڪري الله تعاليٰ جو شڪر،روزگار جو سعيو ۽ عبادت ۾ اگرائي ڪجي. ان کان اڳ جو بيماريا‌چي ديرو دمائي ۽ صحت سلامت نه رهي. پوءِ رڳو خالي ڳالهين ڪرڻ مان ڪجهه نه ورندو. ان ڪري چوندا آهن ته ” جيءُ خوش ته جهان خوش“

واندڪائي به نعمت آهي.جو زماني جي گهڻي مصروفيت ڪري عمل ڪرڻ جي توفيق گهٽ ملندي. انڪري واندڪائي جو به قدر ڪجي. رڳو ويهي ويهي وقت نه گذارجي. پر چڱن ڪمن ڪرڻ سان واندڪائي، فراغت جو فائدو وٺجي.

جيڪو ماڻهو صحتءِ فراغت کي الله تعاليٰ جي عبادت ۽ رسول ﷺ جي اطاعت ۾ استعمال ڪندو. اهو ئي دنيا ۽ دين ۾ ڪامياب آهي. باقي صحت ۽ فراغت کي بي فرماني ۾ وڃايائين ته پوءِ اهو دوکي ۾ آهي. صحت ۽ فراغت جو هرخيال ۾ قدر ڪجي.

شاهه يٽائي به چيو ته اج عجيب اچي تندرستي جي مبارڪ ڏيندو:

ڏاريئي دنيا ڪارڻ ڏيهون، تن جو تو نه طبيب
ايندو اج عجيب، ”شادي ڏيندو صحت جي“
(شاهه)

# سوسيوئي ڏوھ

نَهٰى عَنْ قِيْلَ وَقَالَ وَكَثْرَةِ السُّؤَالِ وَاِضَاعَةِ الْمَالِ وَمَنْعٍ وَهَاتِ وَعُقُوقِ الْاُمَّهَاتِ وَوَاْدِ الْبَنَاتِ

( هيءَ حديث مبارڪ امام بخاري ۽امام مسلم، المغيره بن شعبة کان روايت آندي آهي.)

ترجمو: اجاين بحثن (قيل۽قال) گهڻن سوالن ڪرڻ. اجايو مال وڃائڻ، ڪنجوسي ڪرڻ ۽ نہ ونڻ واري مال کي ونڻ ۽ مائرن جي بي فرماني ڪرڻ ۽ ڌيئرن جي جيئري پورڻ کان نبي پاڪ ﷺ روڪيو آهي.)

**سمجھاڻي:** هن حديث مبارڪ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هنن ڇهن ڳالهين کان روڪيو آهي. انهن ڳالهين جي ڪرڻ سان گناھ ٿيندو. ان ڪري انهن سيني گناهن جي ڪمن کان پاڻ بچائي. نبي سائين ﷺ جن قول مبارڪ تي عمل ڪجي.

اجايو بحث مباحثا ۽ ڪوڙيون ڪچهريون نہ ڪجن.

بي فائدا ۽ بنا موقعي پچ پچان ۽ گهڻا سوال نہ ڪجن.

حق حلال جو مال ملڪيت، فضول خرچي ۽ گناھ جي ڪمن ۾ نہ وڃائجي.

الله تعاليٰ جي ڏنل رزق مان جائز خرچ نہ ڪرڻ ۽ بخيلي کان ڪم ونڻ کان بہ روڪيو ويو آهي. پرائو مال هڙپ ڪرڻ کان بہ منع ٿيل آهي.

والدين جي بي فرماني ڪرڻ وڏو گناھ آهي. خاص ڪري ماءُ جي نافرماني ڪرڻ کان جهليو ويو آهي.

عرب نياڻين کي عيب سمجهي، جيئرو پوريندا هئا. ان سخت گناھ جي ڪم يعني نياڻين مارڻ ۽ پورڻ کان بہ روڪيو ويو آهي.

الله تعاليٰ سيني مسلمانن کي سيني گناهن کان محفوظ رکي.

شاھ ڀٽائي بہ چيو تہ ٻانهي کان اڪثر ڏوھ ئي ٿين ٿا. پارس لڳندو تہ سون ٿيو يعني گناھ لهندا.

اٿ ڪرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوھ
جيڪي ٻندو ڪم ڪري "سو سيوئي ڏوھ"
تون پارس آئون لوھ، جي سڄيين تہ سون ٿيان
(شاھ)

# پائي نيڻ نهار

نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ

هيءَ حديث مبارڪ الطبراني المعجم الڪبير ۾ سهل بن سعد ڪان ۽ القضاعي انس بن مالڪ ڪان ۽ عثمان بن عبدالله الشامي، النواس بن سمعان ڪان روايت ڪئي آهي.)

حافظ سخاوي چيو آهي ته هي حديث ضعيف آهي. پر گهڻن طريقن سان قوي ٿي حسن لغيره آهي.

ترجمو: مومن جي نيت سندس عمل کان ڀلي آهي.

**سمجهاڻي:** اسلام ۾ هر ڪم ۾ نيت ڪي وڏو عمل دخل آهي. جيڪو مومن چڱي ڪم ڪرڻ جي نيت ۽ ارادو ڪري. پر ان تي اجان عمل نه ڪري سگهيو. ته به ان کي چڱي نيت ۽ ارادي جو ثواب ملندو. سچي نيت سان عمل ڪرڻ جو به اجر عظيم ملي ٿو. ان ڪي حديث مبارڪ ۾ ارشاد نبوي آهي ته مومن جي نيت سندس عمل کان ڀلي آهي.

شاهه ڀٽائي سر سسئي آبري ۾ اندر جي اڀياس. نيڪ نيت ۽ نيڻ نهار جي ڳالهه ڪئي آهي. جيڪڏهن سچي نيت ۽ نيڻ نهار صحيح آهي ته پوءِ تو ۾ دوست جو ديرو آهي.

وڃين چو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت ڪي
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار
تيءُ ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهون سين پار،
" پائي نيڻ نهار" ته تو ۾ ديرو دوست جو.
(شاهه)

# فائق هليا فردوس ڏي

يَا خَيۡلَ اللّٰهِ ارۡكَبِيۡ

( هي حديث مبارڪ ابو الشيخ ابن حيان ڪتاب ” الناسخ والمنسوخ“ ۾ سعيد بن جبير ڪان ۽ العسڪري انس بن مالڪ ڪان روايت ڪئي آهي.)

ترجمو: اي الڪل جا گهوڙا سوار ٿي.

**سمجهاڻي:** عربي محاوري ۾ يا خيل الله گهوڙي سوپار ڪي چئبو آهي. گهڻو ڪري هي لفظ جهاد جي تياري ڏانهن اشارو هوندا آهن.

امام ابن اثير” اسد الغابة في معرفة الصحابة ۾ وضاحت سان لکيو آهي ته:” هڪ دفعي رسول الله ﷺ گس سان ويا پي ته هڪ انصاري سندن سامهون اچي نڪتو. حضور ﷺ جن ان ڪان پڇيو ته اي حارثه تو صبح ڪيئن ڪيو؟ ان عرض ڪيو ته مون صبح هن حال ۾ ڪيو. ته آئون الله تي پڪو ايمان رکان ٿو. حضور ﷺ جن فرمايو ڏس ڇا چئي رهيو آهين.هر ڳالهه جي هڪ حقيقت هوندي آهي.

تنهن تي ان جوان اصحابي عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ منهنجي دل دنيا ڪان بيزار ٿي پئي آهي. سجي رات جاڳندي گذاريندو آهيان ۽ سجو ڏينهن اڃيو رهندو آهيان. ڄڻ آئون پنهنجي پروردگار جو عرش ظاهر ظهور ڏسي رهيو آهيان ۽ جنت وارن کي به ڏسان پيو ته هڪ ٻئي سان ملي رهيا آهن. دوزخين کي به ڏسان پيو ته دوزخ ۾ دانهون پيا ڪن.

نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته هن ڳالهه تي قائم رهه. تون اهڙو ٻانهو آهين جو الله تعاليٰ ايمان کي تنهنجي دل ۾ روشن ڪري ڇڏيو آهي.

ان تي هن جوان اصحابي عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ منهنجي لاءِ شهادت جي دعا گهرو.

پوءِ رسول الله ﷺ ان لاءِ شهادت جي دعا گهري. هڪ دفعي اعلان ڪري سوارن کي سڏيو ويو. سڀني ڪان پهريان جيڪو گهوڙي سوار جنگ لاءِ سڏ تي سنبري آيو. اهو اهو ئي اصحابي ( حارثه) هو. لڙائي ۾ سڀني ڪان اول جيڪو گهوڙي سوار شهيد ٿيو. سو اهو ئي (حارثه) اصحابي هو.



هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم

جڏهن هن جي شهادت جي خبر سندسماءُ (ربيع ڏي نضر) کي ملي. تہ هوءَ نبي پاڪ ﷺ وٽ آئي ۽ عرض ڪيو:

يا رسول الله ﷺ منهنجو پٽ (حارثہ) جنت ۾ هجي تہ نہ روئان. صبر ڪريان جيڪڏهن دوزخ ۾ هجي تہ جيسين حياتي (ڏکہ) روئندي رهان.

ان تي رسول الله ﷺ فرمايو اي ام حارثہ تنهنجي پٽ لاءِ هڪ جنت نہ پر گهڻيون جنتون آهن ۽ حارثہ جنت الفردوس ۾ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي اها خوشخبري ٻڌي ان جي ماءُ خوش ٿي کلندي واپس ٿي ۽ چوندي پي وئي تہ اي حارثہ توکي مبارڪ هجي.

الله جي راهہ ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائي ۽ گهوڙن تي سوار ٿي جنگ ڪرڻ. غازي ٿي موٽڻ يا شهيد ٿي وڃڻ وارن جو اهو ئي شان ۽ مرتبو ماڻُ آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ اڳ ۾ ايندڙ گهوڙي سوار حارثہ اصحابي سڳوري جي ماءُ کي جنت الفردوس جي مبارڪ ڏني.

سوري آ سينگار، اصل عاشقن جو،
مڙڻ موٽڻ مهڻو، ٿيا نظاري نروار
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو
(شاهہ)

*

جنت سندين جوءِ، "فائق هليا فردوس ڏي"
فاني ٿيا في الله ۾ ، هو سين ٿيا هوءِ
رب ڏيکارئين روءِ، انهن جي احسان سين
(شاهہ)

*

# سنڌ سلامت
# ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com
هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ قائم